

سنڌي سماج
نفسياتي اصطلاحن جي آئيني ۾
ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ

سنڌي سماج
نفسياتي اصطلاحن جي آئيني ۾

ڊاڪٽر غفور ميمڻ

سچائي اشاعت گھر، دڙو/حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

سچائي اشاعت گھر جو کتاب نمبر 131هون

ڪتاب جا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو: سنڌي سماج: نفسياتي اصطلاحن جي آئيني ۾
موضوع:
ليکڪ: ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
چاپو پهريون: نومبر 2017ع
ٽائيٽل: اسدالله پٹو
ڪمپوزنگ/لي آئوٽ:
چپائيندڙ: سچائي اشاعت گھر دڙو – حيدرآباد
چپيندڙ:

Catalogue Reference
Memon Ghafoor Dr.
Sindih Samaaj- Nafsyati Istilahan j Aeny men
Social psychology
Sindhi Language
ISBN: 978-969-7788-02-6

ارپنا

ڊاڪٽر فزا خان (سائڪاٽرسٽ) جي نالي
جنهن منهنجي زندگيءَ کي نئون رستو ڏيکارڻ
۾ مدد ڪئي
ءِ
ڊاڪٽر عنايت مگسي (سائڪاٽرسٽ) جي نالي
جيڪو واقعي پنهنجي پيشي سان سچو ءِ
هن سماج کي سمجهندڙ ڊاڪٽر آهي

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"سنڌي سماج: نفسياتي اصطلاحن جي آئيني ۾"** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب نامياري ليکڪ ۽ محقق **ڊاڪٽر غفور ميمڻ** جو لکيل آهي.

هيءُ ڪتاب نفسياتي الف ب متعلق هڪ ننڍڙي ڪوشش آهي، جنهن ۾ عام موضوعن ذريعي سنڌي سماج کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، باقي پڙهندڙ انهيءَ کي ڪيئن ٿو ڏسي، اهو سندس نفسياتي ڪيفيت تي ڇڏيل آهي.

هي ڪتاب سچائي اشاعت گهر درٻو پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون ڊاڪٽر غفور ميمڻ صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڈيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فهرست

عنوان	صفحو
پنهنجي پاران	8
Self reflective reading	11
مهاڳ	19
تعارف	24
1. علم نفسيات جا بنيادي اصطلاح	31
• شعور (Conscious)	
• تحت الشعور (Pre-conscious)	
• لاشعور (Un-conscious)	
• اڊ ID	
• انا (EGO)	
• عظيم انا (Super Ego)	
• مونجهارا (Complexes)	
• ايڊيپس مونجهارو (Oedipus Complex)	
• لبيڊو (Libido)	
• ذهني ڊهاڻ ۽ ذهني توازن بگڙڻ	40
Psychotsis and neurosis Disorders	
2. جبلت مرگ ۽ جبلت حيات	49
• پاڪستان ۾ جبلت مرگ	
3. احساس ڪمتري (Inferiority Complex)	55
• جديد سماج ۾ احساس ڪمتري	
• سنڌي سماج ۾ احساس ڪمتري	
• منفيت Negativity	

4. شخصيت جو بحران ۽ ائبنارملٽي 74
- شخصيتن جا نفسياتي خلل

5. نيورو لنگئسٽڪ پروگرامينگ 82
6. شهري قدرن جي سکيا نہ هجڻ 89
7. هيروازم 92
8. انڪار جي اهميت 94
9. پيار جو تصور 98
(i) پاڻ تسليم ڪرائڻ
(ii) پنهنجي خودي جو ٻوجھ سريندر ڪرڻ جي خواهش
(iii) پنهنجي آزاديءَ جو بي پناھ ٻوجھ ٻئي تي رکڻ
(iv) ڪنهن نئين دنيا نئين ڪائنات تسخير ڪرڻ جي خواهش
(v) بي خوديءَ ۾ وڃڻ جي خواهش
(vi) جنسي پيار جي خواهش
10. رومانس ڇا آهي؟؟ Romanticism 112
- رومانويت جي نئين وصف
- رومانويت ۽ نفسيات

11. وجودي فڪر جو نفسياتي جائزو 119
12. خوشبو، رنگ ۽ نفسيات 124
13. ڇا انسان جو بنيادي مقصد طاقت حاصل ڪرڻ آهي؟ (الفريد ايدلر) 130
14. ڪارل مارڪس، سگمنڊ فرائيڊ ۽ سارتر وٽ جدلياتي فلسفي جي هڪجھڙائي 140
15. جيون هڪ بي معنيٰ سوال 147
16. وجود کان وحدت الوجود تائين (سنڌي سماج ۽ ادب جو بنيادي فڪر) 154

پنهنجي پاران

علم نفسيات انساني سياڻ، وهنوار، عادت ۽ رويي جو علم آهي. جنهن سماج ۾ اسان رهون ٿا، اهو 80 سيڪڙو ائبنارمل سماج آهي، جوتہ نارمل سماج لاءِ ڪجهہ اصول، پابنديون، قانون ۽ قدر هوندا آهن. ڇڙواڳ سماج هجي، گهر هجي يا فرد هجي، اهو هرگز نارمل نٿو ٿي سگهي. اسان وٽ جمهوريت جي نالي ۾ جيڪو ڇڙواڳيءَ جو طوفان آهي، انهيءَ ۾ اسان جي نارمل نفسيات لڙهي ويئي آهي. ٽيڪنالوجي جي ٻوڏ اچي ويئي آهي، پر استعمال لاءِ ڪوبہ قانون يا ڊسيپلين ناهي. اسان جو نوجوان نسل تہ ڊجيٽلائيزڊ روبوٽ بنجي ويو آهي، جنهن وٽ قدر ناهن، رشتا ناتا ناهن، پيار محبت ۽ سهپ ناهي. 1960ع- 1970ع وارو نسل انهيءَ راند ۾ پاڻ کي شامل ڪري بہ ٿو تہ نٿو بہ ڪري، جوتہ هن سهپ، همدردي، پيار ۽ قدرن وارو سماج ڏٺو هو. هي نسل بہ واڌي تي ٻڌتر ۾ ڊپريس ٿيو وڃي، پر ڪيس احساس آهي تہ هيءَ ائبنارملٽي آهي. ٻيو نسل ائبنارملٽي کي ئي نارملٽي سمجهي ٿو.

سنڌي سماج ڪري چڪو آهي. ڇڙواڳيءَ جو شڪار ٿي چڪو آهي، ماڻهن کي پنڻ تي هيرايو ويو. قبضہ گيري، گنڪو، نرو ۽ لاغرض زندگي ماڻهن جي نس نس ۾ سرايت ڪري ويئي آهي. ڪرپشن هميشہ مٿان کان هيٺ ايندي آهي. جڏهن قانون تي عمل نٿو ٿئي تہ انهيءَ جو ذميدار قانوني عملو ۽ تڪ جو چونڊيل نمائندو آهي. جڏهن اسڪول ۾ ماستر نٿو پڙهائي تہ تعليم ڪاتي جا آفيسر ذميدار آهن. جيڪڏهن بيلدار، يا ميونسپالٽيءَ جو عملو ڪم نٿو ڪري تہ تڪ جو چونڊيل نمائندو ذميدار آهي.

سڃو مسئلو ڊسيپلين ۽ قانون تي عمل جو آهي، جڏهن وڏيرا ڪرپٽ هجن ۽ ڪرمنل پالين تہ پوءِ ڪرپشن کي ڪير روڪيندو. جڏهن ٽرانسپورٽ جو ڪاروبار يا جعلي دوائن جو ڪاروبار اعليٰ عملدارن جو هجي تہ پوءِ ان کي ڪير روڪيندو. جڏهن ڪنهن سياستدان جو ٺيڪيداريءَ ۾ حصو پتي هوندو تہ ڪم ڪٽان صحيح ٿيندو. تنهن ڪري ڪريل سماج کي سڌارڻ جي ضرورت آهي، اهو آهي سخت ڊسيپلين، سخت قانون ۽ سزا.

مسئلو اهو ناهي تہ سماج بيمار آهي، مسئلو اهو آهي تہ انهيءَ بيماريءَ کي تسليم نٿو ڪيو وجي، تہ پوءِ علاج ڪيئن ٿيندو؟ اسان جي سماج ۾ ڊاڪٽر پنهنجي مسيحائي وارو ڪردار وساري ڪاسائي بنجي ويو آهي. اسپتالون ڪوس گهر جو ڏيکاءُ ڏين ٿيون. نفسياتي ڊاڪٽرن وٽ قطارون لڳل آهن، پر ڊاڪٽر صرف ڪلارڪي ڪم ڪن ٿا، يعني دوائن جا پرچا لکيو مريضن کي ڏين. Psycho Theropy هڪ اٽلي ۽ مهانگو علاج آهي. 50 سيڪڙو ماڻهن جي نفسيات جي ڊاڪٽرن تائين پهچ ئي ڪونهي، باقي 80 سيڪڙو ماڻهو پاڻ کي نفسياتي بيمار سمجهن ئي ڪونہ ٿا. صورتحال اها آهي تہ سڄن نفسياتي ڊاڪٽرن جي ڪوٽ آهي ۽ عام ماڻهوءَ تائين رسائي ناهي. ان کان علاوه ماڻهن ۾ شعور ئي ڪونهي، تہ هنن کي غصو، مَ سهپ، جهيڙو ڪرڻ، هر وقت ڪروڌ، بوريت، جنون، گهٽو سمهڻ يا ننڊ نہ اچڻ، اجايو مقابلي بازي ڪرڻ، گهر ۾ جهيڙو ڪرڻ، ڪو سندن نفسياتي مسئلو آهي.

علم نفسيات جي موضوع تي سنڌيءَ ۾ تمام گهٽ مواد ملي ٿو. آءٌ سمجهان ٿو تہ پرائمري اسڪول کان ڪاليج تائين علم نفسيات جو موضوع لازمي سبجيڪٽ طور پڙهائڻ گهرجي. اڄ جي

دور جي اهم ضرورت آهي تہ ماڻهو پنهنجي ڪيفيت کي سمجهي ۽ سماج کي سمجهي، نہ تہ دنيا عالمي پاڳل خانو بنجي ويندي.

هيءُ ڪتاب نفسياتي الف ب متعلق هڪ ننڍڙي ڪوشش آهي، جنهن ۾ عام موضوعن ذريعي سنڌي سماج کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، باقي پڙهندڙ انهيءَ کي ڪيئن ٿو ڏسي، اهو سندس نفسياتي ڪيفيت تي ڇڏيل آهي.

آخر ۾ آئون ڊاڪٽر شاهنواز دل ۽ ذوالفقار هاليپوٽي جو شڪرگذار آهيان، جنهن هن ڪتاب تي 'بہ اکر' لکيا. ساڳئي وقت سائين جامي چانڊيي جي بہ مهرباني، جنهن ڪتاب جي پوئين سرورق لاءِ بہ اکر لکي ڏنا. سائين يوسف سنڌي ۽ سائين امين لغاريءَ جو بہ ٿورو مجيندس، جن هن ڪتاب جي سنوارڻ ۽ پروف ڏسڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي.

ڊاڪٽر غفور ميمڻ

Self reflective reading

هڪ پڙهندڙ پنهنجي مطالعي هيٺ آيل/ ايندڙ علم مان شعوري توڙي لاشعوري طور گهڻو ڪجهه پرائي ٿو. ڪي ڪتاب يا لکڻيون سندس احساسن، جذبن، ذهني ۽ جسماني ڪيفيتن تي فورًا اثر ڪنديون آهن، ته ڪي تحريرون سندن فڪري توڙي تخليقي صلاحيتن تي آهستي آهستي اثرانداز ٿينديون آهن. ڪي ڪتاب پڙهندڙ کي هڪڙي لحظي ۾ پاڻ پڌائڻ، خوش ٿيڻ يا احساس برتريءَ جهڙي رويي ۾ جڪڙيو ڇڏين، ڇاڪاڻ جو اهي لکڻيون سندس روحاني، نفسياتي توڙي سماجي ڪيفيتن تي مڪمل طور نهڪي اچن ٿيون. ڪجهه لکڻيون وري ساڳئي ماڻهوءَ کي ڪڙيون حقيقتون محسوس ٿينديون آهن، جو اهي سندس اندر ۾ موجود ڪيترن ئي منفي لاڙن، رجحانن، قدرن ۽ روين جو عڪس هونديون آهن.

انسان ۽ سماج هڪ ئي سکي جا ٻه رخ آهن. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ انساني سماج جو رشتوايترو ته ڳُتيل (Integrated) ٿي ويو آهي، جو هاڻي سماجي سائنس کان وٺي ميڊيڪل توڙي ٻين شعبن تائين جيڪو به علمي، فڪري، سائنسي، فلاسافيڪل بحث آهي، سو انساني سماج جي لاڳاپي جي گرد ڦري ٿو. يقينًا ان بحث ۾ ماحوليات ۽ هن ڪائنات جو ٻيو پيڪيج به اچي وڃي ٿو.

جڏهن اڄا سماج جڙڻ شروع ٿيا هئا ۽ ڇڙواڳ ۽ ڇڙوڇڙ ماڻهو هڪ سرشتي هيٺ رياست، قانون ۽ ڪي ضابطا ۽ اخلاق طئي ڪرڻ لڳو هو، ته ان وقت ماڻهوءَ بابت بحث سڄو هن جي نظر ايندڙ جسماني حقيقتن تي هو، جنهن کي اسين طبعياتي بحث ۾ چئي ٿا سگهون. مثال طور: ڪو وڏو حادثو يا بحران ايندو هو، ته ان بحران يا حادثي جي نفسياتي، روحاني، ذهني توڙي فڪري حقيقتن تي ڏيان ڏيڻ بدران ماڻهوءَ جي جسم يا بدن جو گهڻو خيال

ڪيو ويندو هو. جيئن جيئن دنيا جديد نظرين ۽ فڪري لاڙن ڏانهن وڌي، تہ انسان جي هجڻ جي حقيقت جي پيڪيج ۾ ان ڳالهہ تي بہ بحث شروع ٿيو تہ انسان جي جسم سان گڏوگڏ هن جو روح بہ هڪ حقيقت آهي، جنهن تي انسان جي ذهن ۽ نفسيات کي سامهون رکي بحث هيٺ آڻي چيد ڪري سگهجي ٿو ۽ ائين دنيا جي مادرن ٿيٽ سان گڏوگڏ اهي بحث بہ مادرن ٿيندا ويا.

مشهور سماجي سائنسدان مائيڪل ڪرسلي پنهنجي ڪتاب "Narrative Psychology- Self, Trauma and the Construction of Meaning" جي هڪ باب "Theories of Self and Identity" ۾ لکي ٿو تہ جڏهن ماڻهوءَ جي جسماني ۽ فڪري قد کاٺ جو قدر نہ هو، تہ ماڻهوءَ جي روح، فڪر، نفسياتي ۽ فڪري لاڙن ۽ ٻين احساسن بابت کا گهڻي ڄاڻ ئي نہ هئي، تنهنڪري اهي بحث Unchallangeable Frameworks ۾ رهيا ۽ پوءِ جيئن جيئن سماج ترقي ڪئي، تہ اهو انساني ذهن ئي هو، جنهن ڪائنات جي گوناگونيت، مختلف سماجن جي اوسر ۽ ماڻهوءَ جي ترقيءَ ۾ انساني ذهن جي ڪنٽريبيوشن بابت حقيقتن کي پرکيو ۽ پوءِ جسم سان گڏوگڏ ذهن ۽ انساني نفسيات بہ اوتري اهميت ماڻڻ شروع ڪري ڏني.

مثال طور ڪو وقت هو تہ جنگين ۾ لکين ماڻهو مري ويندا هئا ۽ ماڻهوءَ کان وڌيڪ جاگرافي ۽ زمين ۽ قدرتي وسيلن جو قدر هوندو هو. جيئن جيئن سماج ترقي ڪئي، تيئن تيئن اها حقيقت بہ کلي تہ انساني علم ۽ عقل، فڪر ۽ فهم بہ هڪ اهڙو قدرتي وسيلو آهي، جنهن جو قدر ڪري سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جي زندگيءَ کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو. جنهن جو مثال هي آهي تہ اڄ دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ ڪنهن مهذب ملڪ جو ڪو اڪيلو فرد بہ ڏڇي ۾ آهي، تہ پوري رياست اڇي ڪڙڪندي آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هاڻي هڪ فرد واحد بہ پوري سماج کي لوڏي سگهي ٿو.

هي سڀ خيال ان وقت ذهن ۾ تري آيا، جڏهن مون ڊاڪٽر

غفور ميمڻ صاحب جي ڪتاب "سنڌي سماج: نفسياتي اصطلاحن جي آئيني ۾" جو مسودو پڙهڻ شروع ڪيو. اهو مسودو تخليق جي نفسياتي ۽ فڪري اڀياس سان گڏوگڏ ان جو سنڌي سماج سان ڳانڍاپو بابت هڪ انتهائي اڪيڊمڪ مواد هو. نفسيات ۽ فلاسافي ڏکيا موضوع هئڻ ڪري اسان وٽ رائج مشهور ادب ۾ ڪا گهٽي جاءِ ان ڪري نه نه والاري سگهيا آهن، جو تمام پنتي پيل سنڌي سماج اڄ نه ڪيترن ئي فڪري ۽ نفسياتي سببن ۽ سياسي توڙي سماجي زوال جي ڪري موضوعي رويا رکندڙ سماج آهي. معروضي رويا اڄ اسان کان سوين ميل پري بينل آهن.

ڊاڪٽر صاحب جو ڪتاب هڪ سيلف ريفليڪٽو ريڊنگ آهي، جنهن ۾ ڪنهن ناول، ڪهاڻي، افساني يا نظم کي پڙهي رومانوي ڪيفيت ۾ مبتلا ٿيڻ بدران پڙهندڙ کي سماج ۽ ماڻهوءَ جي تعلق جي مختلف لاهن چاڙهن بابت هڪ معروضي جاڻ ڏني وئي آهي. هن قسم جي لکڻين جو رواج اسان وٽ گهٽ آهي، تنهنڪري اهڙي ادب جي مجتا نه پري ٿي، پر ان کي رڳو جوڳي جاءِ ڏيڻ نه اسان لاءِ وڏو چئلينج آهي.

مثال طور اڄ سنڌي سماج کي جيڪي بحران ۽ چئلينج درپيش آهن، سي هن سماج ۽ ان ۾ رهندڙ ماڻهوءَ جي سماجي، اقتصادي، سياسي ۽ جاگرافيائي حقيقتن جي جائزي سان گڏوگڏ ان جي نفسياتي، فلاسافيڪل ۽ فڪري رجحانن جو فڪري ڇيد نه ڪنداسين، تہ اسان هن دور جديد ۾ ڪيئن اڳيان وڌي سگهنداسين. اهو ڪم بنيادي طور تي سماجي سائنسدانن جو آهي، تہ هو انهن موضوعن تي ٽيڪاٽپٽي ڪري، ڪي دڳ ڏسي. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحب انهن مان ڪيترن ئي اهڙن روين ۽ رجحانن تي لکيو آهي، جيڪي بظاهر هڪڙي فرد جي نفسيات سان جڙيل آهن، پر غور سان وڏي فريم ۾ ڏسجي تہ اهي فردي ۽ شخصي رويا ۽ نفسيات، اسان جي گڏيل مفادن، اجتماعي ڪيفيتن ۽ مجموعي شناخت جي معاملن

تي اثرانداز ٿين ٿا. مثال طور سنڌي سماج ۾ اهو بحث عام آهي ته سياست کان وٺي علمي ادبي حلقن تائين سنڌ جو باشعور طبقو گهٽي وقت تائين گڏ هلي سگهڻ جي صلاحيت يا طبعيت نٿو رکي. ۽ هو جلد ئي مختلف گروهن ۾ تقسيم ٿي ٿو وڃي. هاڻي اهو بحث ته عام جام آهي ۽ ماڻهو ٿهڪ ڏيندي به اهو بحث ڪن ٿا ته ڪنهن مهل انتهائي افسردگيءَ ۾ به ان ڪمزوريءَ تي ڳالهائين ٿا، پر ڇا ان ڪيفيت مان نڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪو علمي يا فڪري بحث مباحثو ٿيو آهي، يا ان ڪمزوريءَ جي نفسياتي سببن تي ڪو سنجيده ٽاڪرو ٿيو آهي.

ڊاڪٽر صاحب ڪن بنيادي انساني ڪيفيتن کي، جيڪي اڻيان هلي ڪنهن به سماج کي ناهڻ يا ڊاهڻ، اڻيان وٺي وڃڻ يا نقصان پهچائڻ جو سبب بڻجن ٿا، تي سڀ کان پهرين عمومي بحث ڪيو آهي ۽ پوءِ ان بحث کي سنڌي سماج جي فڪري ۽ علمي اوسر جي بحث سان جوڙي هڪ اهڙي سڃي لکڻي ڏني آهي، جو اسان سولائيءَ سان ان فريم ۾ پاڻ کي وجهي اهو سمجهي سگهون ٿا ته اسان جا مسئلا ڪهڙا آهن ۽ انهن مان نڪرڻ جا حل ڪهڙا ٿي سگهن ٿا. هڪ سڃي ليکڪ جو اهوئي ڪمال هوندو آهي ته هو جنرل ڊبيٽ يا عمومي تصورن تي اڪيڊمڪ بحث مباحثو ڪري، پوءِ ان کي پنهنجي ماڻهن يا سماج سان ائين جوڙي، جو پڙهندڙ ان لکڻيءَ کي پنهنجي عروج ۽ زوال جي تناظر ۾ ڏسي، مستقبل لاءِ کا پيشقدمي جوڙي سگهي، اها پيشقدمي هڪ سنو خيال به ٿي سگهي ٿي ته ڪو عملي پورهيو به ٿي سگهي ٿو.

مثال طور هن ڪتاب ۾ شعور، لاشعور، تحت الشعور ڇا آهي، انا، مونجهارا، ذهني ڊهاڻ جهڙين ڪيفيتن جا سماجي ۽ نفسياتي سبب ڪهڙا ٿي سگهن ٿا، احساس ڪمتري، منفي توڙي مثبت ڇٽاييٽي، پيار جو تصور، هيروازم، رومانويت، وجودي فڪر وغيره جهڙن موضوعن تي بنهه سادي ۽ فهميدي انداز ۾ آرگيومينٽ ڪيو

آهي، جنهن نہ رڳو مون کي هي ڪتاب پڙهڻ لاءِ اتساهيو، پر گڏوگڏ هن ڪتاب مون کي هڪ اهڙو آئينو ڏيکاريو، جيڪو هڪ عام شهريءَ جي حيثيت ۾ مون کي روزمره جي ڪرت، احساسن ۽ روين بابت هڪ آئينو ڏيکاري ٿو.

پاڻ کان ڪمزور سان معتبريءَ سان پيش اچڻ ۽ پاڻ کان معتبر سان عاجزيءَ سان پيش اچڻ واري نفسياتي لاڙن بابت ٻہ هن ڪتاب ۾ هڪ اهڙو زبردست بحث موجود آهي، جيڪو اڄوڪي سنڌي سماج جو سڀ کان وڏو بحران آهي. مثال طور اسين هڪ بي ڪردار ۽ ڪرپٽ وڏيري کان متاثر ٿيون ٿا، پر هڪ عالم فاضل اسڪول ٽيچر کان متاثر ٿيڻ لاءِ تيار ناهيون. اسين انگريزي ٻوليءَ کان تہ متاثر آهيون، پر پنهنجي ٻارن کي اسڪول ۾ مادري ٻولي ڳالهائڻ کان منع ڪيون ٿا. اهي ڪجهہ اهڙا رويا آهن، جيڪي نہ رڳو ڪتاب ۾ بحث هيٺ آهن، پر گڏوگڏ اسان جي اڄوڪي سماج جا بنيادي بحران ٻہ آهن.

منهنجي نظر ۾ انهيءَ جو بنيادي سبب اسان جو اقتصادي سرشتو ۽ سوشل ڪرافٽ آهي. جيئن ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب ۾ بحث ڪيو آهي، سا ڳالهہ ٻہ آڻڻ هتي ورجايان ٿو تہ اهو معاملو فرد ۽ رياست يا انساني سماج جي وچ ۾ قائم سماجي ڳانڍاپي جي فلسفي يا اصولن تي پاڙي ٿو. جيڪي رياستون انسان کي سيني کان اتم سمجهي ايريون، سي اڄ مادرن ۽ ائڊوانس سماج سڏجن ٿا ۽ جتي انساني ذهن ۽ فڪر جو قدر ناهي، اهي اڄ ٻہ سنڌي سماج وانگر ڪيترن ئي بحرانن جي ور چڙهيل آهن.

هن ڪتاب ۾ ڪيترائي محقق، فلاسافرز ۽ سماجي سائنس جا عالم ڪوٽ ٽيل آهن، انهن جي ڪوٽيشنز کي پڙهندي، انهن علمن بابت ڄاڻ ٻہ هن ڪتاب جو هڪ اضافي مورچو آهي. مثال طور ڪارل مارڪس کان وٺي فرائيڊ تائين جيڪي ٻہ وڏا اسڪالر، انساني سماج جي ڳانڍاپي تي ڳالهائين ٿا، انهن جو بحث هڪ وڏو خزانو

آهي.

اسين عام طور تي لفظ 'شعور' کان مراد علم ۽ ڄاڻ وٺندا آهيون، پر هن ڪتاب ۾ واضح وصف ڏني وئي آهي ته شعور جي مراد ماڻهوءَ جا ڪامن سينس آهن. احساس ڪمتري بابت لکيل صفحن ۾ ڊاڪٽر صاحب خوبصورتيءَ سان ورهاڱي کان وٺي اڄ تائين سنڌي سماج ۾ آيل مختلف لاڙن ۽ بحرانن کي ڪوٽ ڪري، احساس ڪمتريءَ جهڙي بظاهر هڪ انفرادي ڪيفيت جي، اسان جي اجتماعي ترقيءَ تي پوندڙ منفي اثرن بابت هڪ متاثر ڪندڙ بحث پيش ڪيو آهي. هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ ڊاڪٽر صاحب ڪافي جاين تي مرشد پٽائي کان وٺي ڪرشن چندر تائين اهڙا ليکڪ به ڪوٽ ڪيا آهن ۽ سندن لکڻين کي هڪ مخصوص پيرائي ۾ پيش ڪيو آهي، ته جيئن پڙهندڙن کي اها خبر پئجي سگهي ته اهي ليکڪ بنيادي طور انساني ذهن، سندس روحاني ڪيفيت بابت وڌيڪ چڻا ۽ انهن احساسن کي اهم سمجهڻ وارا عالم هئا.

ڪٽي ڪٽي ڊاڪٽر صاحب انتهائي خوبصورت جملا ڪوٽ ڪيا آهن، مثال طور هن مارڪس جي طبقاتي سماج بابت ٽيسز تي مختصر بحث ڪيو آهي ۽ لکيو اٿئين ته دنيا مادي ۽ پيداوار جي وچ واري حقيقت آهي. آڻ سمجهان ٿو ته مادو ۽ پيداوار هڪ ئي حقيقت جا ٻه پاسا آهن ۽ ڪارل مارڪس کان وٺي ڪارل پوپر تائين معاشي اسڪالرز ان ڳالهه تي متفق آهن ته انسان ۽ سماج جو ڪاروهنوار بنيادي طور تي پيداواري سرشتي جي چؤگرد ڦري ٿو.

ائرڪ فراهم چوي ٿو ته پيار هڪ اهڙي صورتحال آهي، جنهن ۾ ماڻهوءَ جي خودپسندي شڪست کائي، ٻئي کي پسند ڪرڻ لڳي ٿي. هاڻي اهي اهڙا جملا آهن، جيڪي ڊاڪٽر صاحب جي هن ڪتاب ۾
بي ساخته اچن ٿا ۽ لکڻيءَ کي خوبصورت بڻائين ٿا.

ڪجهه سال اڳ آڻ سري لنڪا جي خوبصورت شهر ڪئنڊي

جي سپ کان وڏي يونيورسٽي پرڏانيا جي ڪئمپس ۾ هڪ ٽريننگ لاءِ ترسيل هئس. ان ٽريننگ جو اهتمام لنڊن جي هڪ اين جي او، دي بئسڪ نيڊز ڪيو هو، موضوع هو قدرتي آفتن کي ڪيئن منهن ڏجي. مون سوڊو پاڪستان مان آيل همراهن جو خيال هو ته هاڻي هي اسان کي قدرتي آفتن ۾ زلزلا، ڏڪار، ٻوڏ ۽ انهن جي نتيجي ۾ آيل نقصانن کي منهن ڏيڻ ۽ انهن آفتن جو شڪار ٿيل ماڻهن کي ان مان ڪيڏ جي اپاءَ ونڻ جا ڪي نوان طريقا سمجهائيندا. اسان جو اهو اڳ ۾ طئي ٿيل خيال ان ڪري هو، جو اسان جنهن سماجي پسمنظر مان آيل هئاسين، اتي قدرتي آفتن بابت اڄ به فلسفو جسم کي بچائڻ آهي، ذهن کي نه. ٽريننگ جو عنوان هو قدرتي آفتن جو نفسياتي، روحاني ۽ سماجي اثر. لنڊن مان آيل هڪ پروفيسر ڪيترائي ڏينهن اسان کي هن ڳالهه تي روح پرور درس ڏيندو رهيو ته جيترو اهم انساني بک ۽ اُڃ کي ختم ڪرڻ آهي، اوتروئي اهم ان ماڻهوءَ جي ذهني، روحاني ۽ فڪري اُڃ ۽ بک جو خيال ڪرڻ آهي. پوءِ ان اسان کي Psycho-Social Analysis of Disastor Management بابت ڪافي ٿيوريٽيڪل شيون سمجهايون ته ڪيئن جيڪڏهن ڪنهن سيلاب ۾ ڪو ماڻهو لڙهي ويو آهي ته ان جي لاش ڳولڻ واري عمل سان گڏوگڏ ان ماڻهوءَ جو ذهني ۽ نفسياتي خيال ڪرڻ به اوهان جو فرض آهي، جنهن ان ماڻهوءَ کي سيلاب ۾ ٻڏندي يا ضايع ٿيندي ڏٺو آهي. هن مثال ڏيڻ جو مقصد هو ته ڪتاب توڙي هن بحث کي ٿورو سولائيءَ سان سمجهجي ته ماڻهوءَ جي ماڻهپي واري پئڪيج ۾ انسان جي نفسيات به اوتري ئي اهميت جوڳي آهي، جيترا ان جي جسم جا ٻيا اهم حصا، جهڙوڪ دل، اک، ڪن ۽ هٿ وغيره.

مان هي سٽون لکندي اهو اعتراف ڪريان ٿو ته هن ڪتاب مون کي ايترو ئي ٽڪايو آهي، جيترو فرسٽ ايئر ۽ انٽر جي ڪيمسٽري ۽ فزڪس جي ڪورس جي ڪتابن ٽڪايو. پر جيئن مون اڳ ۾ ئي لکيو آهي ته ڪتاب ايترو سيلف ريفليڪٽو هو، جو مون

هن ڪتاب کي ان مفاد هيٺ ٻه پورو ڪرڻ جو عزم ڪيو، ته اسين جيڪي سماج جي سڌاري يا بهتريءَ ۾ ڪنهن ننڍي ڪردار جي ادائگيءَ جي هام هٿون ٿا، يا اهڙو خواب ڏسون ٿا ته اسان کي ٻه پنهنجي نفسياتي ڪيفيتن ۽ ذهني لاڙن بابت ڪيترائي معاملا رويو ڪرڻ گهرجن.

هن ڪتاب سچ پچ ته ڪيترن ئي رجحانن بابت ڄاڻائي ڏيندي، پنهنجي روين ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ اتساهيو آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌي سماج جي (Cultural Nomenclature) بابت بهترين تجزيو موجود آهي. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحب سنڌي سماج تي بحث ڪندي، جن موضوعن تي ٽيڪاٽپٽي ڪئي آهي، ان ۾ هڪڙي ڪمزوري اسان جي جاگيرداراٽي ۽ زرعي سماج هجڻ جي ڪڙي حقيقت ٻه آهي، پر ڪتاب پڙهندي اها ٻه خوشي ٿي ته ٻهراڙيءَ جي پرورش مان اڀرندڙ آيل غفور ميمڻ صاحب پنهنجي خيال ۾ هڪ انتهائي مادرن سوچ ۽ فارورڊ لُڪنگ طبيعت جو ماڻهو آهي، جيڪو سنڌ کي "جديديت پڃاڻان" کان ٻه اڳيان واري دنيا سان گڏ ٻيهارڻ جي خواهش ٻه رکي ٿو ۽ ان لاءِ پنهنجي علمي ۽ فڪري ڪم ۾ ٻه مصروف آهي.

پاپولر لٽريچر کان الڳ ٿي، ههڙن ڏکين موضوعن تي لکڻ پنهنجي جيءَ کي جهورڻ ۽ طبيعت کي ولوڙڻ کان گهٽ جو سودو ناهي. ڊاڪٽر صاحب اهو چئلينج کڻي، نان پاپولر موضوعن تي لکي هڪ نئين روايت کي جنم ڏنو آهي.

جي هي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ آءٌ ڊاڪٽر صاحب کي ٽريننڊ سيٽر نه چوان، ته پوءِ اها منهنجي پنهنجي ئي لکيل ليک يا پڙهائيءَ سان ناانصافي ٿيندي.

ذوالفقار هالیپوٹو
منيزه جو گهر
A-15 لطيف آباد نمبر3
حيدرآباد، سنڌ

اڳارو 24 آڪٽوبر 2017ع
منجهند جا 03: 30

مهاڳ

وجود کي وکوڙيل سمورين وجودي وارداتن کان ويندي سرير جي اندر سمايل ساهه سان ٽانڪيل نفسيات، انسان جي جيئڻ جا جواز ڏيڻ لاءِ آهي. اهو علم صدين کان ڏاهن، فلسفين ۽ نفسيات جي ماهرن جي زير بحث رهندو آيو آهي. علم نفسيات ڏرتيءَ جي گولي تي موجود سماجي جانور يعني انسان جي وجود جي بقا کي جٽا ڏيڻ لاءِ سر گردان آهي. نفسياتي کاٽي انسان جي جسماني، نفسياتي ۽ سماجي پهلوئن توڙي ان جي محرکن جي عملي طور کم اچڻ کان ويندي، وجود جي فنا ٿيڻ ۽ فنا کان پوءِ باقي بچي ويلن تي پوندڙ اثرن جي اڀياس سان پري پئي آهي. وجود جي وارداتن کان ويندي نفسياتي ورتائن تائين جي عملي اثرن جي اڀياس، کيترن ئي ماڻهن کي رڙ رلايا ۽ کيترن کي پوڳنائن جي ٽياس تي ٽنگي ڇڏيو. ارتقا کان وٺي هيل تائين کيل سمورين ترقين، وجود کي انهن ڏنل ۽ اڻ ڏنل وارداتن کان بچائڻ لاءِ وڏا جتن کيا آهن، انهن انسان جي هاکاري ناکاري عملن جا معاشرن تي پوندڙ اثر، سندس روين ۽ سوچ ويچار جي ترتيب بي ترتيب لهرن مان ڦٽي نڪرندا آهن، پوءِ اهي جڏهن مانار ۾ هوندا آهن، تہ انهيءَ ويل چوڌهينءَ جي چند جي اڇي کير جهڙي چانڊوکي تڏاڻ بڻجي، چچريل چيپاٽيل روحن جي زخمن کي مهر وارا مينهن وسائي انساني اذيتن کي ٽڏو کندا آهن، پر کڏهن کي سونامي جي صورت اختيار ڪري، رت ست جي مادي جسمن کي نستو نبل ڪري اُجاڑي وجهندا آهن، اهي رويا ئي هوندا آهن، جيکي انهيءَ اشرف المخلوقات جي مستقبل جي راهن جو تعين کندي، رهبري ڪري منزلون ماڻائيندا آهن. کي رڙ جا راهي بڻجي سراپ جو شڪار ٿي رُڄ ۾ رُلي مٽجي ويندا آهن.

هي ڪتاب انهن وجودي وارداتن توڙي نفسياتي ورتائن جي سولي سلوٽي سنڌيءَ ۾ سمجهاڻي آهي. ليکڪ پنهنجي ادراڪ کي سمجهه ۽ سُرت سان لفظن ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. نفسياتي لفظ

اصطلاح، معنائون، تشبيهون ۽ سمجهاڻيون توڙي بين الاقوامي نفسياتي ۽ سماجي علمن جي ماهرن جا حوالا اهڙي سهڻي نموني ڪتب آيل آهن، جيڪر محسوس ائين پيو ٿئي ته نفسيات جي وسيع سمنڊ کي هڪ ڪوزي ۾ بند ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته هي علم هڪ منجهيل سُٹ آهي. ڪنهن به ليبارٽريءَ ۾ ڪو ڪيميائي مادو استعمال ڪري، يا ٽيسٽ ڪري، هن جي مرضن جي سڃاڻپ ممڪن نٿي ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ ته هي هڪ Non Evidence Base (يعني جنهن علم جي مادي ۽ ڪيميائي طريقي سان گواهي نه ملي) وارو علم آهي. سوچن ويچارن، حس جي پهلوئن، سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيتن کان ويندي، روين جي ڳنڍيبون لڳل سُٹ کي سلجهائڻ لاءِ هر ماهر وٽ پنهنجي پنهنجي سمجهاڻي آهي، ڇاڪاڻ ته دماغ هڪ وڏي ڪائنات آهي، انهيءَ ڪائنات جا پنهنجا پنهنجا لقاءَ آهن، جيڪي وقت جي ويرسان بدلبا آهن، توڙي جو روين ۽ دماغي ڪيفيتن کي تبديل ٿيڻ ۾ لمحا ئي لڳندا آهن، پوءِ اهي لمحا ئي فيصلائتا هوندا آهن، جيڪي انهيءَ ماهر کي انهيءَ بيماري پرکڻ لاءِ ڪا شاهدي ٻڌجي گس ڏسيندا آهن. هڪ تز جاڻ، گهرائي کي پرکڻ جي صلاحيت ۾ پڙ هجڻ، تڏهن ئي ممڪن هوندو آهي، جڏهن اهي پرکيندڙ نفسيات ۽ سماجيات توڙي ان سان واڳيل مختلف علمن جي گهراين ۾ ڪي ٽٻيون هٿي وينا هجن. هي علم خشڪ، گهٽ ڏيان سبب سدائين نظرانداز ٿيندو رهيو آهي، انهي ڪانسواءِ خلق وٽ خواري ۽ ڪل جي ڊپ کان هن علم واري بيمارين جي مرض ۾ مبتلا مريض کي انتهائي بيدرديءَ سان لڪائي، اذيتن جي ڏبڻ ۾ اڪيلو زندگيون گذارڻ تي مجبور ڪيو ويندو آهي. سائنسي ترقي، علم جي واڌ ويجهه، مسئلن جي ڳنڀيرتا توڙي هر شعبي ۾ نفسيات ۽ طب نفسيات جي وڌندڙ گهرج پٽاندڙ سڄي دنيا توڙي صحت جي عالمي ادارن جي هر ايجنڈا ۾ هاڻي هن علم کي اولين ترجيح ڏني پئي وڃي.

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ علم تدريس جي شعبي سان وابسته رهندي، پنهنجي اندر علم جي واڌ ويجهه لاءِ جتن ڪندو رهندو آهي، سندس سڀاجهڙي ڏيمي لهجي واري طبيعت هر سوال

جو تز ۽ خلاصي سان جواب ڏيڻ، علم جي گهراين ۽ گهڻ پاڙهو مزاج جي شاهدي ڏيندي آهي، سندس سمورو قلمي علمي پورهيو، پروفيسر شپ ۽ پي ايڇ ڊي سنڌي، سنڌيت جي مختلف پهلوئن جي آسپاس ئي گهمي ٽي، علم نفسيات، لطيفيات، سماجيات، مارڪس وادي نظريا، چيد ڪرڻ جي صلاحيت، تحقيقي قوتون، ملڪي توڙي غير ملڪي حالت پٽاندڙ سنڌي سماج، ماڻهن ۽ علمي واڌ ويجهه بابت سندس لکڻيون هر حال ۾ حالتن سان برميچي اچن ٿيون. سندس هيءُ ڪتاب "سنڌي سماج: نفسياتي اصطلاحن جي آئيني ۾" هڪ بي مثال واڌارو آهي. ڪتاب جي ٻولي، حوالا، تشبيهون ۽ سمجهاڻيون لطيف سرڪار کان ويندي سماجي نفسياتي ڏاهن جا ڏنل توٽڪا، قول قرار، هن ڪتاب کي جلا بخشين ٿا. هن ڪتاب جو واڌارو سنڌي سماج، اديب توڙي عام ماڻهوءَ جي فڪري آبياري ڪيتري ڪندو، انهي جو جواب پڙهندڙ يا تنقيد ڪندڙ، ليکڪ کي ستوسنئون ڏيڻ جو حق رکن ٿا. نفسيات توڙي طب نفسيات علم جو ننديو شاگرد هئڻ ناتي، مون کي انهيءَ ڳالهه جي خوشي آهي ته پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ هن ڪتاب جو مهاڳ لکڻ لاءِ منهنجي چونڊ ڪئي.

ڪتاب جا عنوان ايترا ته دلچسپ آهن، جو عام قاري هڪ هڪ عنوان کي واري واري پڙهڻ لاءِ مجبور ضرور ٿيندو. ڇاڪاڻ ته لاشعور، تحت الشعور کان ويندي شعور تائين سمجهاڻيون ۽ رومانس جا راز توڙي هيرو ازم جا مفهوم ايڏا ته لاپائيندڙ ۽ ڇڪيندڙ آهن، جو پڙهندڙ اهي سموريون وارتائون پاڻ ۾ سموهيل محسوس ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته سنڌي سائنسي ادب ۾ نفسيات ۽ طب نفسيات تي ڪي به برجستا سولي سمجهاڻين وارا ڪتاب موجود نه آهن. حالتن ۽ ميڊيا جي وڌندڙ يلغار توڙي ڪارپوريٽ ڪلچر کان ويندي، عالمي ڳوٺ جي صورت ۾ تبديل ٿيل دنيا جتي ترقيءَ جون برانگهون پريندي، اسپيس ايج کان وڌيون ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن، اتي اهي روحاني طور اڪيلائپ جو پڻ شڪار ٿيا آهن ۽ اها ويڳاٽ ئي آهي، جيڪا روين جي ڏبڻ ۾ نهوڙيندي وڃي پئي. انسان کي ائين محسوس ٿئي پيو ته هو وڌيون منزلون حاصل پيو ڪري، پر هن کي

اها خبر ناهي ته اهو ويڳاڻپ جو هائيڊروجن بم سندس وجود کي فنا ڪري وجهندو، اهو فنا ٿيڻ هيل تائين انسان کي جذبن، روين، ڪيفيتن واري وجود مان بدلائي هڪ ڪل (مشين) بڻائي ڇڏيو آهي ۽ هڪ خود ڪار ڪل جيان پنهنجي سسٽم ۾ فيڊ ٽيل ڊيٽا تحت وڃي پيو، وجود جي وارداتن ۾ وکوڙجندو. هن ڪتاب ۾ ڪٽيندڙ کان ويندي هارائيندڙ لاءِ انيڪ اهڙا اتساهه آهن، جيڪي سندس جيئڻ جي دستور ناهڻ لاءِ حامي ۽ مددگار آهن. شرط اهو آهي ته هن علم تي اڃان وڌيڪ ڪي ڪتاب اڇڻ کپن، چنڊ چاڻ ٿيڻ گهرجي ۽ ڊراما، فلمون ۽ ڪهاڻيون لکيون وڃن ته جيئن اندر جي اڌمن کي سمجهڻ ۾ آسانيون پيدا ٿي سگهن. هي ڪتاب پنهنجي موضوع جي لحاظ کان الڳ ٿلڳ حيثيت رکي ٿو، چو ته جبلتِ مرگ ۽ جبلتِ حيات، احساس ڪمتري، پيار يا عشق جو جنس سان ڪهڙو تعلق آهي کان ويندي، سارتر ۽ سندس ساٿين جي وجوديت واري فڪر جي نفسياتي جائزي توڙي خوشبوءِ، رنگ ۽ نفسيات کانسواءِ ڪارل مارڪس سگمنڊ فرائيڊ ۽ سارتر وٽ جدلياتي فلسفي جي هڪجهڙائي جهڙا موضوع، هن ڪتاب کي وڌيڪ ڪارائتو بڻائين ٿا. ليڪڪ پاران "اللّٰه ڏاهي مَ ثِيان ڏاهِيُون ڏُک ڏِسن" جهڙي آفاقي بيت جي معنيٰ هن ريت سمجهائي آهي ته، ڏاهپ دنيا، سماج ۽ ڪائنات جي ڪاڪ محل مان ڦرندي آخر مابعد الطبيعاتي ميدان جي اونداهيءَ ۾ مايوس ٿي وڃي ٿي، ڏاهپ ماڻهو کي اڪيلو ڪري ڇڏيندي آهي، جنهن ڪري انهن جي ننڍين ننڍين ڳالهين ۽ عام واقعن ۾ دل نه لڳندي آهي. ڏاهو ماڻهو جيون جي حقيقت کي ڄاڻي ونندو آهي، نتيجي ۾ هو دنيا جي مسئلن جي مها ڄار جي باري ۾ غور و فڪر ڪندي، نيستي(Nothing) تي وڃي پهچندو آهي، جتي اڳيان خاموشي ۽ مات آهي، ڪوبه رومانس نه آهي، ڪابه شئي زندگيءَ کي معنيٰ نٿي بخشي. انهيءَ کانسواءِ جيون هڪ بي معنيٰ سوال جي تشريح، اهڙي نموني ڪئي اٽس، جو پڙهندڙ کي وري وري پڙهڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. هن ڪتاب جي اسان جي سماج کي ضرورت آهي. جهڙي ريت اسين پنهنجي ڪرمن کي ڪيفيتن جو قيدي بڻائي، رهزنين کان ويندي قبيلائي انائن جي ڏانتي سان جيئرين جانين جا

ڪنڌ ڪپي رهيا آهيون، جنهن مان اهو ظاهر ٿي رهيو آهي تہ اهو ڪيفيتن جو قيدي هجڻ، غارن جي وقت جي وحشي پڻي جي يادگيرين کي تازو ڪري پيو، چاڪاڻ تہ علم نفسيات ۾ اڀ يعني جسماني جبلت انسان جي وجود تي حاوي ٻڌجي، سڀ ڪجهہ ڪرڻ تي راضي ڪيو وينو آهي. سماجيات جي علم جون معنائون ۽ مفهوم اسان جي اڳيان ڪا حيثيت نٿا رکن، لڳي ائين ٿو تہ اسين (Survival of Fittest) يعني ڏاڍو سو گابو واري صورتحال ۾ جيئون پيا، سنڌي قوم کي هڪ اتساهہ واري رهبري جي ضرورت آهي. کوکلن نعرن، نظرين ۽ ضرورتن کي ڇڏي ڪري، هاڻي اسان کي علم جي عميق ۾ گوتا هڻي ڪي موتي ماڻڻا آهن.

حق موجود

ڊاڪٽر شاهنواز ايم ڪي
دل
ايم ڪي اسپتال، حيدرآباد
03342628860

Email:shahnawazbest74@gmail.com

2017-08-02 شام جا 06: 30

تعارف

عام طور سان نفسيات جو ذڪر ايندي، ماڻهو جي ذهن ۾ چريي جو تصور يا ماليخوليا جو تصور پيدا ٿيندو آهي. اسان جي سماج ۾ نفسيات جي ساختياتي معنيٰ "ائبنارملٽي" ۾ ئي ورتي ويندي آهي. حقيقت ۾ علم نفسيات به ٻين علمن وانگر ئي آهي، جنهن جو مطالعو انساني رويي، ذهن، عادت، ڪم ۽ ردعمل متعلق آهي.

هيءَ سڄي ڪائنات ٻن بنيادي عنصرن جي ٺهيل آهي، هڪ عنصر مادي آهي ته ٻيو عنصر انرجي يا سگهه آهي. اهڙيءَ طرح انهن عنصرن ۾ به بنيادي طاقتون موجود آهن، هڪ مثبت ٻي منفي. نفسيات دراصل سگهه جي منفي ۽ مثبت اظهار جي استدي آهي. عام طور علم نفسيات رُوح يا نفس جي پڙهائي سمجهي ويندي آهي، پر اسان جي سماج ۾ رُوح مان مراد ڪا الهامي طاقت يا جن، پوت واري طاقت سمجهي ويندي آهي يا وري رُوح جو نالو ونڻ سان مذهب جو تصور ذهن ۾ ايندو آهي. اسان جي سماج جي ڏند ڪٿا ۾ رُوح جي الڳ دنيا آهي، جيڪا غير مادي ۽ انسان جي زمان و مڪان کان ٻاهر الڳ وجود رکي ٿي، جنهن جو مطالعو سائنس نٿي ڪري سگهي. اسان رُوح انهيءَ معنيٰ ۾ نٿا ڪٺون، اسان وٽ رُوح جي معنيٰ صرف ذهن جي دنيا يا نفس سان آهي، جنهن جو انسان جي رويي سان گڏ پيٿالوجي سان به تعلق آهي. يعني جسم سان انهيءَ جو گهرو تعلق آهي. انسان جون بيماريون به ٻن قسمن جون ٿيندينون آهن، هڪ جسماني ٻي ذهني. يورپ ۾ سجاڳيءَ واري دَور کان پوءِ عام طور سان دنيا کي صرف مادي تسليم ڪيو ويو ۽ سڄي تحقيق جا در مادي تي کلن ٿا. ڇو ته يورپ ۾ ڪليسا ۽ مذهبي هڪ هٿي دنيا کي اونداهي دَور ۾ ڌڪي ڇڏيو هو. جنهن جي رد عمل ۾ يورپ

وارن دنيا کي صرف عقل، تجربي ۽ حواسن جي ذريعي مادي دنيا کي ئي حقيقت سمجهيو. جڏهن ته انسان جي حقيقت رُوحاني ۽ آهي، هتي روحانيت مان مراد سنگت، ڪچهري، ميل جول، ڪلچر، محبت، رحم، همدردي، درگذر ڪرڻ، سماجي مسئلن کي گڏجي انساني جذبي سان منهن ڏيڻ، رشتا ناتا ۽ تخليق آهي، پر يورپ جي مادي دنيا، صرف مادي دنيا جي حصول ۽ مادي شين جي حقيقت کي ئي اصل دنيا سمجهيو، مٿان وري مارڪسزم جي پيروڪارن ته روحانيت مان مراد صرف مذهب ورتو، تنهن ڪري سري کان هنن رُوح جي حقيقت کان انڪار ڪري ڇڏيو. اهو ئي سبب هو جو سوويت يونين ۾ فرائيڊ جي نظرين کي ۽ نه وري نفسياتي، تحليل نفسي کي ڪا اهميت هئي. اصل ۾ ماڻهو مڪينڪل مادي شيءِ ناهي، ماڻهو جو شعور ۽ ذهن ۽ حقيقتون آهن، جيڪي مادي قانونن کان وڌيڪ اسان کان ڪجهه توجهه طلب آهن. انسان صرف مادي حصول جي عمل مان سُرور يا خوشي حاصل نٿو ڪري، بلڪ غير مادي عمل ئي انسان کي سُکون ۽ سُرور بخشين ٿا مثال، همالیا جبل تي چڙهڻ هڪ چريائي وارو عمل لڳي ٿو، پر جيڪو همالیا جي چوٽي سَر ڪري ٿو، انهيءَ کان پڇو ته هن کي ڪيتري خوشي ملي آهي، ڪنهن شاعر جو شعر لکڻ مان ڪو ۽ مادي فائدو ناهي، پر شاعر ڪيترو سرهو ٿيو، ڪيس ڪيترو ڪلياڻ مليو، انهيءَ جو اندازو ناهي. ڪنهن فنڪار جي فني اظهار تي ڪيس داد ملي، ڪنهن واهه واهه ڪئي ته فنڪار خوشيءَ مان نٿو ماپي. ڪو انقلابي ڦاهيءَ تي چڙهي رهيو هجي، پر پوءِ ۽ انقلاب زنده باد جو نعرا هٽي خوشي سان ڦاهي تي چڙهي ٿو، انهيءَ کان پڇو ته توکي ڪهڙي خوشي ملي رهي آهي؟ بلڪل اهڙيءَ طرح هڪ ماءُ ٻار کي جنم ڏيڻ جي تڪليف کان باخبر آهي، پر پوءِ ۽ ڪيس انهيءَ تڪليف مان خوشي ملي ٿي. انهيءَ جو مطلب ته انسان جون سيئي سرگرميون مادي حصول لاءِ ناهن، بلڪ ذهني آسودگي سڀ کان وڌيڪ اهم آهي.

هاڻي واضح ٿي ويو ته علم نفسيات ذهن جو علم آهي، پر

جسم کان ڪٽيل الڳ ٽلڳ ناهي، جسم سان جُڙيل آهي.

جرمن فلاسفر گوڪل (1628ع _ 1548ع) علم نفسيات کي هڪ سڪو قرار ڏنو، جنهن جي هڪ پاسي کان ذهن آهي ته ٻئي پاسي کان جسم آهي. باباءِ جديد نفسيات فلپ پينل (1826ع _1745ع) جو خيال هو ته، "نفسيات انسان جي سماجي پابندين يا چڙواڳين جي صورتحال ۾ غير متوازن ٽيڪ جو علم آهي". جون ويئر (1588ع _1515ع) جنهن کي يورپ جو پهريون نفسياتدان چيو ويندو آهي، ان جو خيال هو ته "انساني روين کي مذهبي وهمن کان الڳ ڪري سمجهي سگهجي ٿو ۽ انساني جذبن کي سائنسي انداز سان سمجهي سگهجي ٿو". جڏهن ته جديد سائنسي نفسياتدان سگمنڊ فرائيڊ جي اچڻ سان علم نفسيات کي تمام گهڻي اهميت ملي. هن نفسيات کان انسان جي شخصيت کي گهڻ پاسن کان سمجهڻ لاءِ انسان جي اندروني قوتن ۽ ٻاهرين حالتن جي پس منظر ۽ پيش منظر کي آڏو رکي ڪيترا نوان اصطلاح ڪم آندا، جيڪي علم نفسيات کي سمجهڻ ۾ بنيادي پٿر جو ڪردار ادا ڪن ٿا. هن وقت دنيا ۾ نفسيات جا ڪيترائي الڳ الڳ شعبا ۽ موضوع قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ ٻار جي نفسيات، ڪلينڪل نفسيات، روحاني نفسيات، تخليقي نفسيات، انڊسٽريل نفسيات، ڏوهاريءَ جي نفسيات، عورت جي نفسيات، اخلاقي نفسيات. اهڙيءَ طرح وري نفسياتي بيمارين جا ٻه ڪيترا ئي شعبا ڪلي ويا آهن.

'دنيا' بابت هميشه کان ٻه نڪتہ نظر رهيا آهن، جن جا نالا مختلف رهيا آهن، مثال روح يا مادو، ذهن يا جسم، ڪاڏو قوت يا واڌو قوت، زندگي يا موت، خيال يا حقيقت وغيره. مادي دنيا جي پوئلڳن زندگيءَ جي ارتقا کي حادثاتي قرار ڏنو، هنن جي خيال ۾ مادي جي ارتقا مخصوص قانونن تحت ٿيندي آهي، جنهن ۾ انسان مرڪزي حيثيت نٿو رکي. ڪارل مارڪس ٻه شعور کي منظم مادي جي ارتقائي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ مادي جو عڪس ئي قرار ڏنو. هن

جو خيال هو تہ، دماغ جو ڪم آهي خيال ۽ شعور کي پيدا ڪرڻ، جيئن بُکين جو ڪم آهي رت صاف ڪري پيشاب خارج ڪرڻ.

فرائيڊ جو خيال هو تہ انسان جون تمام سرگرميون صرف بن قوتن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندیون آهن، هڪ حيات جي جبلت (EROS) ٻيو موت جي جبلت (Thanatos). فرائيڊ جي خيال ۾ ڪابہ ارادي جي آزادي ناهي. ماڻهو پنهنجي لاشعوري قوتن جي نفسياتي مونجهارن جو عڪس آهي. تخليق انهن مونجهارن مان جند ڇڏائڻ جي ڪوشش آهي.

جان پال سارتر بہ مادي دنيا جي فلسفي جي پوئواري ڪندي اهڙي ڳالهہ ڪئي تہ: "دنيا ۾ ماڻهو جي فطرت جهڙي ڪابہ شيءِ ناهي". سارتر جي خيال ۾ جي خدا ناهي تہ پوءِ سڀ ڪجهہ جائز آهي. جي خدا ۽ روح جهڙي ڪابہ شيءِ ناهي تہ پوءِ ڪو بہ آفاقي قدر ناهي.

اسان وجود ڇو رکون ٿا؟ هن جي جواب ۾ سارتر چيو تہ اسان صرف وجود رکون ٿا. اسان هتي بغير ڪنهن جواز يا جوهر جي رهون ٿا. اسان آزاد آهيون تہ پنهنجي فطرت تخليق ڪريون ۽ اها ئي آزادي اسان جي لاءِ وڏو سور ۽ آزار آهي. انهي ڪري اسان انهيءَ درد کان بچڻ لاءِ خود فريبي جو سهارو ونندا آهيون. سارتر جي هن خيال ۾ اسان جبلت موت جا اولڙا ڏسي سگهون ٿا، جنهن ۾ حياتي موت کان فراريت جو نالو آهي، انهي ڪري سارتر تخليق کي داخلي فرياد جو نالو ڏنو هو.

بي ايف اسڪينر (B.F Skinner) جو خيال هو تہ: "اسان پنهنجي ماحول ۽ فطرت مان پنهنجو مزاج پيدا ڪندا آهيون، اسان سمجهون ٿا تہ اسان آزاد آهيون، اسان جي نجات انهيءَ ۾ آهي تہ اسان وهمي ارادي جي آزاديءَ مان جان ڇڏايون ۽ پنهنجي ماحول کي بدلايون ۽ پنهنجي مزاج تي نظرثاني ڪري نئين سر انهيءَ جي تشڪيل ڪريون". اسڪينر جو تخليقي نظريو سوئيسر جي ساختيات جي نظريي سان ملي ٿو.

اسان ڏٺو ته مادي نظريا انسان کي جبلت موت ۽ منفي قوتن ڏانهن کڻي وڃن ٿا. حقيقت ۾ اها آهي ته طبقاتي سماج مادي سهولتن جي حصول کانسواءِ ٻيو ڪجهہ ۾ ناهي. جديد دنيا اسان کي مادي ترقيءَ ۾ اڳيري ملي ٿي، پر روحاني ترقيءَ ۾ ڪنگال آهي. اهو ئي سبب آهي جو تخليق، مادي دنيا ۾ موت کان فراريت، داخلي فرياد، مارڪيٽ وکر، انفرادي شخصيت جي مقابلي بازيءَ جو بدترين مثال بنجي سامهون اچي ٿي. اهڙيءَ طرح مادي دنيا صرف جبلت موت تي هلي ٿي. جنهن ۾ زندگي خالي جدوجهد، پيار، بوجهہ، علم ۽ مارڪيٽ جو وکر آهي. خوبصورتي وري اڳهاڻپ جو روپ ۽ انسانيت اسان جو خواب بنجي وڃي ٿي. ٻيو پاسو جبلت حيات جو آهي، علم نفسيات دراصل رُوح جا دروازا کولي ٿو، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي مزاج کي مادي جو عڪس نہ، پر انسانيت جو معراج بنائي ٿو. Gregory Bateson هڪ اهم نفسياتدان هو هن جو خيال هو ته: ”ذهن ئي زنده وجود جو جوهر آهي، دراصل ذهن ئي ماڻهو جو روح آهي، جيڪو ماڻهو جي خواهش سجاڳي، احساس، پنهنجي هئڻ جي احساس، ٻولي، تصور، خيال، پيار، سنگت ۽ همدردي جهڙن جذبن سان سرشار آهي، اهي ئي روح جون خاصيتون آهن، جيڪي مادي يا جسم جي خاصيتن کان الڳ آهن.“

دراصل جڏهن اسان ذهن جي ڳالهہ ڪريون ٿا ته شعور ۽ لاشعور ٻنهي جي دنيا جي ڳالهہ ڪريون ٿا، چو ته جسم، ذهن جي طاقت سان حرڪي آهي، بلڪ ذهن ئي جسم کي هلائي ٿو. جبلت حيات انساني سرگرميءَ جو نالو آهي، جنهن ۾ مثبت قوتن کي اياري انساني قدرن جي سماج کي پيدا ڪري سگهجي ٿو، جبلت حيات جو بنياد

”To be“ تي آهي، جنهن ۾ ذات جي آگاهي، روحاني تسڪين اهم آهي، مثال گوتم ٻڌ محل ڇڏي بنواس ونيو ٿو، جهنگلن ۾ حقيقت جي ڳولا ۾ نڪري ٿو. گوتم جو حصول روحاني تسڪين جو حصول

آهي. سقراط کي سچ جي ڳولا لاءِ زهر جو پيالو پيئڻو پئجي ويو. حضرت محمد ﷺ جن روايتي خدائن کان انڪار ڪري، سڃي سماج ۾ انساني قدرن واري سماج جي آبياري ڪئي، ڪارل مارڪس اذيت وارين حالتن ۾ گذاريو، صرف انسانيت کي اجاگر ڪرڻ ۽ اجتماعيت جي مفاد لاءِ. اسان وٽ عبد الستار ايڌي ۽ رٿ فائو اهڙي TO BE جي مڪمل شخصيت هئا، جن پنهنجي انفرادي حصول بدران اجتماعي انسان لاءِ سوچيو. دراصل حيات جي جبلت ترقي پسند ٿيندي آهي، جنهن ۾ فرد صرف ريسپانس (Response) ڏيندو آهي صرف رد عمل نہ ڪندو آهي. مادي حصول کان انڪار ناهي، پر مادي هوس، لالچ، خودغرضي، اذيت پسندي ماڻهو کي جبلت موت ڏانهن وٺي ويندیون آهن، جنهن ۾ ماڻهو وٽ سڃي دنيا جي دولت گڏ ٿئي تہ بہ پيٽ نہ پرجندو آهي، سڃي دنيا جي طاقت کيس ملي تہ بہ اجا طاقت جي حصول لاءِ ڊوڙندو رهندو آهي. کيس سڃي دنيا جنسي تسڪين لاءِ ڏني وجي تہ بہ تسڪين نہ ملنديس، اجا بہ ڪپي اجا بہ ڪپي. تان جو مڪمل چريو ٿي پوندو آهي. اهڙا هوس جا بادشاهہ توهان کي اڇڪلهہ جي دنيا ۾ گهٽا ملندا، جو تہ اڄ جي دنيا صرف to have جي بنياد تي جبلت مرگ پنيان هلي پئي، جنهن ۾ ماڻهو مرڻ مارڻ لاءِ هر وقت تيار رهندو آهي.

علم نفسيات اهو علم آهي، جنهن اهڙن ماڻهن کي چريو قرار ڏنو، اهڙن سماجن کي ائبنارمل سماج قرار ڏنو. فرائيڊ انهي ڪري چيو هو تہ ماڻهو ڏوهاري انهي ڪري آهي تہ ماڻهو چريو آهي، ماڻهو انهي ڪري جهيڙو ڪري ٿو تہ ماڻهو چريو آهي، ماڻهو پنهنجي چريائپ کي ڪيترين ڳالهين ۾ ظاهر ڪري سگهي ٿو. مثال جيڪو نشو ڪري ٿو، جيڪو گهر ۾ جهيڙو ڪري ٿو، جيڪو ذميدارين کان پڃي ٿو، جيڪو نفرت ڪري ٿو، جيڪو رڙين سان ڳالهائي ٿو، جيڪو هر وقت ڳالهائي ٿو، جيڪو نٽو ڳالهائي، جيڪو عادت نٽو بدلائي، جيڪو رحم نٽو ڪائي، جيڪو ڪنهن اڻ وٽندڙ

واقعي تي ڪو بہ رد عمل نٿو ڪري، جيڪو خوش نٿو ٿئي، جيڪو هر وقت رنج رهي ٿو، جيڪو پاڙي ۾ ڪنهن سان نٿو ڦهي، جيڪو رڳو گلا ڪري ٿو، جيڪو حسد ساڙ ڪري ٿو يا هر ماڻهو سان چاپلوسي ڪري ٿو، يا جنهن کي پنهنجي اهميت جو احساس ناهي، اهو چريو آهي. اهي سڀ چريائپ جا رُوپ آهن.

علم نفسيات جا بنيادي اصطلاح

شعور (Conscious)

شعور مان مراد علم يا ڄاڻ ناهي، بلڪ هوش و حواس ۾ رهڻ شعور آهي، اسان جيڪي ڪجهه ڏسي رهيا آهيون، ٻڌي رهيا آهيون، محسوس ڪري رهيا آهيون، اهو شعور آهي. مثال: گهر ۾ ڪو ڪتاب پڙهي رهيا آهيون، تي وي جو آواز اسان جي ڪن تي پوي پيو، ٻاهر ڪو موٽر سائيڪل وارو ڦٽ ڦٽ ڪندي گذري ويو، ڪنهن ننڍڙي ٻار جي رڙ جو آواز اسان جي ڪن تي پيو، وري خيال ۾ اسان جي ڪا ڳالهه اچي ويئي، اهو سڀ ڪجهه شعور آهي. ايتري قدر جو اسان سمهي رهياسين، ڪنهن ماڻهو اچي آواز ڏنو ته اسان جاڳي پياسين معنيٰ اسان شعور ۾ هئاسين. سمهڻ وقت شعور جي گرفت ڪمزور ضرور هوندي آهي، پر شعور ختم نه ٿيندو آهي. اسان جا پنج حواس صحيح ڪم ڪندا آهن، معنيٰ اسان شعور ۾ آهيون. انهيءَ ڪري ڊاڪٽر آپريشن وقت بي هوش ڪندا آهن، معنيٰ شعور جي گرفت مان ڪيي ڇڏيندا آهن. شعور زمان و مڪان جي مخصوص حالت ۾ موجود هڻڻ جو نالو آهي، مثال جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي زمان مڪان مان نڪري، ڪنهن بي زمان و مڪان ۾ اچي ته هو شعوري طور سالم نه رهندو، بدحواس ٿي پوندو. اڄ جنهن زمان ۽ مڪان ۾ اسان رهون ٿا انهيءَ کي اسان آهستي آهستي سهساهي ويا آهيون، تنهن ڪري سالم آهيون. شعور جو تعلق دماغي پيٿالوجي سان پڻ آهي. جي دماغي پيٿالوجي سالم آهي، انهيءَ ۾ ڪابه ڪوٽ يا زيادتي نه آهي ته شعور صحيح ڪم ڪندو، پر شعور مادي طور دماغ ۾ ڪا پيٿالوجيڪل ڇڪهه نڦو والاري، اهو صرف دماغ جي صحيح ڪم جي ڪري هڪ غير مادي عمل آهي. انهي ڪري دماغ

کي دوا ذريعي بي شعور ۾ ڪري سگهجي ٿو ته شعور ۾ آڻي ۽ سگهجي ٿو.

تحت الشعور (Pre-conscious)

فرائيڊ جي اصطلاح مطابق انسان جي شعور کان پوءِ جو اسٽور روم آهي تحت الشعور آهي، ڪجهه نفسياتدان تحت الشعور کي نٽا مجين.

ٿورو اڳ ڪتاب پڙهي رهيا هئاسين، ياد ڪريون ٿا ته اسان چا پڙهيو؟ ان وقت کهڙو آواز اسان جي ڪن تي پيو هو! ٻار روئي رهيو هو ۽ موٽر سائيڪل جي ڦٽ ڦٽ ٻه هئي. اسان آساني سان ياد ڪري ويا سين پر اهي سڀ ڳالهيون ڪٿي هيون؟ جن کي مرضيءَ سان ياد ڪري ورتوسين. اهي سڀ ڳالهيون اسان جي تحت الشعور (Preconscious) ۾ هيون، جيڪي ضرورت وقت اسان ياد ڪري سگهياسين.

لاشعور (Un-conscious):

ڪڏهن ڪڏهن اسان ڪنهن ڳالهه کي ڪيتري به ڪوشش ڪريون پر ياد نه ايندي. سوچيندا رهنداسين ته ڪجهه هو ضرور پر الائي چا هو؟ ٿوري وقت کان پوءِ اوچتو اها ڳالهه ياد اچي ويئي، يا وري ننڊپٽ جي ڪا ڳالهه اوچتو ياد اچي ويئي. اهي سڀ ڳالهيون ڪٿي موجود هيون؟ اهو لاشعور هو، جنهن ۾ سڀ ڳالهيون اسٽور ٿيل هيون، جنهن کي نفسياتدان لاشعور جو نالو ڏين ٿا. لاشعور انسان جي زندگيءَ ۾ تمام وڏي اهميت رکي ٿو، چو ته شعور هڪ قسم جي ڪئميرا آهي، جنهن جو ڪم آهي عڪس کي گذاري دماغ تائين پهچائڻ. تحت الشعور هڪ ڊيسڪ ٽاپ تي رکيل فولڊر آهي،

جيڪو جلدي آرام سان کولي سگھجي ٿو، پر لاشعور هڪ وڏي هارڊ ڊسڪ آهي، جنهن ۾ ڪيترا ئي فائيل آهن، پر خبر ناهي ڪهڙو ڪٽي آهي ۽ ڪهڙي ڪهڙي نالي سان آهي؟ کا خبر ناهي. جيئن اسان جي گھر ۾ ڪو اسٽور روم هجي، جنهن ۾ هر فالتو شيءِ اڇلائي ڇڏيندا آهيون. خبر ناهي ڪهڙي شيءِ ڪٽي آهي، پر اوچتو ڪو ٻار ويو ان مان ڪم جي شيءِ ڪڍي ڪٽي آيو، اسان چونداسين اڇا اها اسٽور روم ۾ هئي! اها ته ڪم جي آهي. لاشعور هڪ سمنڊ آهي، جنهن جي تهہ ۾ ڇا آهي ۽ ڪٽي آهي اهو متاڇري کان نظر نٿو اچي سگھي. نفسياتدانن جي خيال موجب لاشعور انساني شخصيت جي عمارت جو بنياد آهي. ڊاڪٽر جنگ وري لاشعور جا ٻہ قسم ڄاڻايا هئا؛ هڪ ذاتي لاشعور ٻيو اجتماعي لاشعور، ذاتي پنهنجي ڄمڻ کان شروع ٿئي ٿو، پر اجتماعي ان فرد کي خاندائي يا موروثي طور ورثي ۾ ملي ٿو. مثال ڪنهن خاندان ۾ ڏڏو ڪرڻ، غندا گردي ڪرڻ جو عام رواج آهي ته ممڪن آهي ته ايندڙ جنم وٺندڙ فرد ۾ لاشعوري طور ڏڏي وارا اهڙا لاڙا موجود هجن. يا ڪنهن قوم ۾ بزدلي ۽ خوف ورهين کان رهيو آهي، ته ممڪن آهي ته هر ايندڙ فرد ۾ بزدليءَ جا پاڇا موجود رهن، اهڙيءَ طرح جذبا، همدردي، ويڑهہ، شڪار، نفرت، بي مروت، ڏوهہ، ٺڳي ڪم ظرفي خاندائي طور نسلي طور فرد جي لاشعور ۾ موجود هوندي آهي، انهي ڪري اڳ جا ماڻهو، خانداني ماڻهو، اعليٰ ظرف ۽ انساني قدرن واري امن پسند ماڻهو کي چوندا هئا. فرائيڊ جي خيال ۾ لاشعور ان اونداهي کوهہ وانگر آهي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجون يادون اڇلائيندو رهندو آهي. انسان جي زندگي ۾ ڏک، اذيتون، تڪليفون ۽ خوف يا دهشت ٻہ پيدا ٿيندي رهندي آهي. اسان وقتي طور پريشان ٿي وري خوشين ۾ اچي ويندا آهيون، پر فرائيڊ جو خيال آهي ته اسان جي زندگيءَ ۾ هڪ دفعو جيڪي آيو، سو اسان جي زندگيءَ جو حصو ٿي ويو، اسان جي باقي زندگي انهيءَ اثر جو شڪار رهندي، جو ته اهي سڀ

خوشگوار يا ناخوشگوار ڳالهيون سڀ لاشعور ۾ موجود آهن، ختم ڪجهہ بہ ناهي ٿيو. اهي ناخوشگوار يادون انهيءَ اونداهي واري کوهہ مان ڪڍهن بہ نڪري اسان جي شعور ۾ اچي سگهن ٿيون، پر جي شعور ۾ نہ اچي سگهيون تہ گهٽ ۾ گهٽ اسان جي شعور پٺيان بيهي اسان کي سُئي وانگر چُبنديون رهنديون. اسان کي خبر نہ پوندي تہ اسان کي چا ٿئي پيو، پر اسان سخت مونجهاري جو شڪار ٿي ويندا سين. اسان جي طبعيت ۾ بي سبب اداسي رهندي. لاشعور ۾ ڪا ڳالهہ آهي، جيڪا اندر کائيندي رهندي. اها ڳالهہ جي شعور ۾ اچي ويئي تہ اسان ٺيڪ ٿي ويندا سين، چو تہ شعور انهيءَ قابل آهي تہ منهن ڏئي سگهي. بلڪل انهي دشمن وانگر، جيڪو سامهون اچي وڙهي تہ اسان بچاءَ بہ ڪري ويندا سين ۽ وڙهي بہ سگهندا سين، پر جي لڪي اسان جي خلاف سازشون ڪندو رهي تہ اسان رڳو منجهندا سين تہ آخر چا پيو ٿئي؟ لاشعور ۾ هر اها ڳالهہ خود بہ خود هلي ويندي آهي، جيڪا اسان کي ناگوار گذري، اها جنسي نوعيت جي هجي يا اخلاقي نوعيت جي هجي يا وري زندگيءَ جي ڪشمڪش واري صورتحال هجي، جنهن ۾ اڳيان باهہ پٺيان پاڻي هجي، سمجهہ ۾ نہ اچي تہ هاڻ چا ڪجي؟ انهيءَ وقت شعور عين ممڪن آهي تہ سيني ڳالهين کي شعور مان ڪيڏي ڇڏي، ان صورت ۾ اهو بہ ممڪن آهي تہ ماڻهو کان سڀ ڪجهہ وسري وڃي، ماڻهو پنڊ پهڻ (Still) ٿي وڃي، سندس نروس بريڪ ڊائون ٿي وڃي. شعور جيترو بار ڪڍي سگهندو اوترو ڪڍندو، وڌيڪ لاشعور ۾ موڪلينڊو، پر جي لاشعور ۾ موڪلڻ ۾ ڪامياب نہ ويو تہ ان وقت ماڻهو جي چريي ٿيڻ جا امڪان موجود آهن. لاشعور وري اهڙن اذيت ناڪ ڳالهين کي رنگ روپ ڪري انهن جو ويس متائي، ڪڍهن بہ انهن کي شعور ۾ موڪلي سگهي ٿو، پر چو تہ شعور اهڙي ڪابہ ڳالهہ جيڪا ناگوارا هجي قبول نہ ڪندو، اهڙي صورت ۾ لاشعور اندران اندران سُئي وانگر چُبندو رهندو يا وري اهڙين يادن کي لاشعور

شعور جي گرفت ڪمزور ٿيڻ وقت خواب رستي شعور ۾ آڻيندو آهي. جيتوڻيڪ سمهڻ وقت شعور ۽ لاشعور وچ ۾ هڪ سينسر موجود آهي، جيڪو خطرناڪ خوابن کي يا ناخوشگوار واقعن کي خوابن ۾ آڻڻ نہ ڏيندو آهي، پر پوءِ به اهڙيون تلخيون ۽ ڪرب ويس مٽائي خواب ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سينسر اتي هڪ چوڪيداري جو ڪم ڪندو آهي. جيڪڏهن خطرناڪ خواب مسلسل چوڪيدار کي ڏوکو ڏئي، اچڻ لڳن تہ اتي چوڪيدار جو ڪم آهي، توهان کي اڌاري ڇڏي، تہ اهڙي ريت سينسر توهان کي ڊيڄاريندڙ خوابن جي خطرناڪ اثر کان بچڻ لاءِ توهان کي اڌاري ڇڏيندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو توهان رڙيون ڪري اٿي ويهي رهندا آهيو. ساڳي وقت لاشعور جو دباءَ سمهڻ وقت شعور کي آرامده ٿيڻ نہ ڏيندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ وري ننڍا ننڍا ڪڙا منا خواب ننڍ دوارن هلندا رهندا آهن، جن جي ڪري ماڻهو سُتو پيو هوندو آهي، اهڙي صورتحال ۾ خواب ننڍ جا محافظ هوندا آهن. ڳالهہ اها آهي تہ لاشعور ۾ موڪليل تلخ ڳالهيون ماڻهو کي ايترو آساني۽ سان جيئڻ نہ ڏيندیون آهن. ماڻهو تي دباءَ (Repression) رهندو آهي. اهڙي۽ طرح سندس شخصيت ۾ اهڙا دباءَ جا اثر نمايان رهندا آهن.

فرائيڊ جو خيال هو تہ ٻار جي ڄمڻ کانپوءِ سندس بنيادي پنج سال اهم آهن، جن ۾ سندس نفسيات نهندي آهي. آئيندہ سڄي ڄمار ان لاشعور تي شخصيت تعمير ٿيندي آهي، جنهن ۾ ڪيئي مونجهارا ٻار جي زندگيءَ جو حصو بنجندا آهن، اڳتي هلي اسان انهن مونجهارن جو ذڪر ڪنداسين.

اڊ ID

جرمني۽ ۾ ES جي معنيٰ ۾ ورتل لفظ IT آهي، جنهن جي معنيٰ ڪا به بي جان شيءِ آهي، فرائيڊ انهيءَ کي 'اڊ' سڏيو، ان کان

اڳ نٽشي ۽ اهڙي جبلت جو ذڪر ڪيو هو. اڊ مان مراد صرف جبلت آهي، جنهن کي اسان عام معنيٰ ۾ نفس چوندا آهيون، اڊ هر جاندار ۾ ٿيندي آهي، جيڪا جبلي طور اها تقاضا ڪندي آهي ته ضرورت پوري ٿئي. جيئن ماڻهو کي بک لڳندي ته جسم ۾ ذهن اها تقاضا ڪندو ته ڪجهه کاءُ، هاڻي ماڻهو ان گهرج کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪنهن ۽ دڪان تان منائي ڪٽي کائي يا ڪنهن جو ۽ مال ڪٽي کائي، پر اهو صرف جانور ڪري سگهي ٿو، ماڻهو ٿورو رڪجي ويندو، چو ته هو سماج ۾ رهي ٿو، جتي هن جي 'انا' نهيل آهي.

انا (EGO):

انا سماج مان پيدا ٿيندي آهي، جنهن مطابق ماڻهو کي ڪا ۽ گهرج پوري ڪرڻ لاءِ اهڙي حرڪت ناهي ڪرڻي، جنهن ۾ سندس بي عزتي ٿئي يا وري موچڑا کائي، انا کيس روڪيندي ته نه ائين نه ڪر. هاڻي وچ ۾ ڪو فيصلو ڪرڻ وارو هجي، جيڪو مصالحتي ڪردار ادا ڪري.

عظيم انا (Super Ego)

انسان جي زندگيءَ ۾ پنهنجي اندر ئي جج وينل آهي، جيڪو پاڻ غلط صحيح جو فيصلو ڪندو آهي. اهو جج ڪرپٽ ۽ ٿي سگهي ٿو ته انصاف پسند ۽ ٿي سگهي ٿو. جڏهن اڊ ۽ انا جي ڪشمڪش ٿيندي آهي ته فيصلو عظيم انا کي ڪرڻو هوندو آهي. هاڻي سماج جي قدرن، انسانيت جي اُصولن ۽ سچائيءَ کي اڳيان رکي فيصلو ڪرڻو آهي. مثال جنسي ضرورت اڊ آهي، انا دوکو يا غلط ڪاري نٽي ڪرڻ ڏئي ته عظيم انا ان کي سماجي رسمن مطابق حل ڪڍي ڏيندي، جيئن نانگ ۽ مري ته لٺ ۽ نه پڃي. ڪڏهن ڪڏهن

عظيم انا فيصلو نہ ڪري سگھندي آھي اڊ ۽ انا جي ڪشمڪش خطرناڪ حد تائين وڌي ويندي آھي، جنھن جي نتيجي ۾ ماڻھو ۾ ھڪ مونجھارو پيدا ٿيندو. ماڻھو ڊپريس ٿيندو. جيڪڏھن 'اڊ' وري 'انا' کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي تہ اھو ماڻھو ڏھاري ٿي پوندو يا وري دوکي باز ٿيڻ، بدمعاش ٿيڻ، پرايا حق ڦٻائڻ شروع ڪري ڇڏيندو. ان جو ضمير يعني عظيم انا مري ويندي، جيڪو بہ اڊ چوندي، اھو ڪندو رھندو.

مونجھارا (Complexes)

شخصيت ۽ تخليق پڻيان اھم ڪردار مونجھارن جو ھوندو آھي. مونجھارا ڪيترن ئي قسمن جا ٿيندا آھن، پر ھر مونجھارو ماڻھو جي زندگيءَ کي ڪو نہ ڪو نئون روپ ڏيندو آھي، ماڻھو کي ڪڏھن نفسياتي مريض بنائي ڇڏيندو آھي، ڪڏھن جدوجھد تي اپاريندو آھي. ڪڏھن وڙھڻ لاءِ ماڻھو تيار رھندو آھي. ڪڏھن گھٽو خوش پيو ٿيندو آھي، ڪڏھن ڪاوڙ ۾ رھندو آھي، ڪڏھن برا حال ڪٽي پيو ھلي تہ ڪڏھن ھار سينگار پيو ڪري. ڪڏھن خودڪشي ڪريو ڇڏي، ڪڏھن تخليق پيو ڪري، ڪڏھن فنڪار ٿيو پوي، مطلب تہ ھر عمل پڻيان ڪو نہ ڪو مونجھارو ھوندو آھي، ھتي اسان ڪجھ مونجھارن جو ذڪر ڪريون ٿا.

ايڊيپس مونجھارو (Oedipus Complex):

ھي اصطلاح فرائيڊ جو ڏنل آھي، جيڪو يوناني ميٿالوجي جي ديوتا ايڊيپس تان اخذ ڪيل آھي.

Sigmund Freud: introduced the concept in his *Interpretation of Dreams* (1899). The term derives

from the Theban hero Oedipus of Greek legend, who unknowingly slew his father and married his mother; [1]

ايڊيپس بادشاھ پنھنجي پيءُ کي چڪر ڏئي، پنھنجي ماءُ سان شادي ڪندو آھي. ھي اھو اصطلاح آھي، جيڪو فرائيڊ جي نفسياتي ٿيوري ۾ وڏ ۾ وڏ اختلافي رھيو. ڪيترن ماڻھن انھيءَ کي مڃڻ کان انڪار ڪيو تہ ٻار ۾ جنسي سمجھہ نہ ھوندي آھي. فرائيڊ جو چوڻ ھو تہ دنيا جنس جي چوڌاري گھمي ٿي. ماڻھو پيدائشي طور جنسي ھوندو آھي، ھتي جنس مان مراد اندر جو جوش حيات آھي، جيڪو ماڻھو جي رڳن ۾ رت بنجي ڊوڙي ٿو. فرائيڊ جو خيال آھي تہ ننڍي ھوندي ٻار ۾ قدرتي طور پنھنجي مخالف جنس سان رغبت ھوندي آھي. ٻار جي ڄمڻ وقت سڀ کان پھرين نئين ماحول زمان ۽ مڪان ۾ پاڻ کي سھساھي نہ سگھندو آھي، جنھن ڪري رڙيون ڪرڻ شروع ڪندو آھي. ماءُ ھن کي گود ۾ کڻندي آھي تہ پاڻ کي ماءُ جو ئي حصو محسوس ڪندو آھي، ٻيو تہ ٻار کي ٻُک جو احساس جبلي طور ٿيندو آھي، ماءُ جي ٿڃ پيئڻ سان پرچڻ شروع ڪندو آھي. ھتي پرچڻ مان مراد آھي زندگيءَ مان پرچڻ. ماءُ ٻار کي جڏھن تنجن ۾ ويڑھندي آھي تہ ٻار وري پاڻ کي ماءُ جو ئي حصو محسوس ڪندو آھي. پھرين رغبت ٻار جي پنھنجي ماءُ سان ٿيندي آھي. ماءُ ھن جي جنس جو مرڪز ھوندو ھو. ايڊيپس مونجھارو دير سان پيدا ٿيندو آھي، جڏھن ٻار کي اھو احساس ٿيندو آھي تہ سندس ماءُ ۾ ڪنھن ٻئي جي شراڪت آھي. خاص طور سان پٽ ۾ اھو جلن جو احساس ٿيڻ شروع ٿيندو آھي، جيڪو لاشعوري ھوندو آھي، پر ڏيءَ ۾ اھو احساس ابتو ٿيندو آھي، جڏھن ھن جو واسطو پنھنجي پيءُ سان پوندو آھي تہ ھوءَ وري پنھنجي پيءُ سان رغبت رکندي آھي، جنھن کي فرائيڊ وري اليڪٽرا مونجھاري جو

[1] Encyclopedia Britannica web site on 06-09-2016

نالو ڏنو. مخالف جنس سان رغبت رکڻ قدرتي هر جيو ۾ موجود هوندي آهي. وري ساڳي جنس سان جلن يا حسد ٿيڻ به قدرتي آهي. فرائيڊ جو خيال آهي ته ايڊيپس يا اليڪٽرا مونجهارو لاشعور ۾ سڄي زندگي رهندو آهي، جنهن جا عملي طور به ڪيترائي عمل ڏسي سگهجن ٿا. جنهن جا مثبت ۽ منفي ٻئي روپ آهن. ڏيءَ پنهنجي پيءُ جي خدمت ڪندي خوشي محسوس ڪندي آهي يا پُٽ پنهنجي ماءُ جو خيال رکندو آهي. فرائيڊ جو چوڻ آ هي ته سڄي زندگي فرد کي پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ جي ضرورت رهندي آهي، اهو ئي سبب آهي جو لاشعوري طور مرد پنهنجي زال يا محبوبہ ۾ پنهنجي ماءُ ڳوليندو آهي ۽ ڏيءَ وري پنهنجي مڙس ۾ پنهنجو پيءُ ڳوليندي آهي.

لبيڊو (Libido)

لبيڊو مان مراد اها قوت، جيڪا ذهن ۾ جنس جي نمائندگي ڪري ٿي. گهٽا ماڻهو اڊ کي ئي لبيڊو سمجهن ٿا، پر ائين ناهي، اڊ جبلي ضرورتن جي فوري پوري ٿيڻ جي خواهش جو نالو آهي، جنهن ۾ جنس به اچي وڃي ٿي، پر لبيڊو انسان جي خاص خاصيت آهي، جنهن جو مطلب آهي ذهن ۾ جنسي لذت جي نمائندگي، پر اها ساڪن خواهش ناهي، اها صرف خواهش به ناهي، جيتوڻيڪ فرائيڊ انهيءَ کي ايترو واضح ڪري نہ سمجهايو، پر انهيءَ جبلت کي ذهن ۾ جنس کي محسوس ڪرڻ تائين محدود رکيو، پر حقيقت اها آهي ته هيءَ جبلت ئي بنيادي قوت آهي، جنهن انسان کي جانور کان علحده ڪري ٻيهاريو.

ڪارل مارڪس چيو هو ته، ماڻهو جانور کان الڳ انهيءَ ڪري ٿيو ته هن هٿيار کڻڻ شروع ڪيو، پر سوال اهو آهي ته هن هٿيار ڇو کنيو؟ صرف شڪار لاءِ ته پوءِ ٻين جانورن هٿيار ڇو نہ کنيا؟ انهيءَ جو جواب لبيڊو ڏي ٿو ته، انسان ۾ اها واحد قوت آهي،

جيڪا تبديلي پسند آهي، انسان جيڪا به لذت هڪ دفعو محسوس ڪري ٿو، ان کان وڌيڪ لذت جو طلبگار آهي، هن جو ذائقو وڌندو ويندو آهي، جيڪا شروعات ٿي ويئي ان جو ڪوبه انت ناهي، انهيءَ ڪري انسان ڪڏهن ميوا کاڌا، ڪڏهن پاڇيون کاڌيون، ڪڏهن گوشت کاڌو، وري انهن ۾ به ذائقو وڌائڻ لاءِ انهن جو مختلف طريقن سان رڌ پچاءُ ڪرڻ لڳو. گهر ناهي رهڻ، وري انهن ۾ وڌيڪ آسائشون ڳولڻ، جنسي لذت کي مختلف طريقن سان حاصل ڪرڻ، ڪڏهن گوشت کائڻ ڪڏهن پاڇي کائڻ، ڪڏهن دال کائڻ وري ڪڏهن رڌي کائڻ، ڪڏهن فراءِ ڪرڻ، ڪڏهن پت ته ڪڏهن ماني، اهڙيءَ طرح تفريح ڪڏهن ڪٽي ته ڪڏهن وري کا نئين جاءِ، نئون مطلب تلاش ڪرڻ، نئين شيءِ جي جستجو، انهيءَ جو حصول وري اڇتي وري اڇتي، ڪٽي به بيهڪ ناهي. انهيءَ سڄي عمل جو بنياد نفسياتي طور لبيدو آهي.

جيتوڻيڪ انسان جي اڻ تڻ جا سبب فلسفي ۾ الڳ آهن. مارڪس انهيءَ کي مقابلي بازيءَ جي فطرت قرار ڏئي ٿو، ڇو ته هن جي خيال ۾ فطرت ۾ تضادن جو قانون موجود آهي، وجودين جي خيال ۾ ڇو ته انسان جو جوهر کو به ناهي، انهيءَ ڪري هو ڪنهن به شيءِ مان مطمئن ناهي، هن جو خال پرجڻ جو ناهي، پلي ڪائنات سڄي هن جي جهوليءَ ۾ وجهي ڇڏجي. انهيءَ ڪري هو سرگردان رهي ٿو، سور ۽ ڏک به انهيءَ ڪري کيس ملن ٿا:

جيئن سو هرڻ هماڻُ، سرگردان سنسار ۾
هو پڳ نہ کوڙي پٽين، هو سر دڙ دري نہ سا
جيکس تن ملا، سسئي سور پرايا.

مطلب ته لبيدو انسان جي انوکي ۽ الڳ ٽلڳ خاصيت آهي، جيڪا جانور ۾ ناهي، گهوڙو سئو سال اڳ گاهه کائيندو هو ته اڄ به اهو گاهه کائي ٿو. هاڻي سماج ان لبيدو جي خاصيت کي مهذب انداز

سان پورو ڪري ٿو، پر جنس جي اهڙي انداز کي اسان جو سماج رد ڪري ٿو، تنهن ڪري ماڻهو ۾ ڪيترين ئي قسمن جا دٻاءُ پيدا ٿين ٿا. انسان اهو ئي آهي، جيڪو پنهنجي جنسي سگهه کي ڪو مهذب رُخ ڏي، تنهن ڪري انسان جنس کي تخليقي سرگرمين جو رُخ ڏيئي سگهي ٿو. سماجي طور ڪيترا اهڙا ڪم ڪري سگهي ٿو، جن ۾ سندس جنسي سگهه تبديل ٿي وڃي، پر جي ڪين اهڙا موقعا نٿا ملن تہ هو اندر ۾ ڀڄ ڊاهه جو شڪار ٿيندو. لبيڊو ماڻهو جي ذات جي سجاڻپ لاءِ بہ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو، ڇو تہ انسان جي جنس جا بہ مرحلا آهن، 1. نرگسيت وارو جنهن ۾ هو پاڻ اندر محو ٿيندو آهي، پاڻ کي مرڪزي قوت ۽ حسن جو مجسمو ناهي انهيءَ سان عشق ڪندو آهي 2. جنس جو ٻاهريون پهلو، جنهن ۾ هو پاڻ کان ٻاهر جنس جا محرڪ ڳوليندو آهي.

نرگسيت جو هڪ پهلو پنهنجي ذات جي تعريف ۽ تشهير بہ آهي. هر ماڻهو ٿورو نرگسي ضرور هوندو آهي، جيڪو پاڻ کي وٺندو اهو ماڻهو چاهيندو تہ ٻين کي بہ وٺي، جنهن پنهنجي حسن جا جلوا ڏنا ۽ پسند ڪيا، اهو چاهيندو تہ انهن جي ٻيو ڪو تعريف ڪري. اردو جو مشهور شعر آهي تہ؛

خدا جب حسن دیتا ہے، نزاکت آ ہی جاتی ہے
قدم کتنا بھی سنبھال کے رکھو، لچک آ ہی جاتی ہے۔

تنهن ڪري انسان پنهنجي ناموس چاهيندو آهي، هو چاهيندو آهي تہ کيس تسليم ڪيو وڃي، سندس سارهه ڪئي وڃي. جنهن کي مهذب رستو ڏيندي ماڻهو سائنسدان، ڪڏهن تخليقڪار، ڪڏهن سماجي خدمتگار، ڪڏهن ڪو ٻيو اهڙو ڪم ڪندو آهي، جنهن ۾ هو هيرو سڏجي، سندس مداح ٿين، پر جيڪڏهن انسان اهڙو ڪجهه بہ نہ ڪري سگهي، تہ هن ۾ مونجهارا وڌندا، سندس شخصيت ۾ تخريب جو عنصر وڌندو.

ذهني دٻاءُ ۽ ذهني توازن بگڙڻ
Psychotsis and neurosis Disorders

عام طور سان اسان ڊپريشن جو نالو ٻڌندا رهندا آهيون، پر اسان مان گهڻن کي خبر ناهي ته ڊپريشن ڇا آهي؟ ساڳئي وقت اسان ٻيا به اصطلاح ٻڌاندا آهيون، جيڪي هن ريت آهن:

Anxiety	ڳڻتي / بي چيني
Bipolar dis order	ٻهروپيت جو شڪار
Schizophrenia	ذهني ڇڪ ڊاهه يا ذهني انتشار
Panic attack	خوف پکيڙڻ يا دهشت ڦهلائڻ
Compulsive disorder	علتي يا عادت کان مجبور

اهي مختلف اصطلاح اسان ٻڌندا آهيون. هتي آئون انهن جي نفسياتي جنڊ ڇاڻ ڪرڻ، يا انهن جا طبي سبب ڄاڻڻ بجاءِ انهن جا سماجي سبب ٻڌائيندس.

جديديت پڇاڻان جي سماج دنيا ۾ ماڻهوءَ کي ڪٽي پهچايو آهي، ڪهڙا نفسياتي مسئلا پيدا ڪيا اٿس، اهي ڏاڍا اهم موضوع آهن. مثال هائپر ريئلٽي Bipolar Disorder پيدا ڪيو آهي ۽ شيزوفرينا پيدا ڪئي آهي. وري عدم مرڪزيت ماڻهوءَ ۾ اڪيلائي ۽ ڊپريشن جهڙا مسئلا پيدا ڪيا آهن. جديديت پڇاڻان جي زمان و مڪان ماڻهوءَ کي ڪنفيوز ۽ نروس ڪري ڇڏيو آهي. جديديت پڇاڻان صورتحال ماڻهوءَ کي فطرت کان ڪٽي شيزوفرينڪ بنائي ڇڏيو آهي. ايڏا جديديت پڇاڻان جا اثر شروع ٿيا آهن. اڳتي ڪهڙا ڪلور ٿيندا، ٻڌائي نٿو سگهجي. ايترو اندازو آهي ته ماڻهو سالم نه رهندو.

عام طور تي نيوروسز بيماري مان ساڪوسز ٿيڻ جا امڪان هوندا آهن. فرق ايترو آهي ته نيوروسز ۾ سڃي شخصيت جو هڪ

حصو بيمار هوندو آهي، پر سائڪوسز ۾ سڄي شخصيت تباهه هوندي آهي. نيوروسز ۾ حقيقت سان تعلق بهرحال رهندو آهي، پاٽيءَ ۾ گوتا کائيندو وري ٻاهر نڪرندو آهي، پر سائڪوسز ۾ حقيقت کان ماڻهو ڪٽجي ويندو آهي. نيوروسز ۾ ماڻهو ۾ اهو احساس ٽيندو آهي ته هو ڪنهن ائبنارملٽي ڏانهن وڃي پيو، هو پنهنجي ڳالهه ڪميونيڪيٽ ڪري سگهندو آهي، پر سائڪوسز ۾ ماڻهو کي پنهنجي ائبنارملٽي جو احساس ئي نه رهندو آهي. هو پنهنجي ڳالهه ڪميونيڪيٽ ڪري نه سگهندو آهي. ڳالهائيندو ضرور آهي، پر غير معمولي منشتر ڳالهيون، جن جو ڪو سرو ٻي سري سان نه ملي. شيزوفرينيا ٻنهي ۾ ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ ٻن قسمن جا وهم ٿين ٿا، هڪ کي انگريزيءَ ۾ Hallucination ٻي کي انگريزي ۾ Delusion چوندا آهن. پهرين قسم جي وهم ۾ ماڻهو کي اهڙيون شيون نظر ايندیون آهن، جيڪي اصل ۾ موجود ئي نه هوندیون آهن. مثال ڪو 'جن' نظر اچي، ڪا پري نظر اچي، ائين ئي ڪو ماڻهو نظر اچي، ڪا شڪل ڪو آواز، ڪا خوشبو سنگهڻ ۾ اچي، پر اها حقيقت ۾ هوندي ناهي. مثال ڪجهه فلسفي دنيا کي هڪ مايا قرار ڏيندا آهن ته هي سڄو مانڌاڻ اکين جو دوکو آهي، اصل ۾ ڪجهه به ناهي، معنيٰ اسان سڀ پيدائشي شيزوفرينيا جا شڪار آهيون، جو اسان کي جيڪي ڪجهه نظر اچي ٿو اهو دوکو آهي، پر هيءَ ٿيوري اهو ٻڌائي ٿي ته جيڪا شيءِ هر ماڻهو کي ساڳي نظر اچي، اهو وهم ناهي، پر ڪنهن هڪ کي نظر اچي پر ٻيو نه ڏسي سگهي ته پوءِ اهو وهم آهي. ٻيو اصطلاح Delusion جو آهي. هن جو مطلب آهي ته، هجي نوڙي پر ماڻهو کي نانگ ڏسڻ ۾ اچي، هجي ڪنهن ڪانيءَ جو پاڇو پر ماڻهو سمجهي مون تي ڪير بندوق تاڻيو ٻيٺو آهي. اوچتا چرڪ پري ته ڪا شيءِ آهي.

نيوروسز بيماريون جڏهن به ٿين ٿيون ته ان جا سماجي سبب هوندا آهن. ماڻهو جي دماغ جي عضوياتي خرابي نه هوندي آهي يعني

معاملو پيٿالوجيڪل نہ هوندو آهي.

انسان صدين کان هڪ مخصوص سماج، فطرت، زمان و مڪان ۾ نشونما حاصل ڪئي آهي. پٿر جي دَور کان وٺي، غلاميءَ واري سماج ۽ وري جاگيرداريءَ واري سماج تائين آيل تبديليون جلدي ڪونہ ايندیون هيون، پوءِ هزارين لکين سال تبديليءَ ۾ لڳندا هئا. انسان جا نسل انهيءَ تبديلي کي ڪڏهن محسوس ڪونہ ڪندا هئا. تنهن ڪري انسان پنهنجي ماحول ۾ رچيل هو. ان وقت کو ساختياتي نقص جي ڪري ماڻهو نفسياتي مريض ٿيندو هو يا وري ڪنهن خوف، آفتن ۽ بيمارين جو شڪار ٿي نفسياتي مريض ٿيندو هو، پر مريضن جو تعداد تمام گهٽ هو. انسان جيترو فطرت جي ويجهو رهندو، اوترو هو گهٽين ڪالهين کان بچيل رهندو، جنهن ۾ نفسياتي مرض بہ شامل آهي. سجاڳيءَ واري دَور کان پوءِ جڏهن سائنسي ايجادن پيداوار جي ذريعن ۾ تبديلي آندي، تہ هٿ جو ڪم مشينون ڪرڻ لڳيون، جنهن ڪري پيداوار کپت کان وڌيڪ ٿهڻ لڳي. واڌو پيداوار کي کپائڻ لاءِ مارڪيٽ وجود ۾ آئي، خريد و فروخت جو تصور پيدا ٿيو، سرمائيداري نظام شروع ٿيو. تبديلين جو آغاز شروع ٿيو. جيڪي فطري تبديليون ايندیون هيون، اهي هاڻ هٿرادو تبديلين ۾ شامل ٿي ويون. شهرن جو ٿهڻ، گندگي، ماحولياتي آلودگي، جنگيون، فساد، سياست، لڏ پلاڻ وغيره سڀ تبديليون شروع ٿي ويون، جنهن سان خاندانن جو ٽٽڻ، رشتن جو ٽٽڻ، مفادن جو اپرڻ، ويڇاڻپ، ڊونگي مذهبي ماڻهو ۽ جنوني ماڻهو پيدا ٿيڻ لڳا. 20 صدي تائين تہ ڪجهہ بچاء هو، پو تہ دنيا ۾ بن بلاڪن ۾ ورهايل هئي، قومي سرمائيداري نظام ۽ جاگيرداري گڏ پئي هليا. سُڌ سماءَ جا ذريعا ڪمزور هئا ، واقعا جلدي ٻين تائين ڪونہ پهچندا هئا. انسان ويساهہ رکندو هو. اعتبار، کهل، همدردي ، پيار اڃا هو. پاڪستان ۾ سُڌ سماءَ جي ذريعن ۾ سرڪاري ريڊيو، جيڪو رات جو ٻارهين وڳي کان پوءِ بند ٿي ويندو هو ۽ سرڪاري ٽي وي جيڪا

شام جو ڇئين وڃي کان شروع ٿي رات جو يارهين وڃي بند ٿي ويندي هئي. ٿي وي اداکارائن جي مٿي تي به رئو هوندو هو. ڪو واقعو ٿيندو هو سال پيو ڳائبو هو. چوري ڪرڻ چور ايندا هئا، جي پاڻيو جاڳي پيو ته چور پڇي ويندا هئا، نياڻيءَ سياڻيءَ جو ته نالو به ڪونہ ونندا هئا. ان وقت نڱي ڪندڙ، چور، ڏاڙيل، رشوتي، ڪوڙ ڳالهائيندڙ ، ڏيوتي نہ ڪندڙ پاڻ ڪونہ پڏائيندو هو، پر لِڪ ۾ رهندو هو، جو ڪيس شرم ايندو هو، ڪسب ڪرڻ واري ته اڄا پري رهندي هئي. شريف جو تصور واضح هو. هر شيءِ چٽي ۽ صاف هئي. 1980ع کان پوءِ تڪڙين تبديلين جو دور شروع ٿيو. 21 صدي جي شروع ٿيڻ سان گلوبل وليج جو نعرو لڳو. سُڌ سماءَ جا ذريعا تيزيءَ سان وڌڻ لڳا. ڪمپيوٽر جي ايجاد دنيا کي لوڏي ڇڏيو. موبائل، ليپ ٽاپ ۽ انٽرنيٽ جي منڊل سڄي دنيا کي پاڻ ۾ ڳنڍي ڇڏيو، جتي هر وقت ماڻهو انفارميشن جي منهن ۾ آهي. ان کان پوءِ نظرياتي دَور، جنهن ۾ هر شيءِ جي مرڪزيت هوندي هئي. اخلاق جي مرڪزيت، رشتن جي مرڪزيت، تهذيب جي، ثقافت جي ۽ لوڪ ڏاهپ جي مرڪزيت هئي، اها مرڪزيت ٽٽي ويئي، ان ڪري سچ ۽ ڪوڙ جي پرک ختم ٿي ويئي. بلڪ ماڻهو کي ايترو نام نهاد اشوز ذريعي جهنجهوڙيو ويو، جو وائڙائپ ۾ ماڻهو هڪڙي شڪ ۽ شڪايت واري ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي ويو. تبديليون ايتريون تڪڙيون جو ڪٽي کاٻ شيءِ بيهي نٽي، نتيجي طور هڪ خطرناڪ مقابلي بازي واري صورتحال پيدا ٿي ويئي. ماڻهو وٽان فطري ڪلچر ختم ٿي ويو. مطلب ته ماڻهو اڌ مشين اڌ انسان بنجي ويو. ان کان پوءِ لڏ پلاڻ شروع ٿي ويئي، هر ڪوئي چاهي ٿو هو شهر ۾ رهي، چو ته روزگار جا ذريعا به اتي، سهولتون به اتي، مشيني فائدا به اتي آهن. زندگي اڇلجي ويئي. سڪون ختم ٿي ويو. بي چيني، هيرو ازم، مقابلي بازي، ٻئي کي نڱڻ، ٻئي کي گهٽ ڏيکارڻ، ٻئي جي گلا ڪرڻ، ٻئي خلاف سازشون ڪرڻ اسان جا قدر بنجي ويا. اهڙي صورتحال ۾

جيڪڏهن ڪو نارمل رهي ته معجزو ئي چئبو.

هڪ ٻيو اهم سبب، جنهن سان نه صرف ذهني صحت تباهه ٿي پر اهو جسماني صحت لاءِ به هاڃيڪار آهي، اهو کاڌ خوراڪ جو آهي. توهان سوچيو هائپر ريئلٽي صرف اشوز يا واقعن يا شين جي ناهي، پر کاڌ خوراڪ به هائپر ريئلٽي جو شڪار آهي. اصلي ٻج سڀ گم ٿي ويا. هائبرڊ ٻج مارڪيٽ ۾ اچي ويا، جن ۾ ڪيميائي ملاوٽون ڪيل آهن، جو اُهي اصلي پيداوار کان ٻيڻ تي پيداوار ڏين ٿا، پر انهن ۾ غذائيت ناهي. ان کان پوءِ ايترا ڪيميائي پاڻ استعمال ڪيا وڃن ٿا، جو غذا زهريلي بنجي وڃي ٿي. پاڻي گندو ٿيندو وڃي. کير ۾ ملاوٽ، تيل ۾ ملاوٽ، گيهه ۾ ملاوٽ، مصالحن ۾ ملاوٽ، پلاسٽڪ جي ٿانون جو استعمال، اي سي ۾ سمهڻ، جسماني ڪم گهٽ هڻڻ، اهي سڀ شيون به ذهني صحت کي متاثر ڪري رهيون آهن.

هڪ اهم مسئلو اسان جي ميڊيا آهي. هن وقت ميڊيا جو ڪم آهي سنسني ڦهلائڻ، بريڪنگ نيوز ناهڻ، لاشن جون تصويرون ڏيکارڻ، اسان کي ٻن قسمن جي دهشت گردي کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، هڪ اها جيڪا ڪنهن جڳهه تي ٿئي ٿي، مثال بم ڦاٽو، ٻي اها جيڪا وري رپورٽ جي صورت ۾ اسان کي ڏيکاري وڃي ٿي. گذريل ڏينهن ۾ اهڙا ڪيترائي ڪيس نفسياتي ڊاڪٽرن وٽ آيا، جن ۾ ماڻهو خوف ۾ گهرن کان ٻاهر نڪرن، ڊپ مان چرڪ پيا پرين ته اجهو گولي لڳي، اجهو بم ڦاٽو. اهڙي ماحول ۾ ٻارن جي پڙهائي متاثر ٿئي ٿي، سماجي وهنوار متاثر ٿئي ٿو. عام طور تي ٽي وي چئنل يا سوشل ميڊيا تي خطرناڪ تصويرون رکيون وڃن ٿيون، جيڪي ماڻهو کي خوف ۽ هراس ۾ مبتلا ڪن ٿيون. اسان کي چيو وڃي ٿو ته اهو اسان جو حق آهي ته اسان ماڻهن کي باخبر رکون، پر ڳالهه اها آهي ته ڪو اخلاق، ڪو قدر، ڪو قانون ته هڻڻ گهرجي يا سڀ ڪجهه جائز آهي. جي جائز آهي ته پوءِ اهو ڏينهن پري ڪونهي

جڏهن پرائمري ٻارن کي نصاب ۾ پڙهايو ويندو "مرني کي بعد کيا هوگا" يا بهشتي زيور. ان کان پوءِ ٻيو مسئلو ميڊيا ذريعي مشهورين (Advertisements) جو آهي، جن تي کو به قانون لاڳو نٿو ٿئي. ڳورو جسم ڪرڻ واري ڪريم جي شيشي وڪڻڻ لاءِ جيترو سيڪس اپاريو وجي ٿو، اوترو کو ڪڏڙو به پنهنجي مالڪ جي شهوت کي اپارڻ لاءِ ڪونہ ڪندو هوندو. جيترو هنن ڪمرشل يا اشتهارن ۾ ماڻهو کي لالچايو وجي ٿو ، ماڻهوءَ کي جيترو چتو ڪيو وجي ٿو، شايد اوترو کو پوائتو خواب ۾ نہ هجي. آخر ماڻهو وجي ڪيڏانهن؟؟ ڊراما ڏسو تہ گهريلو سازشن سان ڀرپور، مٿئين طبقي جي نوجوانن جي عياشي سان ڀرپور، يا وري ڏاڙيل ڪلچر وارا ڊراما، لباس ڏسو تہ گهمندڙ ڦرندڙ وائگرا. نجي ٽي وي جا صحافي وري جڙتو خبرون ناهڻ، نوڙيءَ مان نانگ ناهڻ ۽ انهن جزن ۾ سنسني پرڻ ۾ پورا آهن.

اهڙي صورتحال ۾ ماڻهو ۾ بيزاريت، پوءِ چڙ جو پيدا ٿيڻ، آهستي آهستي خوف، اڪيلائي، پيٽ خراب ٿيڻ، هاضمي جو سرشتو خراب رهڻ، بلڊ پريشر جو وڌڻ يا گهٽجڻ، ڪاوڙ اچڻ، معمولي ڳالهہ تي وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ، پج ڊاهہ ڪرڻ، ٿوري ڳالهہ تي نفرت جي انتها تي پهچي وڃڻ، گهريلو زندگيءَ جي نا آسودگي، طلاقن جو وڌڻ، ٻارن جو خود ڪشي ڪرڻ، ڏوهاري ذهنيت پيدا ٿيڻ، قتل جهڙا ڏوهہ ڪندي دير نہ ڪرڻ، ننڊ نہ اچڻ، بي خوابي، يا رڳو ننڊ جو اچڻ، مايوسي، وزن جو وڌڻ يا وزن جو گهٽجڻ، ڪم ۾ دل نہ لڳڻ، مَرَ سهپ، ٿوري ڳالهہ تي ڪاوڙ ۾ اچڻ، (يورپ ۾ پراڻي چوٽي آهي تہ جيڪو هلڪو ڦلڪو اخلاق جي دائري ۾، مذاق نہ سمجهي ۽ مذاق تي چڙي پوي، اهو ائبنارمل آهي) اسان وٽ تہ ڪل پوڳ وارو جذبو ئي ختم ٿي ويو آهي. ماڻهو هر وقت ويڑهہ ۾ آهي، اهي سڀ ڪيفيتون ذهني دباءَ جون آهن. جن ۾ ماڻهو آهستي آهستي ائبنارمل ٿيندو ويندو آهي، پر هن کي خبر نہ پوندي آهي تہ هو ائبنارمل آهي،

پر ڪجھ ماڻھو پاڻ محسوس ڪري ونندا آھن تہ ڪا ائبنارملتي ھنن سان ٿئي پئي، ڊپ جو وڌڻ، موت جو خوف، ويڳاٽپ، زندگي مان لطف اندوز نہ ٿيڻ، يا مسلسل پيٽ خراب رھڻ، رات جو ننڊ نہ اچڻ سان ماڻھو عام ڊاڪٽرن جو رخ ڪن ٿا، پر اسان جي عام ڊاڪٽرن کي خبر نہ پوندي آھي تہ اصل مسئلو ڪھڙو آھي؟ ڊاڪٽر دوائن جو پرچو لکي ڏيندو، خاص اسٽور تان توھان کي ونڊي آھي، جوجو ڊاڪٽر صاحب جو فرمان آھي، ڪميشن ڊاڪٽر کي ملي ويندي، توھان ساڳيا لاٽون ساڳيا چڪھ، پر ڊاڪٽر دوائن جي ڪمپنين ۽ اسٽور جي مافيا جي خرچ تي سينگاپور جو سير پيو ڪندو، فرج، ٽي وي، فرنيچر فرمائش تي پيو ملندس، پر توھان کي افاقو نہ ٿيو ۽ توھان وري ڊاڪٽر وٽ ويندا، ڊاڪٽر دوا بدلائيندو، پر ٿيندو ڪجھ ڪونہ، جو تہ ڊپريشن جي بيماري لاءِ نفسياتي ڊاڪٽر ڪپي يا وري علم نفسيات جو ماھر ڪپي، جيڪو توھان جي physcho therapy ڪري، توھان ۾ مثبت خيال ايازي، توھان کي سمجھائي. ھڪ ڊاڪٽر راجيش ڪمار سان انھيءَ سلسلي ۾ ڳالھ ٻولھ ٿي. ھن چيو تہ اسان وٽ مريض جڏھن اچي ٿو تہ ھو سائيڪوٿراپي واري مرحلي کان چڙھي چڪو ھوندو آھي. صرف دوائن وسيلي ئي ھن جو علاج ٿي سگھندو آھي. چوتہ اسان جي سماج جا ماڻھو نفسياتي مسئلن کي نفسياتي سمجھن ئي ڪونہ ٿا. سائيڪوٿراپي شروع وارو مرحلو آھي.

جبلت مرگ ۽ جبلت حيات

فرائيڊ جبلت حيات جي ضد ۾ جبلت مرگ جو اصطلاح قائم ڪيو، هن جو خيال هو ته انسان ۾ جبلت مرگ به اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. جهڙي طرح انسان پنهنجي اڊ (id) کي شعور ۾ سماجي پابندين جي احساس ٽيڪ کان پوءِ مهذب (sublimate) ڪندو آهي، اهڙيءَ طرح جبلت مرگ کي تعميري ڪم لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو بلڪ جبلت مرگ کانسواءِ جبلت حيات ٽيندي ناهي. فرائيڊ هڪ ٻيو اصطلاح به ڪتب آندو، اهو آهي اذيت پسندي (Sadism) جنهن جو مطلب آهي ته انسان ۾ جتي پيار، همدردي، نفاست ۽ سنيال موجود آهي، اتي ڀڃ ڊاهه، تخريبيت ۽ ايذاءَ پسندي به انسان ۾ موجود آهي. يقينن ايذاءَ پسندي جبلت حيات نٽي بنجي سگهي، اها جبلت مرگ ٽي سگهي ٽي، پر اها به تعمير لاءِ ۽ پيار لاءِ ضروري آهي. مثال اسان گهر ناهڻ لاءِ وڻ وڍيون ٿا، جبل ڪٽي پٽر ڪيون ٿا، هڪ شاگرد رات ڏينهن سخت اذيت سان سفر ڪري پڙهڻ وڃي ٿو، يا والدين سخت محنت ڪري پگهر وهائي، پنهنجي روزي ڪمائن ٿا، اهي عمل بظاهر ته اذيت پسند آهن، پر جبلت مرگ کي مهذب (Sublimation) بنايا ويا آهن. فرائيڊ جو خيال هو ته جبلت مرگ ۾ اذيت پسند جنسي عمل لاءِ به ضروري آهي. مثال ٻن مخالف ڌرين جو پيار ۾ هڪٻئي کي زور سان ڀاڪر پائڻ، چڪ پائڻ، چمڻ، لِڳوئڻ بظاهر ته اذيت پسندي آهي، پر اها تخريب تعميري ۽ پُر مسرت آهي. اهڙيءَ طرح ننڍڙي ٻار کي ڪٽڻ انهيءَ کي سيني سان لڳائڻ، انهيءَ کي چهنڊڙي پائڻ، چڪ پائڻ، يا زور سان مٿي هيٺ ڪرڻ سڀ عمل بظاهر اذيت پسنديءَ جا آهن، پر انهن ۾ لذت ۽ مسرت به موجود آهي. علم نفسيات ۾ اذيت پسنديءَ کي تعميري بنائي سگهجي ٿو. معنيٰ جبلت مرگ ذريعي زندگيءَ ۾ جبلت حيات پيدا ڪري سگهجي ٿي. بلڪل اها ڳالهه هائڊيگر اڳتي هلي ڪئي ته زندگي جي سيني عملن

جو بنيادي محرڪ حيات ناهي پر موت آهي. يعني موت کي سمجهي اسان زندگيءَ کي سمجهي سگهون ٿا. هائڊيگر موت کي بن حصن ۾ ورهايو هو. هڪ عملي موت ٻيو موت جو تصور، هائڊيگر جو خيال هو ته موت جو تصور عملي موت کان وڌيڪ دهشت زده ڪري ٿو. ماڻهو جيڪا حياتياتي سرگرمي ڪري ٿو، اها موت جي خوف کان پڇڻ لاءِ ڪري ٿو، پر موت جو خوف سڄي زندگي انهيءَ جو پيڇو ڪري ٿو، موت جي خوف کان پڇندي پڇندي وڃي عملي موت ۾ پناهه وٺي ٿو. جديد وجوديت ۾ انهيءَ ڳالهه کي بنيادي اهميت ڏني ويئي ته انسان پنهنجي وجود جي اهميت ڪنهن انتهائي درد، پابندين ۽ اذيت مان گذري پوءِ حاصل ڪري ٿو، پر انسان پنهنجي هئڻ جي جواز کي محسوس ئي تڏهن ٿو ڪري، جڏهن روايتن کان هٽي ڪو ڪم ڪري ٿو يا درد مان گذري ڪا ڪاميابي ماڻي ٿو. جبلت مرگ وجوديت ۾ وڏي اهميت رکي ٿي، ڇو ته وجوديت ۾ منفيت کان مثبت ڏانهن وڃڻ جو رستو آهي، يعني لاشيت، مايوسي، واهيات پڻي، موت، دهشت، بوريت، خود فريبي ۽ ضمير بد جو احساس ماڻهو ۾ اهو احساس جاڳائي ٿو ته هو انا ۽ غرور جي ڪوڙي ڦندي ۾ ڦاٽل آهي، ڪروڌ ۽ لالچ جي ڪري غير انساني زندگي ڏانهن وڃي ٿو، تنهن ڪري زندگي کي هلڪو ڦلڪو وٺي ۽ ڪروڌ يا وند ورڇ جا حساب ڪتاب ڪندي، پاڻ کي برباد نه ڪري. ٽيڪ اتان جبلت حيات پيدا ٿئي ٿي. صوفين وٽ به اهو ئي طريقو هو:

جَا يُونءِ پيرين مُون، سَا يُونءِ مَٿي سَڄڻين
ڏِڳَ لٽبا ڏُوڙ ۾، اُيي ڏِناسين
ڏِينهن مِڙوئي ڏُون، اُٿي لوڇ لطيف چَئي.

شاهه لطيف جا اهڙا ڪيترا بيت ملندا، جيڪي منفيت کان مثبت ڏانهن وک وڌائين ٿا، جن ۾ جبلت مرگ کان جبلت حيات جو فلسفو ملي ٿو:

سُورائِتي سَڏ، ڪَري سَڏ سُورن کي
سُورن پَڳس هَڏ، سي پڻ سيڪي سُورن سِين.

يا هي بيت ڏسو:

مَر تہ موچَارِي ٿِيين، ويهي جِيءُ مَر جوءِ
هاري ڪَر هِمت، تہ ڏيئي دَم دَوس لَهين!

هاڻي اسان غور ڪنداسين تہ اسلام ۾ بہ، 'لا' کان شروعات ٿئي ٿي. يعني Nothing to thing جو سفر اسان کي ملندو.

فرائيڊ وٽ جبلت مرگ تيستائين ڪارگر آهي، جيستائين اها تعميري آهي، پر جي اها قوت تخريبي بنجي پئي، ماڻهو انهيءَ کي مثبت رخ نہ ڏيئي سگهي تہ اها قوت ماڻهو کي اذيت پسند بنائي ڇڏيندي، انهيءَ قوت جو اندريون اثر ماڻهو جي شخصيت ۾ اذيت پسندي (Masochism) پيدا ڪندو، اها ئي قوت ٻاهر نڪري ماڻهو جي تخريبي قوت بنجي ويندي. ڪجهہ نفسياتدانن جو خيال آهي تہ جبلت مرگ احساس ڪمتريءَ مان پيدا ٿيندي آهي، گهٽتائيءَ جو احساس ئي بنيادي احساس آهي:

پاڪستان ۾ جبلت مرگ

جبلي طور ماڻهو ۾ ڪيتريون ئي منفي قوتون آهن، جو تہ ماڻهو بنيادي طور جانور آهي، هن ۾ منفي قوتن جو هڪ جار وڇايل آهي، سماج انهن ڇڙواڳ قوتن کي قابو ڪري ماڻهو کي مهذب ناهي ٿو، سماج انسان جي انهن ڇڙواڳ قوتن کي بلڪل ختم نٿو ڪري، بلڪ انهن کي ڪو تعميري رُخ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، مثال جنس جي جبلت کي مهذب بنائڻ لاءِ شادي جو ادارو موجود آهي، چيرڦاڙ ڪرڻ جي جبليت، سرجري، فوجي مقصد، شڪار ۽ تعمير لاءِ پڻ ڌاهہ ۾ تبديل ڪئي ويندي آهي. انسان جي اهم جبلت بُک آهي،

جنهن کي سماج مهذب بنائڻ لاءِ مختلف روزگار جا ذريعا پيدا ڪري، ماڻهو کي عزت سان کاڌ خوراڪ مهيا ڪري ڏيڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿو.

انسان جي جبلت آهي ته هن جي ذات کي سجاڻپ ملي، هن جي واهه واهه ٿئي، سماج انهي جبلت کي فن، موسيقي، تعميراتي ڪم، ٻين جي مدد ڪرڻ، تخليقي ڪم، پنهنجي صلاحيتن جي ميدان ۾ جوهر ڏيکاري، هُو پنهنجي سجاڻپ ڪرائي سگهي ٿو، پر انسان مطمئن ڪٿي ٻه نظر نٿو اچي، هڪ ته سماج جي پابندين ۾ انسان بور ۽ ڪڪ ٿي پوي ٿو. ان لاءِ ان کي تفريح جا ذريعا مهيا ڪيا ويندا آهن ته هو، پاڻ کي ٽانيڪو رکي. ڪو ٻه سماج صرف تڏهن صحتمند ٿي سگهي ٿو، جڏهن ان ۾ ڊسيپلين، قانون جي پابندي ۽ انسان جي زندگيءَ جا آسائتا ذريعا مهيا هجن، پر پوءِ ٻه ماڻهو مان هورا ڪورا نٿي وڃي، چو ته انسان غير منطقي جيو آهي، هن جي طبيعت جا هزارين رينڊم پهلو آهن، سندس جيون ۾ ڪيتريون وجودي وارداتون ڪيس وکوڙين ٽيون، جي ڪيس جنگل ۾ ڇڙواڳ ڇڏيو وڃي ته أتي ٻه چير ڦاڙ ڪندي، فطرتي آفتن جو شڪار ٿي ويندو.

ٻيو سڀ کان وڏو مسئلو آهي انسان جو 'لبيڊو' (Libido) هي اها جبلت آهي، جنهن کي فرائيڊ جنس جي بنيادي قوت قرار ڏنو هو، جيڪا ذهن ۾ انسان جي جنس جي نمائندگي ڪري ٿي. لبيڊو تي اسان اڳ ڳالهائي آيا آهيون.

هاڻي پاڪستاني سماج جو سڀ کان وڏو مسئلو آهي، ڇڙواڳي ۽ ڪرپشن، جنهن ڪري کو ٻه انفرا اسٽرڪچر سالم ناهي، نه اسپتالون، نه اسڪول، نه روڊ رستا، نه وري تحفظ، طبقاتي سماج جي هيءَ بيڇڙي شڪل، جنهن ۾ ڪوبه ڊسيپلين ناهي، ٻئي طرف مارڪيٽ جو ڪلچر هر شيءِ وکر بنجي ويئي آهي، جنهن ڪري ماڻهن انساني قدرن کي وڃائي ڇڏيو آهي.

جڏهن به ماڻهو کي روزمره جي زندگيءَ ۾ تڪليفون ملڻ شروع ٿيندیون، هر قدم تي ناانصافي، اذيت، طبقاتي ويڇا، بي روزگاري، غربت ۽ جهالت سان واسطو پوندو ته ماڻهو کان برداشت ڪرڻ آهستي آهستي ختم ٿي ويندو، زندگي دباءُ ۾ رهندي، جنهن ڪري ماڻهو ۾ اذيت پرستي وڌندي، جيڪا ماڻهو ۾ جبلت مرگ پيدا ڪندي. هاڻي توهان غور سان ڏسو، اسان جي سماج ۾ ماڻهو هر وقت ڪاوڙيل، وڙهڻ، مرڻ مارڻ لاءِ تيار هوندو آهي، روڊ تي ڄاڻي واڻي خطرناڪ ڊرائيونگ، موٽر سائيڪل کي غلط سائيڊ کان هلائڻ، سپ جبلت مرگ جا مظاهرا آهن، ٻئي طرف منشيات واپرائڻ، ڳنڍڪو، نرو، تماڪ ۽ ٻيا ڪيترا نشا ماڻهو واپرائن ٿا. ڪين خبر آهي ته هنن شين مان خطرناڪ بيماريون ٿيندیون، پر پوءِ به هو نٽو مڙي، ڇو ته هو جبلت مرگ جي رستي تي هلي پيو آهي، دهشت گردي، جنون، گهر مان عورتن جو پيڇو، طلاقن جو تعداد وڌڻ، زندگي ۾ نا آسودو رهڻ هڪ عادت بنجي اسان ۾ سرايت ڪري ويئي آهي، جبلت مرگ جي رستي تي هلڻ واري سماج ۾ زندگي ائبنارمل ٿيڻ لڳندي آهي. آهستي آهستي سماج چريو ۽ ماڻهو ان جا چريا ڪردار بنجي ويندا آهن، ڇو ته جانوراڻي جبلت کي مهذب بنائڻ جا موقعا ئي نه ڏنا ويندا آهن، انهيءَ ڪري ماڻهو مهذب ٿيڻ ئي وساري ڇڏيندو آهي. ڪو سالم دماغ جيڪڏهن انهن ماڻهن کي چريائپ کان روڪيندو ته ان کي به جبلت مرگ ڏانهن ڌڪيو ويندو. پاڪستاني سماج ۾ ماڻهن جي نفسيات اهڙي ائبنارمل آهي. جبلت مرگ جي نشاني اها آهي ته ماڻهو شروعات ئي منفي ڳالهين کان ڪندو، مثال توهان گهر نهرايو. کي ماڻهو توهان کي مبارڪون ڏيندا، پر گهٽا ماڻهو اهڙا ايندا جيڪي چوندا يار هي نقشو صحيح ناهي، يار! هن ۾ هي ٽائلس نه لڳرائين ها. هي ڪمرو ننڍو آهي وغيره. وري ٻيو مثال توهان وٽ حڪومت يا اين جي اوز جو آهي، ڪو تعميري ڪم ڪرايو ته گهٽا ماڻهو شروعات ئي اتان ڪندا ته سپ ڪائڻ پيئڻ جو ڏنڏو اٽن.

ڪروڙين ڪاڏا اٽن تڏهن هي ٽڪي جهڙو ڪم ڪيو اٽن.

اهڙيءَ طرح ڪو ٻار رزلٽ کڻي آيو ته بابا آئون پهرين نمبر تي پاس ٿيو آهيان، پٽس ڪارڊ ڏسي چوندو پر ماركون ته گهٽ اٽئي، ٻلا کهڙو ڏپٽي ڪمشنر ٿيندين؟ پڙهائي هئي اسان جي دور ۾، توهان چا ٿا پڙهو!

اڄ جو اڪثر نوجوان جديد اليڪٽروانڪ ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا مان جلدي متاثر ٿئي ٿو. ميڊيا ماڻهن کي چتو ڪري ٿي، مشهورين جي نالي ۾ سيڪس اپارٽ، بريڪنگ نيوز جي چڪر ۾ دهشت ڦهلائڻ، لاشن جون تصويرون ڏيکارڻ، جڙتو خبرون ناهي وحشت ڦهلائڻ، نوجوان کي ميڊيا روز ورغلائي تباهي ڏانهن وڃي ٿي، اڪثر ٽي وي ڊراما سطحي، جنسي ۽ دولت جي نمائش جا مظاهرا ڪندا رهندا آهن، جيڪي اسان جي روزمره زندگي جي نيرو لئنگويج پروگرام ذريعي ماڻهو جو لاشعور تباهه ڪندا رهندا آهن، اڄ جو نوجوان جلدي متاثر ٿئي ٿو، منجهس ڪاوڙ، جلد مايوس ٿيڻ، غير قانوني حرڪت ڪرڻ، نشو واپرائڻ، جنسي چتو ٿيڻ وغيره جهڙا مسئلا ڏاڍا موجود آهن. اهي سڀ جبلت مرگ جا مظاهرا آهن، جيڪي پاڪستان ۾ عام جام آهن. اهڙيءَ طرح سماج جي منفيت توهان کي هر قدم تي ملندي.

احساس ڪمتري (Inferiority Complex)

Inferior = A state of being Inferior

Inferior = someone or thing lower in rank, Social status, importance, quality etc in relation to others in comparison.

Inferiority complex= A state of Mind in which a person has morbid feeling of being inferior to others.

احساس ڪمتري جا ٻہ قسم آهن:

1. **مريضاڻو احساس ڪمتري** (Morbid Inferiority complex).
2. **صحت مند احساس ڪمتري** (Healthy Inferiority complex)

دنيا جا سيئي مسئلا هن مونجهاري سان جُڙيل آهن. مقابلي بازي، ريس ڪرڻ، ترقيءَ جي خواهش، سماجي پيچ ڊاهه، رشتن ناتن ۾ ڏار پوڻ، جلن، حسد، دشمنيون، پيار، نفرت، دهشت، جهيڙا جهٽا، شادين جو ڪامياب يا ناڪام ٿيڻ، ماڻهوءَ جو مِرُون ٿيڻ، قومن جو ترقي ڪرڻ، پاڙيو ٿيڻ يا ڦورو ٿيڻ، ڏيکاءَ پرستي، جنسي نمائش، فن، فنڪاري، تخليق، ناموس ۽ عزت وغيره سڀ شيون ان مونجهاري سان جڙيل آهن.

هن مونجهاري جا نفسياتي ۽ فلسفياڻا پهلو نمايان آهن. نفسيات ۾ هن مونجهاري کي الفريڊ ايدلر متعارف ڪرايو، جهڙيءَ طرح فرائيڊ جو خيال هو تہ "دنيا جنس جي چوڌاري گهمي ٿي" بلڪل اهڙيءَ طرح ايدلر جو خيال هو "دنيا طاقت جي چوڌاري گهمي ٿي" (The world moves around the power). **ٻار ننڍي هوندي ڪمزور هوندو آهي. هن کي نہ هلڻ اچي نہ ڳالهائڻ اچي نہ ڪا شيءِ کٽي سگهي، ان جي مقابلي ۾ هو ڏسي ٿو تہ ٻيا ٻار هن کان ڏاڍا آهن، تہ هو ڪمزور محسوس ڪندي احساس ڪمتري ۾ وڃي ٿو. ان احساس ڪمتريءَ مان نڪرڻ لاءِ هو هر طرح ڪوشش ڪندو رهي ٿو تہ ڪجهہ ڪري،**

کا شيءِ کڻي وات ۾ وجهڻ، ڪنهن شيءِ کي کڻي پيڃڻ، غصي جو اظهار ڪرڻ، ڪڏهن هروپرو رڙيون ڪرڻ، اهي سڀ حرڪتون هو انهيءَ احساس مان نڪرڻ جي لاءِ ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح ڇوڪري کي ڇوڪريءَ جي مقابلي ۾ ترجيح ڏيڻ سان وري ڇوڪريءَ ۾ احساس ڪمتري پيدا ٿيندو آهي. جنهن ڪري ٻار پوءِ سڄي زندگي اها طاقت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي ڪمزوريءَ مان جان ڇڏائي سگهي. جواني ۽ جوش حيات ۾ اهڙيون حرڪتون وڌيڪ ڪندو آهي، هتي هڪ اهم سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ڇا هر ماڻهو احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا رهندو آهي؟ ته ها بلڪل هر ماڻهو ۾ احساس ڪمتري موجود هوندو آهي، ڇوتہ ماڻهو سدائين ڇڄندو ڦُرندو رهندو آهي. فطرت جي اڻيان بي وس لاچار آهي، ڄمڻ سان منجهس کوٽ آهي، جيڪا هو پوري ڪرڻ لاءِ سدائين سرگردان رهندو آهي.

ايڈلر عضون جي ڪمزوريءَ کي اهم قرار ڏنو، ماڻهو عضوياتي طور ڪٽي ڪمزور آهي، کهڙو عضوو هن جو ٺيڪ ناهي ته ان ڪمتري کي هو ٻي طرح سان پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. مثال جو ماڻهو نابين آهي ته ممڪن آهي ته هن جا ٻيا حواس وڌيڪ تيز ڪم ڪن، ٽي سگهي ٿو هو سٽو موسيقار ٿي ايري، ٽي سگهي ٿو هو سٽو شاعر ٿئي، يا وري زندگيءَ جي ٻين ميدانن ۾ گهٽن کان گوءِ کڻي وڃي.

احساس ڪمتري کي ٻين فلسفين ڪيئن ڏٺو؟ سارتر چيو هو ته انسان خلا ۾ لٽڪيل آهي، جيڪو هر لمحي چوند جي مرحلي مان گذري ٿو، چوند هميشہ انهيءَ ڳالهہ جي نشاندهي ڪري ٿي ته ڪا کوٽ آهي، جنهن جو پورائو ڪرڻو آهي. کوٽ آخر کهڙي آهي؟ سارتر چيو هو، وجود پهرين آهي، يعني پهرين پنهنجو سامهون ڪري ٿو، پوءِ پنهنجي هئڻ جو جوهر تلاش ڪري ٿو، ان جو مطلب ته انسان هڪ نيستي آهي، هڪ خال آهي، جنهن کي هر لمحي وجود ۾ اڇٽو

آهي، هن جو ڪوبہ جوهر ناهي، ڪو بہ عمل ڪا بہ شيءِ هن جي متحمل ناهي، تہ پوءِ انسان ڇو آهي؟ سارتر جي خيال ۾ ماڻهوءَ جو وڏو ڪرب ۽ درد اهو ئي آهي تہ هن کي پنهنجي هئڻ جو جواز نٿو ملي، مٿان وري کيس موت جي دهشت وکوڙيو وڃي، تنهن ڪري اڪيلائيءَ جو ٻوجهہ ڪٽي، پنهنجو ئي لاش ڪُلهي تي ڪٽي هلندو رهي ٿو. احساس ڪمتريءَ جو بنياد اسان کي اتان ملي ٿو تہ انسان ۾ ڪا ازلي کوٽ آهي، جيڪا هو چوندڙ ڪري ٿو اها بہ هن جي متحمل ناهي، معنيٰ پوءِ چوندڙ ڪرڻ بہ هڪ فريب آهي، اهڙي خود فريبي ماڻهو پاڻ کي ڏيندو رهندو آهي، بلڪ زندگيءَ لاءِ پاڻ کي فريب ڏيڻ ضروري آهي ستي

(1898-1935) Suttie نفسيات جي ماهر وري انهيءَ کي Fear of loss of love جو احساس قرار ڏنو يعني ماڻهو ۾ هر وقت ڪجهہ وڃائڻ جو ڊپ لڳو رهندو آهي.

> "Hate and aggression are not as in Freud basic instinct but are result of deprivation of love" [1]

هن جي خيال ۾ نفرت ماڻهو جو بنيادي جذبو ناهي، جيئن فرائيڊ چيو هو تہ نفرت ۽ محبت هڪ سڪي جا بہ پاسا آهن، پر سُتي جو خيال هو نفرت جو جذبو محرومي مان پيدا ٿئي ٿو. ٻار جيئن ماءُ کان الڳ ٿيندو ويندو آهي تيئن پيار کان محروم ٿيندو ويندو آهي، جنهن ڪري هو توجهہ ۽ پيار وڌيڪ چاهيندو آهي، پر اهو نہ ملڻ جي ڪري ان ۾ محروميءَ جو احساس پيدا ٿيندو آهي، انهيءَ ڪري ٻار ۾ نفرت پيدا ٿيندي آهي.

ايرڪ فراهم جو خيال هو تہ ٻار مڪمل فطرت مان نڪري الڳ ٿيڻ شروع ٿئي ٿو، جيئن وڏو ٿئي ٿو تيئن فطرت کان پري ٿئي ٿو، هن جو وڌندڙ شعور کيس فطرت کان دور ڪندو وڃي ٿو،

[1] **Ian D. Suttie** The Origins of Love and Hate published in 1999. Routledge is an imprint of Taylor & Francis, an informa company. Page 15

تيئن الڳ ۽ اڪيلو ٿيندو وڃي ٿو. اصل ۾ وجود جي بنيادي ڪوٺ اها ئي آهي، جيڪا احساس ڪمتريءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿي.

ٻار فطرت ۾ ماءُ کان پري ٿئي ٿو معنيٰ فطرت کان پري ٿئي ٿو ماءُ ڪيس هنجهه ۾ ڪٽي ٿي، سيني سان لڳائي ٿي، پيار ڪري ٿي، سندس سنيال ڪري ٿي، بغير ڪنهن لالچ يا غرض جي هن تان قربان ٿئي وڃي پر ٻار جيئن وڏو ٿئي ٿو ماءُ جو توجهه هٽي وڃي ٿو، ٻار وڏو ٿي ويو، پر انهيءَ جي اها ئي فطرت، منجهس ڪوٺ بنجي وڃي ٿي. هو انهيءَ ڪوٺ کي پوري ڪرڻ لاءِ پيار جي تلاش ۾ رهي ٿو، اهو ئي پيار هو محبوبه ۾ زال ۾ ڳولي ٿو. مطلب ته هو سڄي زندگي ماءُ ڳولیندو رهي ٿو، اهو احساس ڪمتريءَ جو بنياد بنجي ٿو. فرائيڊ انهيءَ سڄي عمل کي جنس جو عمل قرار ڏي ٿو. هن جو خيال هو ته ٻار ماءُ جي ڇاتي چوسي ٿو، گود ۾ ويهي ٿو، ماءُ جي سيني سان لڳي ٿو، ماءُ ڪيس ڪارائي ٿي، پياري ٿي، اهو سڄو عمل ٻار کي هڪ لذت مهيا ڪري ٿو، جيڪو جنسي عمل آهي فرائيڊ جو جنسي نظريو تمام وسيع معنيٰ ۾ آهي، جيڪو صرف خاص عمل تائين محدود ناهي، ان کان پوءِ ٻار جيئن ئي ماءُ کان الڳ محسوس ڪري ٿو ته آڱوٺو چُوسي ٿو، جيڪو پڻ جنسي عمل آهي، اڳتي هلي هو جنس جي وسيع ميدان ۾ پهچي وڃي ٿو، پر ڪيس خاندان، اخلاقي قدرن ۽ سماج سان واسطو پوي ٿو، جيڪو انهيءَ جنسي عمل کان روڪي ٿو. ٻار آهستي آهستي انهيءَ خواهش کي دٻائڻ شروع ڪري ٿو. سندس لاشعور ۾ مونجهارا ٽيڙ شروع ٿين ٿا. احساس ڪمتريءَ جي شروعات ٿئي ٿي.

جديد سماج ۾ احساس ڪمتري

احساس ڪمتريءَ جي اظهار جا ٻه روپ آهن. هڪ پاڻ کي گهٽ سمجهڻ ۽ خود اعتماديءَ جي ڪوٺ ٻيو احساس برتري، پاڻ کي

ٻين کان بالاتر سمجهڻ يا ٻين تي پنهنجي ڏن دولت، صلاحيت ۽ طاقت جو ڏيکارو ويهارڻ.

عام طور سان اسان جي سماج ۾ احساس برتري وڌيڪ آهي، جيڪا يقينن احساس ڪمتريءَ مان پيدا ٿي آهي. اسان جو سماج جاگيرداريءَ هيٺ هزارين سال رهيو آهي، جنهن ۾ ڳوٺ جي عام ماڻهو ۽ وڏيري جو ڪردار هن جي زندگيءَ ۾ روان رهيو. ڳوٺ ۾ غربت ۽ محنت جي چوڌاري سماج گهمندو هو، جنهن ۾ سهوليتن جي اڻاڻ سدائين رهي آهي، پر ذات فطرت سان هم آهنگ هئي، انسان جيترو فطرت سان هم آهنگ رهندو، سندس جيءَ فطرت سان جڙيل رهندو، ڳوٺن ۾ ماڻهو هڪٻئي کي سجاڻندا آهن، تنهن ڪري فرد اڪيلو ناهي، هر ڪنهن جي پنهنجي ڪرت آهي، هر ماڻهو پنهنجي ڪرت ۾ رڌل آهي، پر سندس سجاڻپ ڪرت کان وڌيڪ ڳوٺائي هئڻ ۾ آهي، جنهن ڪري هو اجتماعيت سان جُڙيل رهي ٿو، تنهن ڪري سيئي ڳوٺاڻا پنهنجي سجاڻپ روايتن، لوڪ ادب، اوطاق، مهمان نوازي، عيد براد ۽ ڏٺن ملهائڻ سان ڪندا آهن، ڪنهن هڪ جو ڏک سيني جو ڏک هوندو آهي، ڪنهن هڪ جي شادي سيني جي خوشي هوندي آهي، اتي ڪا به مادي مقابلي بازي ناهي. فطرت اجتماعيت، يڪجهتي جو نالو آهي، جنهن ۾ زندگي حرڪي هوندي آهي پر شهرن ۾ فطرت کان ماڻهو پري ٿئي ٿو. مصنوعي ماحول سان واسطو پوي ٿو، ڪيس ڪير نٿو سجاڻي، سڀ اڪيلا فرد آهن، هڪ گهر جي ٻئي گهر کي خبر ناهي، هن جي زندگي صرف ڏيوٽي، گهر، ماني، ڪاڏو، ٽي وي تائين محدود آهي، شهرن ۾ ڪابه اجتماعيت ناهي، ڪو به ڏڻ ناهي، نتيجي طور ماڻهو ۾ پنهنجي وجود جي شناخت جو وڏو مسئلو پيدا ٿئي، جنهن جو پورائو هو شين سان ڪري ٿو. گهر ٺهرايو، فرنيچر ورتو، ايل اي ڊي ورتي، ڪمپيوٽر ورتو، ڪار ورتي، زيور ٺهرايا وغيره، اهڙي سندس سجاڻپ شين ذريعي ٿيندي، اڪثر توهان ٻڌندا هوندا فلاڻو ڪير

جنهن جو وڏو بنگلو آهي، فلاٽو، جنهن جي ويگو گاڏي آهي، فلاٽو، جيڪو انجنيئر آهي، فلاٽو، جيڪو وڏو ڊاڪٽر آهي، فلاٽو، جنهن جو پٽ انگلينڊ ۾ پڙهي ٿو، فلاٽو جيڪو بزنيس مين آهي، فلاٽو جنهن جي زال جپاني آهي، وغيره مطلب ته اسان اهي ناهيون جيڪي اسان آهيون، پر اسان اهي آهيون جن وٽ شيون آهن، شيءِ سان گڏ 'انا' به پيدا ٿئي ٿي، پنهنجي سجاٽپ اسان ۾ انا (Ego) پيدا ڪري ٿي. اسان نئين ڪار ورتي معنيٰ نئين انا ورتي، اسان وٽ وڏو عهدو آيو معنيٰ وڏي انا آئي، هاڻي انا اسان کي اجتماعيت مان ايجا پري ڪري ٿي، اسان انا جي ڪري ٻئي ماڻهو جا حريف ٿي پيا آهيون، نتيجي طور شهر ۾ جيئڻ وارا ماڻهو هڪٻئي جا حريف هوندا آهن، پاڙيواري جو پُٽ ڪنهن ڊاڪٽرياڻيءَ سان پرڻجي آيو، اسان جلڻ شروع ڪيو، اندر ۾ ڪامي ويندا سين، ظاهري طور ان کي مبارڪون ڏيندا سين، پاڙي واري گهر نهرايو، اسان کي مسئلو آهي، ڪنهن دوست کي ترقي ملي اسان اندر ۾ جلي وياسين، وري ائين به ناهي ته ڪو پاڙي وارو يا دوست شيءِ ونې بي تي ڏونس نٿو جمائي، بلڪ هن جي انا کي تسڪين ئي تڏهن ملي ٿي، جڏهن ٻيو جلي وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح ڪنهن پاڙي واري جي ڪار جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو، اسان کي هڪ عجيب تسڪين ملي ٿي، پاڙي واري جي زال جهيڙو ڪيو، ماڻهو اچي گڏ ٿيا اسان جي ذات ۾ هڪ عجيب خوشيءَ جو احساس ٿي پيو، اسان اندر ئي اندر ۾ خوش ٿيندا سين، دوست کي ڪاروبار ۾ نقصان ٿيو، اسان کي اندر ئي اندر ۾ خوشي ٿي، پاڙي واري جو پُٽ امتحان ۾ فيل ٿي پيو اسان دل ئي دل ۾ خوش ٿياسين. هي ڪهڙي زندگي آهي؟ اسان بگهڙن وانگر جي رهيا آهيون، اسان جي ڪا اجتماعي سجاٽپ ناهي. ٻهراڙيءَ جو نسل چند تارن سان ٿو رهي، هو نڪتن کي سجاڻي ٿو، هو هوائن جا رخ سمجهي ٿو، هن کي وٽن، ٻوٽن، جهر جهنگ، جبلن جي خبر آهي، هو اجتماعي ڏڻ ملهائي ٿو، پر شهر جو نسل گٽرن جي بدبو، ٽريفڪ جو گوڙ،

دونهاڻيل ماحول ۾ ۽ بند گهٽين ۾ پلجي وڏو ٿئي ٿو. طبقاتي سماج جي شهرن ۾ ماڻهو مرون بنجندو ٿو وڃي.

سنڌي سماج ۾ احساس ڪمتري

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي شهري آبادي لڏي ويئي، جنهن ۾ واپاري، پڙهيل طبقو شامل هو، باقي سنڌي ڳوڻن وارا رهيا، جن کي هونئن ب هندو ڄڻ چوندا هئا. جيڪي ذات پات ۾ ورهايل هئا، منجهن قبيلائي قدر موجود هئا. اهي انگريز سرڪار ۽ نوڪر شاهي جا نٽ ڏسي چپ پيا چٽيندا هئا، بلڪ انهن لاءِ ڳوٺ ۾ هڪ مختيارڪار، ماستر، پوسٽ ماسٽر ۽ تپيدار ب وڏي ڳالهه هئا. انهن 1970ع کان پوءِ شهرن جو رخ ڪيو. انهن جي پهرين نسل نوڪريون ڪرڻ شروع ڪيون. ان کان اڳ ڳوٺ جا ماڻهو شهرن جا قصا پراسرار طرح هڪٻئي کي ٻڌائيندا هئا. جڏهن سنڌي پهريون پيرو شهرن ۾ آيا تہ اتي وڏيون بلڊنگون، سهوليتون، عورت جي آزادي، شين جي نمائش، دولت جي نمائش جي مقابلي بازي، پئسا ڪمائڻ جهڙن عملن سان سندس واسطو پيو. سنڌي نسل پهريون پيرو تعليم ڈانهن ب راغب ٿيو.

هر اهو ماڻهو، جيڪو محروم رهي ٿو، ان ۾ جبلت مرگ منفي طرح سان ايري سگهي ٿو، سنڌي ماڻهو تاريخ ۾ يا ٻاهرين حملي آورن يا وري وڏيرن جي تسلط هيٺ رهيا، جنهن ڪري هنن ۾ احساس ڪمتريءَ جو پيدا ٿيڻ اٽنر هو. اذيت پسنديءَ جي هڪڙي شڪل هيرو پسندي آهي. يعني يا "مڙس ٿجي يا مڙس جي پاڙي ۾ رهجي" يا سورمو ٿجي يا سورمي جو پوئلڳ ٿجي، بلڪ ان جون جُتيون کڻڻيون پون تہ کڻجن، انهيءَ ڪري غريب ماڻهو وڏيرن جون جُتيون کڻڻ کي پنهنجي خوشنصيبي سمجهندا هئا. اڪثر اهڙا محروم ماڻهو وڏيرن جون جُتيون کڻي ٻاهر وري غريب غربي تي رعب وجهندا هئا ۽ ميجون وٽي پيا هلندا هئا. وڏيرا وري حڪمرانن

جي چَڻ ڪندا هئا. جيئن انگريزن جي دَور ۾ خان بهادر جا لقب ونڊي خوش ٿيندا هئا. ان وقت نوڪر شاهي جو ڏبڏبو ته مشهور هو. شل نه ڪو مختيارڪار ٻه اچي ته وڏيرا ڊوڙندا رهندا هئا. نسيم ڪرل جي ڪهاڻي "ڪچو رنگ" ۾ وڏيري جي نفسيات بلڪل صحيح ڏيکاري ويئي آهي. اها نفسيات عام هئي ته گهٽا ماڻهو وڏيرن جي حقي ٽوپي تي رکيل هئا، ڪي مالشي هئا، ڪي زور ڏيڻ لاءِ رکيل ته ڪي وري شڪار تي ڊوڙڻ لاءِ رکيل هوندا هئا. ڪي وري وڏيرن وٽ ڪچهري مچائڻ لاءِ رکيل هئا. اڪثر وڏيرن جي گهر مان ماڻهو ڏڏ ۽ ڪير ونندا هئا. وڏيرو ماڻهن کي ڏينڊو ونندو هو، عيد براد تي سنياليندو هو. مطلب ماڻهن جي نفسيات ۾ غلامي گهر ڪري ويل هئي. ان ڪري نفسيات ٻه اذيت پسندي واري هئي، جنهن ۾ هنن جي شخصيت جي ڪابه اهميت نه هئي نه وري هنن جي شخصي سڃاڻپ هئي، هو وڏيري جي چوٽ تي خون ٻه ڪندا هئا ته ڏاڙا ٻه هٽندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪو اهڙو واقعو ٻه ٿيندو هو، جو ماڻهو وڏيري جي ظلم کان تنگ ٿي بغاوت ڪندا هئا، ان صورت ۾ ڪين ڏاڙيل بنجڻو پوندو هو يا پوليس جو ڪاڃ بڻجڻو پوندو هو. ماڻهو ان کي سورمو قرار ڏيندا هئا، چو ته يا مڙس ٿجي يا مڙس جي پاڙي ۾ رهجي واري ڳالهه هيٺ ڏاڙيل ئي سهي، پر مڙس ماڻهو ان کي سمجهيو ويندو هو، جيڪو غلاميءَ جون زنجيرون ٽوڙي بغاوت ڪري، انهيءَ ڪري اهو پهاڪو ٻه ٺهيو ته 'مڙس ته ڏڏو نه ته آهي جڏو'.

اذيت پسنديءَ جي انتها بت پرستي آهي، خود ڪشي آهي يا ائبنارملٽي آهي، چو ته ان ۾ جبلت مرگ ايريل هوندي آهي، ماڻهو پاڻ کي طاقتور ڏانهن منتقل ڪري پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي قوم تي ون يونٽ مڙهيو ويو. ساڳي وقت دنيا تي ترقي پسنديءَ جو راڄ تيزيءَ سان ڦهلجي رهيو هو. سنڌي نوجوان پڙهائي ڏانهن راغب ٿي رهيو هو. مڊل ڪلاس ٺهڻ جي شروعات ٿي چڪي هئي. سنڌ جي تاريخ جو بهترين دور اهو هو،

جنهن ۾ سنڌ وڏيرن جي غلاميءَ مان نڪري رهي هئي. سنڌ هڪ قومي وحدت ۾ جڙي رهي هئي، ذات پات جي چڪرن مان نڪري رهي هئي. ماڻهو پاڻ کي سنڌي سڏائڻ ۾ فخر ڪرڻ لڳا، سنڌي نالا رکڻ لڳا. سنڌي پنهنجي سجاڻپ ناهڻ لڳا. اهو دور هو جڏهن پيپلز پارٽي ميدان تي آئي، جنهن سنڌي ماڻهن کي سندن سرڪشي مان ڪڍي وري وڏيري جي حوالي ڪرڻ جي تياري ڪئي. جيڪڏهن پٽو صاحب چاهي ها ته ان وقت ملڪ جي لکيل طاقت کي نروار ڪري، سنڌي ماڻهن کي خودمختياري ڏياري ها، رياست جي روايتي پاليسي کي بدلائي ڇڏي ها، پر پُٽي صاحب ائين نه ڪيو، (انهيءَ موضوع تي جامي چانڊيي صاحب پنهنجي ڪتاب: "سنڌي سماج: تاريخي ۽ تنقيدي اپياس" ۾ تمام سٺو بحث ڪيو آهي) پُٽي صاحب جي ان دور ۾ سنڌ جو مڊل ڪلاس نهڻ ۾ تيزي آئي. ماڻهن شهرن جو رخ ڪيو. شهرن ۾ محرومين جو احساس، دولت جي نمائش، وڏا عهدا، سرمائيدارن جا نٽ ڏسي، نئين آيل سنڌي نوجوان ۾ احساس ڪمتري پيدا ٿيڻ لڳي. ان وقت وجوديت جهڙي فلسفي ان نوجوان کي پنهنجي گود ۾ کڻي اذيت پسندي جي باڙ کي پورو ڪيو. هڪ اڻ کٽ مايوسي جي ڏبڻ ۾ نوجوان وکري رهيو هو. اها ئي شروعات هئي، سنڌي ماڻهو ۾ ڪرپشن جي پيدا ٿيڻ جي. ساڳي وقت وڏيرن کي پٽي صاحب جي دور ۾ بي انتها ڪرپشن جا موقعا فراهم ڪيا ويا. آخر پٽي صاحب جي انت کان پوءِ پ پ سنڌي ماڻهن جون همدرديون حاصل ڪري ورتيون. ضيا الحق جي دور ۾ سنڌي ماڻهو وڏ ۾ وڏ مايوسي ۽ بغاوت جي حالتن مان گذريا. هڪ طرف ترقي پسند تحريڪ عروج تي هئي، جنهن جي ڪڪ مان سنڌي پڙهيل نوجوان پيدا ٿي رهيو هو. ٻئي طرف جمهوريت کي هڪ آئيڊيل خواب سمجهي، ماڻهو ان کي پنهنجو آڇيو سمجهي وينا. آخر سي 30 (C-30) سان گڏ سوويت يونين به ٽٽي ويو. هڪ طرف سنڌي ماڻهن منايون ورهايون، ٻئي طرف هنن کي خبر نه هئي ته سوويت يونين

جو تڻ سڻ کي اونداهي واري دور ڏانهن وڃي رهيو آهي. ان جي پيرن ۾ ڪهاڙي هڻي ڪلهي تي کڻي هلڻ جو ڏينهن اچي ويو آهي. ان جي ڪلهي تي ڪهاڙي ڏسي ڪجهه ماڻهو سمجهندا آهن ته هن وٽ ڪو وڏو هٿيار آهي، جنهن سان هو ڪنهن کي به ڪاهي سگهي ٿو. جنهن ڪري هن کي ڪو به ڪجهه چوڻ جي همت نه ڪندو آهي. پر حقيقت ۾ هن جي هٿ ۾ ڪهاڙي ڏسي ڪجهه ماڻهو ڊڄي ويندا آهن ته ڪجهه ماڻهو ان کي ڏسي کلندا آهن. ڪجهه ماڻهو ان جي مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڪجهه ماڻهو ان کي ڏسي ڏاڍو ڏکيو محسوس

خريد ڪئي، تان جو مون دبئي مان خريداري ڪئي. وري شادين ۾ نمائش، گاڏين جي نمائش، گهرن جي نمائش، فرنيچر جي نمائش تان جو پنهنجي زال جي نمائش، پنهنجي ڏيءَ جي نمائش، بس اسان وڏا ماڻهو آهيون، اسان جو احساس ڪمتري ختم نٿو ٿئي، ٻي تي ڏونس جمائٽي آهي.

موجوده دور، جنهن کي پوسٽ مادرن دور چيو وڃي ٿو، اهو گلوبل وليج جو تصور ڪڍي آيو آهي، جنهن ۾ ماڻهو اهو جيڪو پاڻ کي ڪيش ڪرائي سگهي، پاڻ کي مڪي چڪي مارڪيٽ جو وکر بنائي سگهي، مقابلو، جڳاڙ بس اڳتي وڌڻو آهي، پوءِ چا ٻه ڪجي. انهيءَ صورتحال ۾ ڪرپشن جي نئين شڪل متعارف ٿي. هزارن ۽ لکن جي ڪرپشن نہ پر اربن ۽ ڪربن جي ڪرپشن ۽ روزانہ ڪرپشن ڪرڻي آهي. ان لاءِ نوڪري، سياست کان وٺي هڪ گاڏيءَ واري جي ٻہ ذهنيت اها نهي تہ ماڻهو کي دوکو ڪيئن ڏجي؟ ڪنهن جي ڪيسي مان پئسا ڪيئن ڪڍجن؟ مون اڳ چيو تہ شروعات جو ڪو ٻہ انت ناهي. مايا جي حصول جو ڪو ٻہ ڇيهہ ناهي اجا اڳتي اجا اڳتي، تان جو ماڻهو گم ٿيو وڃي، صرف شيون وڃيو رهن. ماڻهو جي اندر جو خالي پڻو ظاهر ٿيو پوي. ماڻهو فقير ٿيو پوي. اها احساس ڪمتري موجود رهي ٿي. هاڻي اسان عالمن، دانشورن، اديبن ۽ شاعرن جي ڳالهہ ڪنداسين.

اسان وٽ احساس ڪمتري زندگيءَ جي هر ميدان ۾ موجود آهي، رڳو ڪوڇڙن، ڪولهين، حجامن، ڪنيارن جي ڳالهہ ناهي، انهن تہ شهرن ۾ ا چي پنهنجون ذاتيون مٽائي ڇڏيون هاڻي تہ ذات ناهي ڏات، جيڪو ارب پتي سو ئي پلي ذات وارو. چوندا آهن "رن پٽ کي لڳي پاڳ تہ جوهر کي ڏي داڳ" سو اسان وٽ پئسي وارو ماڻهو چاهي تہ ذات مٽائي يا ٻہ ذاتيون هڪ وقت سڏائي "شينهن کي ڪير چوي تہ ٽُنهنجي منهن ۾ ڏپ" سو اسان جا دانشور، اديب هڪ خطرناڪ احساس ڪمتريءَ ۾ ونڃي ويا. انسان جو بنيادي مسئلو

اهو آهي ته هن جي سجاڻپ ٿئي. هن کي کير تسليم ڪري. هر فنڪار جي فن کي تسليم ڪيو وڃي ته هن وٽ ڪاريگري آهي. چون ٿا اها خدائي صفت آهي. صوفي چون ٿا خدا سُونهن جو ڳجهو خزانو هو، پنهنجو ئي جلوو پئي پسيائين ته جنبش جاڳيس ته سجاڻجان ۽ پاڻ کي ڪائنات جي صورت ۾ ظاهر ڪيائين. سو انسان جي اها ئي پَرِ آهي. ايستائين ته صحيح آهي ته پاڻ سجاڻجان، پر سجاڻجڻ ۾ مقابلو به ڪريان اها خدائي صفت ناهي. ڇو ته انسان خالي آهي اندر ۾ ڪوٽ اٽس، جيترو ان کوٽ کي پريندو اوترو اها کوٽ وڌندي اوترو خال وڌندو، ڇو ته مقابلو ڪرڻ مارڪيٽ جو ڪم آهي، جڏهن فن مارڪيٽ جو وکر بنجي وڃي، ته پوءِ اهو فن نٽو رهي. اهڙيءَ طرح فنڪار به مارڪيٽ ۾ اچي وڃي ته ڪلا طوائف بنجي وڃي. اهڙيءَ طرح علم جو سلسلو آهي، ول ڊيورانٽ جي هن جملي کي آئون وري ورجايان ٿو: "علم جي شروعات حيراني کان ٿيندي آهي پر علم جي انتها به حيراني تي ٿيندي آهي". پهرين حيراني جهالت واري آهي پي حيراني عرفانيت واري آهي پر اسان مان ڪوبه عرفانيت جي منزل تي نٽو پهچي، اسان وچ ۾ ٽپيون هٽي پاڻ پڌائڻ جا عادي ٿي ويا آهيون، ڇو ته اسان تي آفيسرن جو، دولت مندن جو، وڏيرن جو رعب ويڙل آهي، انهيءَ ڪري هاڻ اسان اهو رعب ٻين کي ڏيکارڻ ٿا چاهيون ته اسان به انهيءَ قابل آهيون جو رعب ڪريون. اسان جو ڪوبه اديب انهيءَ کان بچيل ناهي. هو سمجهن ٿا اسان ئي عقل ڪل آهيون. اسان ئي وڏا اديب، اسان جي تخليق به اعليٰ، اسان به اعليٰ، اسان جي تعريف ڪرڻ وارو به اعليٰ، باقي سڀ اسان جا دشمن. اصل ۾ گهٽا ماڻهو پاڻ کي درست سمجهڻ ۽ ٻئي کي غلط قرار ڏيڻ جا ماهر آهن. ان کان علاوه وڏو مسئلو ته اهو آهي، جو هتي هر ماڻهو ٻئي کي صلاحون ڏيڻ ۾ پورو آهي، هو سمجهي ٿو ٻيو نابالغ يا جاهل يا ڪو انڊو آهي. اها سياست ۽ جنڊا پٽ سنڌ ۾ حد کان وڌي چڪي آهي. پاڻ کي صحيح سمجهڻ ٻئي

کي غلط قرار ڏيڻ کي Paranoia چوندا آهن ته ماڻهو پاڻ کي حق سچ تي سمجهندو آهي، باقي سيني کي غلط سمجهندو آهي. کيس سدائين ٻين کان شڪايت هوندي آهي.

جنهن جو بنيادي سبب احساس محرومي هوندو آهي، پر آهستي آهستي اهو احساس هوس ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. هيڇ ۽ هوس وڌڻ شروع ٿيندي آهي. ايتري هوس جو ماڻهو سڄي دنيا جو مالڪ ٿئي، پر هوس پوري نه ٿيندي. سڪندر اعظم سڄي دنيا فتح ڪرڻ جو خواب کڻي نڪتو هو. نمرود پاڻ کي خدا سڏائي ٻه بس نه ڪئي. مطلب ته مايا جو فريب ايترو خطرناڪ آهي، جو ماڻهو پاتال بنجي کوٽ پوري ڪري، سڄي ڪائنات ان ۾ سمائجي وڃي، پر کوٽ پوري نه ٿيندي.

ٻي Narcissism جي بيماري آهي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي مرڪز ۾ گم ٿي ويندو آهي، هو سمجهندو آهي ته مون کان وڌيڪ نه ڪو خوبصورت آهي نه وري ڪو معتبر آهي، هن بيماري جو ٻه سبب احساس ڪمتري آهي.

Schizophrenia (Living Nightmare): هن بيماريءَ جو ٻه بنيادي سبب احساس ڪمتري آهي، جنهن ۾ ماڻهو پاڻ پنهنجي شخصيت نه جيئندو آهي، بلڪ ڪنهن ٻئي جي شخصيت جيئندو آهي. دراصل شيزوفرينيا ۾ ماڻهو ڪنهن ٻه تصور يا ماڻهو کي پنهنجو آئيڊيل ناهيندو آهي، پوءِ ان جي تصور، خواب يا شخصيت ۾ محو ٿي ويندو آهي. آهستي آهستي ماڻهو پاڻ تان هٿ کڻندو ويندو آهي، تان جو هڪ ڏينهن هو انهن تصورن ۾ گم ٿي ويندو آهي. هو ڪنهن ٻئي جي زندگي جيئندو آهي. پاڻ کي وجائي چڪو هوندو آهي. يعني حقيقت کان ڏور ٿي ويندو آهي، پوءِ آهستي آهستي هن کي illusion ۽ delusion ٿيڻ لڳندا آهن، هن کي شيون نظر اچڻ لڳنديون، هن سان پاڇولا ڳالهائيندا، هن سان خواب ڳالهائيندا. بلڪل سماجي شيزوفرينيا ٻه ائين ٿيندي آهي ته ماڻهو پاڻ کي اهو سمجهڻ لڳندو

آهي، جيڪو هو هوندو ناهي. ٽي سگهي ٿو ماڻهو پاڻ کي وڏيرو سمجهي. پاڻ کي اداکار سمجهي، ڪرڪيٽي سمجهي، وڏو ادیب سمجهي، يا پيغمبر سمجهي، لازمي ناهي ته ماڻهو پاڻ کي صدر ٽرمپ سمجهي، پر خيالي تصور ۾ ماڻهو پاڻ تي حاوي ڪري سگهي ٿو. اسان جي سماج ۾ جڏهن کان ماڻهن وٽ رشوت ۽ ڪرپشن جو پئسو آيو آهي. ماڻهو پاڻ کي پنهنجي ئي ڪمتري مان نڪرڻ لاءِ انهن شين جي نمائش ڪرڻ ۽ ٻئي کان گوءِ کٽڻ ۾ لڳي ويا. اسان جي ادیب وٽ دنيا جي وڏن ادیبن جا تصور آهن مثال: هر ادیب جي ذهن ۾ سارتر ٽيڊ جي خواهش موجود آهي، سارتر نہ ٿئي پر گهٽ ۾ گهٽ سيمون ڊي بوارا ته ڪيس ضرور ملي، جيئن ڪنهن ادیب چيو هو ته، دنيا جو هر ڪارو ماڻهو ڪوري انگريز سان سمهڻ چاهي ٿو. اهڙيءَ طرح سنڌ جو هر ادیب سارتر جهڙو ٽيڊ چاهي ٿو، سارتر جي فلسفي سان ڪيس دلچسپي هجي يا نہ، پر سارتر ۽ سيمون ڊي بوارا جي رشتي ۾ ڪين ضرور دلچسپي آهي. ڪو ادیب ڪافڪا ٽيڊ ٿو چاهي، ڪو وليم بوروف بنجڻ جي تياري ۾ آهي، ڪو وري دريدا ٽيڊ ٿو چاهي. ٻيو اسان جو ادیب فلمي هيرن وانگر نمبر ون ٽيڊ جي چڪر ۾ رهي ٿو، اسان وٽ اهو بحث هلندو آهي ته شاهہ لطيف کان پوءِ ڪير وڏو شاعر آهي؟ اسان وٽ نمبر جي گوءِ کٽڻ لاءِ هر ادیب ٻئي کان وڏو ادیب بنجڻ لاءِ هڪ اڻ ڪٽ دوڙ ۾ شامل ٿي وڃي ٿو، جو ته اسان پنهنجي سجاٽپ عهدن، ناماچاري، دولت، طاقت، اختيارن ۽ شين تي رکي آهي، پنهنجي ڪم، تخليق، شخصيت تي نہ رکي آهي.

ان کان علاوه منفي تنقيد جنم ورتو آهي، ذاتي جلن ۽ حسد جنم ورتو، هي سڄو سجاٽپ جو بحران پيدا ٿي ويو آهي. جنهن جو اصل سبب انفراديت جو پيدا ٽيڊ ۽ اجتماعي سوچ جو ختم ٽيڊ آهي. ماڻهو پنهنجي ذات جي سجاٽپ ٻئي کي گهٽ ڪرڻ ۾ ٻئي کي نظر انداز ڪرڻ ۾ ڪرائي ٿو. هڪ سخت بيڪار مقابلي بازي ۾ ماڻهو

پنهنجي طاقت ۽ وقت لڳائي ٿو. ان کان پوءِ ماڻهو عهدن سان، شين سان، دولت سان پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي ٿو. اسان وٽ هزارين ڪتاب سال ۾ ڇپجن ٿا، جن تي چار پنج مقدما لکايا وڃن ٿا. وري انهن تي ورڪشاپ ٿين ٿا. پر سنڌ ۾ انهن جو اثر ڪو به نظر نٿو اچي، ڇو ته اسان وٽ معيار جي بجاءِ مقدار کي اهميت ڏني وڃي ٿي. اڪثر ماڻهو اهو جتائيندا آهن ته هنن جا 20 ڪتاب لکيل آهن، وڏو ڪم ٿيل آهي، پر ڪم جو معيار ڪهڙو آهي؟ انهيءَ تي ڪير نٿو ڳالهائي. اڪثر ماڻهو ڪتاب پڙهن نٿا. اعزازي ڪاپيون ورهايون وڃن ٿيون. انهن ڪتابن مان ڪيترو لاڀ مليو؟ اهو حساب ڪتاب نٿو ٿئي. ان کان علاوه اهڙو طبقو به آهي، جيڪو نڪته چيني ڪري پاڻ پڌائي ٿو، هر ڳالهه مان عيب ڪڍي، هر ڳالهه تي نڪته چيني ڪري پنهنجي سڃاڻپ ڪرائن ٿا. ادبي حلقي ۾ اهڙن ماڻهن جو خوف رهندو آهي، جنهن ڪري اهڙن ماڻهن کي خوش رکڻ ۾ گهٽا ماڻهو هٿ جوڙ ڪندا رهندا آهن يا وري مخالفتون ۽ دشمنيءَ جي حد تائين ڳالهه وڌيو وڃي. پوءِ لابيون، حلقي بندي، پنهنجن ماڻهن کي سراهڻ، ٻين جي گلا ڪرڻ، اهڙي قسم جو ماحول پيدا ٿي چڪو آهي، انهيءَ پنيان واپاري سماج جو ڪيترو هٿ آهي اچو ته انهيءَ کي ڏسون.

منفيت Negativity

جديد دور جو نعرو هو slow and steady wins the race پر جديديت پجاڻان جو نعرو آهي just win by hook and crook، تنهن ڪري ڏاهپ، عقل، سرت، ساڃاهه، جي بجاءِ ماڻهوءَ ۾ صرف حرفت ڪاهي پئي آهي، ماڻهو چاهي ٿو ته محنت کان بغير آسمان جا تارا لاهي وٺي. اڳ دنيا ۾ ماڻهو مثبت ڪم ڪرڻ ۾ سال لڳائي ڇڏيندا هئا، ائين به ممڪن هوندو هو ته سندن ڪارنامو سندن دور کان پوءِ ڳاڻيٽي ۾ آيو هجي. جيئري کين سڃاڻپ نه ملي هجي، ڪم ٿورو

ڪندا هئا، پر سندن گڻ مطابق ۽ معياري ڪم ڪندا هئا. ٻئي جي ڪم ۾ ٽنگ ڪين آڙائيندا هئا. جيڪڏهن ڪو فلمي دنيا جو ڪم آهي تہ اهو ماڻهو ئي ڪندو هو، جنهن جي فيلڊ هوندي هئي، ڪو شاعر آهي تہ ڊاڪٽر بنجڻ جي ڪوشش ڪين ڪندو هو. ماستر آهي تہ ماستري سڻي ڪندو هو، صحافي بنجڻ جي ڪوشش ڪين ڪندو هو. انجنيئر آهي تہ سڻو انجنيئر بنجندو هو، اديب بنجڻ جي ڪوشش ڪونہ ڪندو هو. پنهنجي ڪم ۾ مثبت طرح آهستي آهستي پڙ ٽيندو ويندو هو. ڪيس شهرت جو شوق ڪونہ هو، ڪريڊٽ ونڻ جو شوق ڪونہ هو. وٽس محروميءَ جو رومانس ڪونہ هو، روئندو پٽيندو ڪونہ هو. صبر ڪندو هو ۽ پنهنجي ڪم ڏانهن ڌيان ڏيندو هو، چو تہ مثبت ڪم ڪرڻ واري ماڻهو کي شهرت يا ملندي ڪونهي يا دير سان ملندي آهي، ٻيو تہ ماڻهو ان ڏانهن ڌيان ڪونہ ڏيندا آهن. اڄ جي دور ۾ هر ماڻهو کي مشهور ٿيڻ ۽ Celebrity ٿيڻ جو شوق ٿي پيو آهي. سيڪو چاهي ٿو تہ هو رات وچ ۾ مشهور ٿي وڃي، مٿان پوسٽ مادرن ازم جو نعرو آهي تہ غلط يا صحيح ڪابہ شيءِ ناهي صرف حاصل ڪريو، بس ڪهڙي طرح حاصل ڪريو، سڻي يا خراب ڪابہ شيءِ ناهي، چو تہ ضد ڪابہ شيءِ ناهي هر هڪ شيءِ پنهنجي جڳهہ تي اهم آهي، ڪا بہ عورت مرد ۾ تفريق ناهي عورت پنهنجي جڳهہ تي اهم آهي، مرد پنهنجي جڳهہ تي Unified آهي، منجهن ڪا هڪجهڙائي جيڪڏهن آهي تہ انهيءَ تي گڏ ٿيڻ گهرجي بلڪ هڪٻئي جا ضد ناهن.

هاڻي اهڙي صورتحال ۾ هر ماڻهو پاڻ کي صحيح ۽ درست پاڻمرادو سمجهي ٿو، جي ڪو هن کي غلط چوي ٿو تہ جنگ شروع ٿي وڃي ٿي. ٻيو تہ ماڻهو ڏسي ٿو تہ هي ميڊيا جو دور آهي، جيڪا منفي خبرون ڏاڍي شوق سان بريڪنگ نيوز ڪري هلائي ٿي، مثبت خبر جي ڪابہ تشهير ناهي، انهيءَ ڪري ماڻهو پاڻ کي چمڪائڻ لاءِ مفت جو سهارو ونڊي ٿو. مثال هڪ ماڻهو پاڻ تہ ڪجهہ ڪري نٿو سگهي، پر نالو چمڪائڻ جو شوق اٿس، هاڻي هو ڪنهن وڏي نالي

جي خلاف ڳالهائيندو، وڏي اديب تي تنقيد ڪندو، جيئن ماڻهو متوجهه ٿين، سندس سجاڻپ ٿئي. رڳو ادب نہ پر سماج جي هر پرت ۾ ائين ٿي رهيو آهي: مثال اوچتو آغا وقار چيو ته، هو پاڻيءَ تي ڪار هلائي سگهي ٿو، واهه واهه ٿي ويئي، آغا صاحب مشهور ٿي ويو، ميڊيا جي زينت بنجي ويو. تصور مارڪيٽ ۾ هلي ويو، ميڊيا لاءِ بريڪنگ نيوز نهي وئي، ڪوڙ يا سچ کي بعد ۾ ڏنو ويندو، وڏ ۾ وڏ اهو ٿيندو ته ڪوڙ ثابت ٿيندو، پر آغا وقار صاحب جي مشهوري ٿي ويئي. مثال: وينا ملڪ ڏنو ته جهٽ پٽ ۾ ڪيئن مشهور ٿيان، هوءَ ڪپڙا لاهي بيهي رهي، فحشيت تي ڪليو ڳالهائڻ لڳي، ماڻهن کي اشو ملي ويو، ميڊيا کي بريڪنگ نيوز ملي ويئي، مئگزين جي زينت بنجي ويئي، شرافت يا عزت چا ٿيندي آهي؟ وينا مشهور ٿي ويئي، آهستي آهستي سندس نالو گهٽ ٿيڻ لڳو، ته رڪارڊ جو پاسو بدلائي شريف ٿي ويئي، چوي ته ڏسو آئون شريف آهيان، رئو ويڙهيو اٿم، وري شادي ڪئي اٿم، ميڊيا تي واهه واهه، ماڻهو واهه واهه ڪن.

هي واپاري دور آهي، رڳو خبر ڪپي، تصور ڪپي، صحيح يا غلط کي ڪير ڪونہ ٿو پچي. اهڙيءَ طرح اسان وٽ گهٽا ماڻهو چاهين ٿا ته هو مشهور ٿين، مثال ڪو انجنيئر آهي يا ڪو بيوروڪريٽ آهي، پنهنجي ڪم ۾ مهارت اٿس، پر مشهور ته ڪونہ ٿيندو ۽ اسان جو سماج ان کيCelebrity ته ڪونہ ناهيندو، تنهن ڪري ممڪن آهي ته اهو اديب ٿئي، شاعر ٿئي يا ڪو ڪتاب لکي يا سفرنامو لکي، وري ان جي رونمائي ڪرائي، ته جيئن واهه واهه ٿئي. اهو ان جو حق آهي، پر مسئلو ان وقت ٿئي ٿو، جڏهن هو پاڻ کي وڏو اديب ڪليم ڪري ٻين تي نڪتي چيني ڪرڻ شروع ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ هزارين شاعر پيدا ٿيا آهن، وري سڀ اُها دعوىٰ ٿا ڪن ته اسان تمام وڏا شاعر آهيون، جي سندن حق ۾ ڪا ڳالهه نہ ٿي ته واويلا شروع، روئڻ پٽڻ، گهوڑا گهوڑا ڪرڻ اسان جي سماج

جو بهترين مشغلو آهي، هاڻي مسئلو اهو آهي ته اديب به منفيت جي سلسلي ۾ ڪاهي پيو آهي، جو ته سماج ۾ مٿان ڪان هيٺ ڪرپشن اچي ٿي، متي ڪرپشن آهي، ميڊيا ان کي بليڪ ميلنگ جو ڏنڏو بنايو آهي، واويلا ڪري ڪجهه ڪمائڻو آهي، ته عام ماڻهن وٽ به اها روش آهي، واويلا ڪريو، هاڻي اديبن به اها واويلا شروع ڪري ڏني آهي.

هڪ اهم مسئلو اهو آهي ته بر صغير ۾ هر ماڻهو ٻئي جي ڪم ۾ ٽنگ اڙائڻ پنهجو فرض ٿو سمجهي، پر پنهنجو ڪم ناهي ڪرڻو، چانهه وڪڻڻ وارو به وزير اعظم کي مشورا ڏيندو ته حڪومت ڪيئن هلائڻ گهرجي، پر اها خبر ڪين رکندو ته سڀني چانهه ڪيئن ناهجي. اهڙيءَ طرح هر اديب فرض سمجهي ٿو ته هن کي ٻين اديبن جي خلاف، ادارن جي خلاف ڳالهائڻو آهي، پر سندس ڪهڙي فيلڊ آهي ان ۾ چا ڪيو اٿس، اها خبر نه رکندو. اسان اڪثر چوندا آهيون ته سنڌ ۾ وڏا ماڻهو، دانشور، ڏاها يا ڪي عظيم ماڻهو جو پيدا نه پيا ٿين، انهيءَ جو سادو جواب آهي، ته پيدا به ٿيندا ته اسان انهن کي تسليم ڪونه ڪنداسين، ڪيس اذيت ڏئي ماري ڇڏينداسين، ٻيو ته ڪير پنهنجو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهي ته انهيءَ ڪم ۾ مهارت ڪيئن پيدا ٿيندي؟ ٻئي جي ڪم ۾ ٽنگ اڙائڻ اسان جو بهترين مشغلو آهي، ٻئي کي دسترب ڪرڻ اسان لاءِ ضروري آهي، وڏو مسئلو اهو آهي ته ڪنهن کي به سندس ڪم ڪرڻ ناهي ڏيڻو، کو به سڀو ڪم ڪندو ته ڪيس ٽنگن مان جهلي ڪيرائڻ جا جتن ڪرڻا آهن. ها! جي خاموشيءَ سان ويهي، مشهور نه ٿئي، کو اديب نه هجي، پوءِ پلي ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪري کو به ڪونه ڪڍندو. مثال صرف هڪ تعلقي جي تعليم جي بجيٽ ڪروڙين رپيا اچي ٿي، جيڪا سڀ وڏيرا، نوڪرشاهيءَ سان ملي ڪري هڙپ ڪندا آهن، ٽائون ڪاميٽيءَ جي صفائي جي بجيٽ به ڪاڇيو وڃي، اسپتال جي مڪمل بجيٽ ڪرپشن جي نظر ٿيو وڃي، سنڌ

سيڪريٽريٽ ۾ ادیب ماستر پاڻ ۾ رشوت ڏيو ڪم ڪرائين، روڊ تڻل، پاڻي پيئڻ جو ۽ هن قوم کي نصيب نٿو ٿئي، پر ادیب کونہ ڳالهائيندو، ادیب کي رڳو اهو نظر اچي وڃي تہ فلاڻي ادیب کي ايوارڊ مليو آهي، يا ڪنهن ادیب کي ڪا سني نوڪري ملي آهي، يا ادیب جو ڪو ڪتاب آيو آهي. سي گڏجي ان ادیب جي ڪل لاهيندا، فيس بڪي ادیب وري ها ۾ ها ملائڻ لاءِ پيدا ٿيا آهن، اکيون پوري ها ها ڪرڻي آهي. توهان ڪجهہ ۽ لکي ڇڏيو، تصديق ڪرڻ کان بغير سي ان جي تائيد ڪندا، ڪو هڪ اڏ هوندو، جيڪو چوندو ادا ائين نہ ڪريو، تہ ان کي 'انفريند' ڪيو ويندو.

ڪو وقت هو جڏهن ادیب جو آئيڊيل عالمي معيار جون شخصيتون ۽ عالمي نظريا هئا، ادیب سنڌ ۾ تمام وڏي تحريڪ ون يونٽ خلاف هلائي، ايم. آر ڊي جي تحريڪ ۾ سنڌي ادیب اڳيان هو، سنڌي ادب سماج کي نعرا ڏنا، سنڌي سماج کي پنهنجي ثقافت ۽ ٻوليءَ تي فخر ڪرڻ سيکاريو. سنڌ ۾ ترقي پسنديءَ جي تحريڪ عروج تي هئي، ان جو بنيادي ڪارڻ سنڌي ادب هو، جنهن کي برصغير ۾ وڏي مجتا هئي، پر اسان ڪهڙي ڪُن ۾ ڦاٿا آهيون، جو ادیب جو آئيڊيل مايا ميڙڻ جو نظريو آهي، ادیب پنهنجي واهہ واهہ مان ٻاهر نٿو نڪري. سڄو زور اٽس ڄُندا پٽڻ تي، ٻئي کي ڪيرائڻ تي، ڪيڏانهن ويو نظريو، ڪيڏانهن ويو ادب، ڪيڏانهن ويون تحريڪون. ادیب مايا ميڙڻ ۾ مشغول آهي.

مطلب تہ اسان جي رڳن ۾ منفيت گهر ڪري ويئي آهي،اسان بغاوتي، اسان هاءِ گهوڙا ڪرڻ وارا، اسان ٻين کي مشورا ڏيڻ وارا، پر پنهنجو ڪم نہ ڪنداسين.

شخصيت جو بحران ۽ ائبنارملٽي

شخصيت مجموعي طور رويي، عادت ۽ مجموعي عمل سان پيدا ٿيندي آهي. ڪابہ شخصيت سندس زمان و مڪان، ماحول، خانداني روايتن ۽ عادتن، طبعي ۽ طبي حالتن جي عڪاسي هوندي آهي.

فرائيڊ جي ٿيوري مطابق شخصيت ننڍپڻ جي عمر ۾ ٺهندي آهي، جيڪا اڊ، انا ۽ عظيم انا مان ٺهندي آهي ، ساڳي وقت شخصيت جي ٺهڻ ۾ ننڍپڻ جا ۽ خانداني مونجهارا بہ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

Personality is formed through conflicts among three fundamental structures of the human mind: the id, ego, and superego.(Sigmund Freud)

وري ايرڪ فراهم فرائيڊ جي ٿيوري خاص طور لبيڊو ۽ ايڊيپس مونجهاري جي بنياد تي ٺهندڙ شخصيت کان انڪار ڪندي چيو تہ شخصيت سماجي ساخت ۽ اخلاقيات جي نظام مان ٺهندي آهي، جيڪا سماجي پابندين ۾ پاڻ کي توازن ۾ رکي ٿي پر ان وقت شخصيت بحران جو شڪار رهي ٿي جڏهن بغير ڪنهن گوڙ ڪرڻ جي ماڻهو سماجي پابندين جي پيروي ڪندا رهن، تہ شخصيت بينل پاڻي وانگر سينوارجي وجي ٿي، ايرڪ فراهم پنهنجي ڪتاب "Fear of freedom" ۾ تمام ڪارائتو بحث ڪندي، اذيت پرستيءَ جي اصطلاح کي ڪم آندو آهي، هن جو چوڻ هو تہ سماج ۾ شخصيت قابل قبول صرف ان وقت هوندي آهي، جڏهن خاموشي سان سماج جي جيءَ حضوري ڪندي رهندي آهي، پر ان وقت شخصيت اندر ئي اندر ۾ خالي ۽ کوکلي ٿيندي ويندي آهي، ايرڪ فراهم شخصيت کي پروان چاڙهڻ لاءِ سماجي ۽ شخصي آزادي جو قائل هو، پر اهو دور جديد هو، جنهن ۾ نظريا ۽ آدرش هئا اڄ جي دور جي ڪٽ ڪنداسين تہ صورتحال بي آهي. جنهن آزادي يا سماج جي ڳالهہ

ايرڪ فراهم ڪري ٿو، اهو دور آمريت يا سامراجي پرماريت جو دور ۽ دنيا جي بن بلاڪن ۾ ورهايل دور هو. پر اڄ جي جديديت پڇاڻان دور جي شخصيت آدرشن، نظرين ، اخلاق، روايتن ۽ ڪلچر جي دائرن مان نڪري چڪي آهي.

انسان فطرتي طور جانور آهي، پر اهي سماجي قدر، روايتون، نظريا، ۽ نفسياتي ساخت آهن، جيڪي ماڻهو کي مهذب بنائڻ ۾ مدد ڪن ٿا. سماج ۾ پلي ڪڙيون به حالتون هجن، غريبي هجي يا اميري، پر جي قدر زنده آهن، مثبت روايتون زنده آهن، (جن ۾ انصاف، عدل، پيار ، پائپي، همدردي، ڪهل، لحاظ، صبر، سهپ، مهمان نوازي، دوستي، رشتا، ڏيتي ليتي ۾ ايمانداري وغيره شامل آهن) تہ انسان جلدي پنهنجي شخصيت جي بحران تي قابو پائي وٺندو آهي.

پر جڏهن سماج پنهنجي قدرن جي فطري تبديلين جي بجاءِ جڙتو ۽ واپاري مفادن واريون تبديليون پيدا ڪري، سي بہ ايترو جلدي جو ڪا بہ تبديلي ماڻهو وٽ جڳاءَ نہ ڪري، اهڙي صورتحال ۾ ماڻهو وٽ سماج ۽ فطرت جي بجاءِ صرف شين جو تصور ۽ انهن جي حصول جو تصور ئي جڳاءَ ڪندو آهي. آهستي آهستي ماڻهو پنهنجي معروضي صورتحال ۾ داخلي فرد جي حيثيت سان داخل ٿيندو آهي، جنهن کي قدر مارڪيٽ مهيا ڪندي آهي، ڪمپنيون يا حڪومتون پنهنجي مفادن وارا جڙتو مسئلا مهيا ڪري ، ماڻهن کي رڌل رکن ٿيون. ماڻهو جو جوش حيات اجتماعيت سان جڙيل آهي، گڏيل خوشي ، اجتماعي جذبا، اجتماعي خوشحالي، گڏيل جدوجهد، اجتماعي نظريا، گڏيل رشتا، ماڻهو کي فردي ۽ داخليت مان ڪڍي سماج سان جوڙين ٿا، پر سماج صرف حصول جو سبق ڏي ٿو، مقابلي بازي لاءِ همٿائي، ذاتي مفادن لاءِ ڪجهہ بہ ڪرڻ کي جائز قرار ڏئي، يا رات وچ ۾ امير بنجڻ جا نسخا ڏئي، اهڙي صورتحال ۾ فرد ۾ انساني ذات جو خلا پيدا ٿيندو آهي، هن جي مقابلي بازي ۽ استيٽس

جي دنيا جلد ٽڪي، هارائي ويندي آهي، جنهن ڪري فرد ۾ جبلت مرگ پيدا ٿيڻ جا امڪان وڌي ويندا آهن. عام طور تي ماڻهو شين جي حوالي آهي، شين سان سجاڻپ اٽس، جنهن ڪري خوشي دائمي ۽ دلي نٿي مليس، منجهس چڙ جو پيدا ٿيڻ، ذات جي زيان جو احساس، خوف، مَ سهپ، بوريت ۽ زندگيءَ جو رس چس محسوس نہ ٿيندو اٽس. نتيجي طور هو سمجهندو آهي تہ ايجا دولت هٿ ڪري، ايجا اسٽيٽس وڌائي، ايجا طاقت حاصل ڪري ، ايجا ڏيڏپو وڌائي تہ سندس مجتا ٿيندي. ٻي صورت ۾ هو ضايع ٿي ويندو . جبلت مرگ جي وڏي نشاني اها آهي تہ ماڻهو دنيا جي هوس ۾ ايترو انڌو ٿي پوندو آهي، جو ڪيس ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو آهي. اڪثر طاقتور ماڻهو سڄو ڏينهن مصنوعي دنياداري واري زندگي گذاري، رات جو شراب نوشي، جنسي عياشي جو سامان مهيا ڪري، پاڻ کي وندرائيندا آهن، وڏين گاڏين ۾ چڙهي ٽٻ ٽانگر سان سڪيورٽي گارڊ ڪٽي، ماڻهن تي رعب وجهندا آهن. سمجهندا آهن تہ هنن جا ٽٻ آهن، هو وڏي شخصيت آهن، پر حقيقت ۾ هو پاڻ کي وجائي چڪا هوندا آهن. ٻي طرف وري مڊل ڪلاس انهن جي ٽٻ کي ڏسي چپ چٽيندو رهندو آهي، تہ ڪيئن اڳتي نڪرجي. وٽس ٻہ طريقا هوندا آهن. هڪ تہ جگاڙ ڪري، چمچاگيري ڪري، پڙوت ڪري، ڪنهن وڏي جي اڳيان ڪِري، پنهنجا مفاد حاصل ڪري يعني دولت يا ڪو اسٽيٽس حاصل ڪري، يا ٻيو وري پنهنجي ميرٽ ۽ ٽيلينٽ کي استعمال ڪري ۽ پنهنجا مفاد حاصل ڪري. عموماً ميرٽ تي هلندڙ لتاڙجي ويندا آهن ۽ چمچا يا شاطر ماڻهواڳيان وڌي ويندا آهن. ٻيو طريقو عورت جو اڇڪلهہ مقبول ٿيندو وڃي . دنيا ۾ عورت کي اهو احساس ڏياريو ويو آهي تہ تو وٽ هڪ هٿيار "جنس" آهي. جنهن جي مارڪيٽ ۾ وڏي گهرج آهي. جيترو فني طور مکي چکي ان کي استعمال ڪري سگهين ٿين ڪر. فرائيڊ جڏهن چيو هو تہ "Anatomy is destiny" تہ ان جو مطلب ڏاڍو وسيع هو ، اسان وٽ سنڌ ۾ جيڪي ماڻهو پنهنجي

خانداني ڪرت ۽ روش مان نڪري شهري ۽ جديد پڃاڻان سماج ۾ داخل ٿيا آهن، يا ڪا سٽيپي نوڪري ملي وئي، يا وري ڪا دولت هٿ اچي وئي، تہ انهن جون خصلتون نٿيون بدلجن، پر وري اهي ماڻهو پنهنجي خانداني ڪرت کي دنيا جي هوس ۾ استعمال ڪن ٿا. اصل ۾ شخصيت بگڙجڻ ان وقت شروع ٿئي ٿي جڏهن ماڻهو شيطاني هوس جي چرخي ۾ اچي ٿو. سڀ دنيا ۾ ڪامياب شخصيت صرف انهيءَ کي سمجهيو وڃي ٿو، جيڪو ڪٽان بہ، ڪيئن بہ ڪري حاصلات جي جنگ ۾ اڳتي هجي، پلي ان کي غيرت ڇڏڻي پوي، پنهنجي محسن جي خلاف دشمني ڪرڻي پوي، رشتن کي ٽوڙڻو پوي، يا وري پاڻ کي فريب ڏيڻو پوي، اهو عمل ڪندي ڪندي ماڻهو بگهڙ بنجي وڃي ٿو. شخصيت بگاڙڻ ۾ اسان جي ملڪ جي سياست جو بہ وڏو هٿ آهي، سفارشي ڪلچر، جڳاڙي ڪلچر، جوڙتوڙ ڪرڻ، گلاخوري ڪرڻ، چمچاگيري ڪرڻ، پاڻ وٽائڻ، ٻئي مان ڪم ڪيڻ لاءِ اجايون تعريفون ڪرڻ، رشوت ڪلچر، گليمر ڪلچر، فوٽو سيشن ڪلچر، وغيره ماڻهو کي هيرائي ڇڏيو آهي تہ محنت ناهي ڪرڻي، ڳالهائڻ ذريعي وڏا ڊاڙ هٽي پاڻ پڏائڻو آهي، آهستي آهستي شخصيت خطرناڪ بنجي وڃي ٿي. دنيا انهيءَ کي ڪامياب شخصيت بہ چوي ٿي.

شخصيتن جا نفسياتي خلل

- ڪي ماڻهو خوامخواهہ گلا ڪرڻ پسند ڪندا آهن، ڪيئن بہ ڪري ٻي جي گلا ڪجي ان ۾ ڪين مزو ايندو آهي.
- ڪي ماڻهو ڪنهن جي بہ نصيحت يا چوڻ نہ ونندا آهن، هڪ ڪن مان ٻڌي ٻي مان ڪڍي ڇڏيندا آهن.
- ڪجهہ اهڙا ماڻهو توهان کي ملندا، جيڪي نرم لهجي ۾ پيار

سان ڳالهائيندا، پاڻ کي مظلوم ثابت ڪندا، توهان سان خيرخواهه ٿي ملندا، پر اصل ۾ نيت بد هوندا آهن، توهان مان ناجائز ڪم ڪيڻ چاهيندا آهن ، جي توهان ناجائز ڪم نه ڪيو ته فورن توهان جي خلاف واويلا شروع ڪري ڇڏيندا.

- کي ماڻهو ڳالهائيندا ته اکيون توهان سان ملائي نه ڳالهائيندا ، يا ته اکيون هيڏانهن هيڏانهن ڪندا يا وري هيٺ مٿي ڇڪيندا، ان جا ٻه سبب آهن هڪ ته هو پاڻ اندر ۾ ڏوهاري محسوس ڪن ٿا، ٻيو توهان کي اهو تاثر ڏين ٿا ته اسان وڏا ماڻهو آهيون، اسان جا وڏا تعلقات آهن، توهان جي کا ٻه اهميت اسان وٽ ناهي، توهان سان ڳالهائي توهان تي ٽورو ڪريون ٿا.
- کي ماڻهو وري ڳالهائيندا ڪونه، بس چپ توهان ڪجهه ٻه ڳالهايو پر کو تاثر نه ڏيندا بس چپ رهندا، اهي ماڻهو خطرناڪ ٿيندا آهن. اندر ۾ انهن وٽ وڏا منصوبا هوندا آهن.
- ڪجهه اهڙا ٻه ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي ڳالهه توهان آڏو رکي نه سگهندا، پر هوندا مخلص آهن.
- کي ماڻهو پنهنجي Body Gesture مان اهڙيون حرڪتون ڪندا، جو توهان کي اهو احساس ڏيارينديا ته هو وڏا ماڻهو آهن. مثال بيهڻ مهل ٻانهن ٻڌڻ جو هڪ خاص طريقو استعمال ڪندا، هڪ ڪلهي تي رکندا ٻي ٻانهن وري ان ٻانهن جي هيٺان رکندا. کي ماڻهو پنهنجا پير ٽکائي نه بيهندا بار بار اڳيان پويان ٿيندا، انهن ۾ اعتماد جي کوٽ هوندي آهي يا وري اهي ماڻهو کو تکيو ڪلام ٻه چوندا آهن، يا وري اهي ماڻهو اکين کي بار بار چنيبندا آهن.

- ڪي ماڻهو اکين سان ڪلندا آهن، غور سان نهارينداآهن، سمجهو توهان کي متاثر ڪرڻ چاهين ٿا.
- ڪي عورتون بار بار گندي يا رئو نيڪ ڪنديون آهن، يا ڳالهائيندي اکيون وڏيون ڪنديون آهن، عدم تحفظ يا منجهن اعتماد جي کوٽ يا وري sex conscious هونديون آهن .

شخصيت جو ائبنارمل هئڻ ۽ بحران ۾ الڳ الڳ مسئلا آهن، اسان وٽ ٻئي مسئلا آهن، شخصيت جي انفراديت ۾ سڪڙجي وڃڻ. ذات جي تشهير شين سان ٽيڻ ڪري شخصيت جو بحران پيدا ٿيو آهي، جو ماڻهو صرف پنهنجي تشهير لاءِ ڪجهه ب ڪرڻ لاءِ تيار آهي، توهان ڏٺو هوندو ڪي ماڻهو وڏين شخصيتن سان سيلفي ڪيرائڻ ۾ مشغول هوندا آهن، ڪي ماڻهو ٻاهران آيل ڪنهن عورت يا مرد پر زياده تر عورت سان شوق سان فوٽو ڪيرائڻ چاهيندا آهن. اسان جي نوجوانن ۾ اهو مرض خطرناڪ حد تائين ڦهليل آهي، ڪو سيلفي ڪيڻ جي شوق ۾ مبتلا آهي يا جتي ڪٽي فوٽو ڪيرائي فيس بڪ تي رکي ٿو، وري انتظار ڪري ٿو ته ڪنهن لائيڪ ڪيو يا ڪمينٽس ڏنا، پڪ سمجهو ته ان جي شخصيت بحران جو شڪار آهي، سندس اڏوري ذات جي ڪري هو پنهنجي تشهير ڪرڻ لاءِ فيس بڪي تشهير ۾ مبتلا ٿئي ٿو. ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته اهو نارمل آهي، جو فيس بڪ تي موجود ماڻهو رابطي ۾ رهي ٿو ٻيو ته پنهنجي عمل کان آگاهه ڪري انفارميشن ڏيڻ چاهي ٿو. اصل ۾ ماڻهو ۾ پنهنجي تشهير ڪرڻ جي هوس ڪٽي ب ڇيهه نٽي ڪري، توهان اندازو لڳايو ته ماڻهو جنازي نماز ۾ ب ڏکا ڏيئي، پهرئين صف ۾ بيهڻ چاهين ٿا ته جيئن فوٽو ۾ نظر اچن، اهڙي طرح ماڻهو پنهنجي شخصيت جي بحران ۾ ڦاسي پوي ٿو. آهستي آهستي هو ائبنارمل حرڪتون ڪري انفرادي ذات ۾ گم ٽيڻ لڳي ٿو. توهان ڏسو ڪيترين چوڪرين ميڊيا تي اچڻ لاءِ جتن ڪن ٿيون، پنهنجي

ڪردار جو به خيال نٿيون رکن، اهو حال هڪ عام ماڻهو کان وٺي ادبي شخصيتن جو به آهي. جڏهن ماڻهو جي خوشي رڳو ان ۾ وڃي رهي ته سندس فوٽو ماڻهو ڏسن، يا ماڻهو پاڻ پڏائڻ لاءِ نيچ حرڪتون ڪرڻ لڳي ته ائبنارملٽي شروع ٿئي ٿي. ماڻهو هيرو پسند ٿيڻ ان سان پنهنجي تشهير ڪرڻ چاهي ته سمجهو، هو پنهنجي شخصيت تان هٽ ڪٽي چڪو آهي، هو ٻئي جي ذريعي پاڻ پڏائڻ چاهي ٿو.

- ڪجهه ماڻهو بار بار انگريزي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندا ته جيئن پنهنجو ڪمپليڪس ٻين تي مڑهي سگهن، انگريزي ڳالهائڻ کو خراب عمل ناهي، پر جتي ضرورت نه هجي يا جتي سنڌي سمجهڻ وارا موجود هجن اتي اڌ گابرا انگريزي جملا ڳالهائي ماڻهو پاڻ پڏائڻ چاهي ٿو، جيڪو سندس ذات جو ڪمپليڪس آهي، اسان جي سماج ۾ روز اهڙيون حرڪتون وڌي رهيون آهن. ان جو مطلب ته مونجهارا سماج کان انفرادي ذات ڏانهن پيا وڃن، تان جو سماج سڄو انفراديت ۾ ونجي وڃي ٿو. اصل ۾ ڪجهه ماڻهو سڀني سان ناهي رکڻ چاهيندا آهن، هو چاهيندا آهن ته هن سان خوش هجن هن جي حق ۾ هجن، سندس مخالفت کان بہ نہ ٹئي، اهڙن ماڻهن جو ڪوبہ نظريو نہ هوندو آهي، ڪوبہ آدرش، ڪوبہ دين ايمان يا قدر نہ هوندو آهي، چوندا آهن "جنهن جي سڀني سان دوستي آهي اهو ڪنهن جو دوست ناهي" وري جنهن جي سڀني سان دشمني آهي اهو Paranoid جو شڪار آهي. ماڻهو جا اصول، خيال ۽ ڊسيپلين جيڪڏهن مضبوط آهي ته هن جا ڪي دوست بہ ٿيندا، ڪي دشمن بہ ٿيندا، اڇڪلهه اهو هڪ رجحان رهي ٿو ته پنهنجو گروپ ناهڻو آهي، جيڪو هن جي هر ڳالهه تي واکاڻ ڪري واهه واهه ڪري، اهڙا ڪيترا گروپ ٺهي چڪا آهن، اهڙا ماڻهو موقع پرست ٿيندا آهن ، هو هر طاقت واري ماڻهو يا جنهن ۾ سندن ڪو ڪم هوندو آهي، انهيءَ کي سيڙهي ناهيندا آهن، مفاد حاصل ٿيو ته ان سيڙهي کي ڏڪو ڏنو،

وري بي سيڙهي، بس اڳتي وڌڻو آهي، لتاڙي، منافقي ڪري، هر اها حرڪت ڪرڻي آهي، جيڪا محسن ڪش هجي، جيڪا صرف سندس ذات جي تشهير لاءِ هجي، اهڙا ماڻهو چاپلوس ٿيندا آهن. هو هر چاپلوسي جو ڪم ڪندا، توهان کي خبر به نه پوندي ، توهان مان ڪم ڪڍي ويندا.

وہ اس کمال سے کھیلا تھا عشق کی بازی
میں اپنی فتح سمجھتا رہا مات ہونے تک

هر ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن مونجهاري ۾ ورتل آهي، توهان ڪجهه به ڪريو پر هيءَ دنيا جڳاڙين جي، گلا خورن جي، چمچن ۽ حقي ٿوپي وارن جي آهي، اهي هر قدم تي توهان کي تنگ ڪندا، پر ڳالهه صرف ايتري آهي توهان پنهنجو ڪم ڪندا رهو آخر ۾ فيصلو تاريخ ڪندي. توهان جو ضمير مطمئن هجي، پر اذيت پرست ماڻهو توهان کي تنگ ڪري وقتي خوشي ضرور ماڻيندا، پر دائمي پريشانين ۾ مبتلا رهندا. هر ماڻهو رڳو ايترو سمجهي ته هن جي حسد ۽ ساڙ سان، هو پاڻ ئي جلي رهيو آهي، ٻئي جي جيڪا قسمت هوندي، جيڪا محنت هوندي انهيءَ کي انهيءَ جو ڦل ضرور ملندو. اڄڪلهه جي دنيا جنهن اونداهي واري دور ۾ داخل ٿي آهي، اهو ڏاڍو آزمائشي آهي، پر سالم ماڻهو کي ثابت قدم رهڻ گهرجي.

نيورو لنگئسٽڪ پروگرامنگ

Neuro linguistic programming is an approach to communication, personal development, and psychotherapy created by Richard Grinder in California, United States in the 1970s.

NLP (Neuro-Linguistic Programming) has helped millions to overcome their fears, increase their confidence, and achieve greater success in their personal and professional lives and relationships. Now, from the company that created NLP: The New Technology of Achievement one of the bestselling NLP books of all time comes NLP: The Essential Guide to Neuro-Linguistic Programming*[1]

هي جديديت پجاڻان جي مارڪيٽ جو اهم پروگرام آهي. واپاري دنيا جو اصول آهي ته شيون وڪڻڻ لاءِ ماڻهن کي آماده ڪجي، جو ماڻهو شيون ضرورت هجي نه هجي پر خريد ڪن. انهيءَ لاءِ اهڙا ننڍڙا جملا ترتيب ڏنا ويندا، جيڪي ماڻهو جي لاشعور تي سڌو سنئون اثر ڪن. انهيءَ پروگرام کي هاڻي هر ميدان تي آزمايو پيو وڃي، سياست، ميڊيا، رياستي پاليسي، سماجي وهنوار سڀ ۾ اهڙا جملا ڇڏيا وڃن يا وري اهڙو ماحول پيدا ڪجي، جو ماڻهو سوچڻ سمجهڻ کان بغير انهيءَ جملن ۾ محو ٿي پنڌيان پنڌيان هلڻ شروع ڪن. مثال، پيزا، ڪي ايف سي، شيشو يعني عربي حقو پيئڻ، موٽر سائيڪل هڪ قيمتي تي هلائڻ، فيس بڪ تي فوٽو رکڻ جو شوق، وري انهيءَ کي پسند ڪرڻ جو رجحان، ڳنڍڪو ۽ مين پڙي ڪائڻ، محرومي‌ءَ جو رومانس، ميڊيا تي مشهور ٿيڻ، موبائل جي

[1] NLP The essential Guide Tom Hoobyar, Tom Dotz, Susan Sanders Harper Collins, 2013

مشهوري، پيڪيجن جو شوق، رات شروع بات شروع، اب سب ڪجھ ڪهي دو، جيئي پٽو، ڏرٽا، پريزنٽيشن جو ليپ ٽاپ ڪلچر، سيلف ميڊيڪيشن، گرل فرينڊ يا بواءِ فرينڊ رکڻ، ڊيٽنگ، ڪنهن جي واهه واهه ڪرڻ، ڪنهن جي گلا ڪرڻ وغيره سڀ نيورو پروگرامنگ جا حصا آهن. توهان پيزا ۾ چا کائو ٿا خود توهان کي خبر ناهي، پر اهڙا بہ ڪيميڪل ايجاد ڪيا ويا آهن، جيڪي توهان جي روزمره جي شين ۾ موجود آهن، جن جو ڪم آهي توهان کي سوچ کان عاري ڪرڻ. لاشعور ۾ هر ڳالھ توهان جي شخصيت تي هڪ وڏو اثر ڇڏي ٿي، آهستي آهستي توهان اهو ڪجھ ڪرڻ لڳو ٿا، جيڪي واپاري چاهين ٿا، مثال ٻارن جون اڌ اگهاڙيون گڏيون، ڪارٽون ۾ جنسي ڦهلاءُ، اڌ گابرا فحش جملا، ننڍي هوندي کان ٻارن ۾ واپاري مفادن جو ڪلچر ڦهلائين ٿا. جيڪڏهن چوڪرن ۽ چوڪرين کي چڙواڳي نہ ملندي تہ، نہ پيزا هٽ هلندا نہ ڪير شيشو پيئندو، نہ وري ماريجٹن مان ڳرن اگهن جي خريداري ٿيندي، انهيءَ ڪري چڙواڳي لاءِ ننڍي هوندي ماحول ٺاهيو ويندو آهي.

نيورو لنئگويج پروگرامنگ جو ڪم صرف منفي رجحان ڦهلائڻ ناهي. هر سماج ۾ جملن، نعرن، چوٽين، اصطلاحن جو رواج اڳ ئي موجود هوندو آهي، جنهن ذريعي علم، ادب، ساڃاھ ۽ تاريخ جي سمجھ ايندي آهي ۽ ماڻهو پنهنجي شخصيت کي بهتر بنائيندو رهندو آهي. مثال، ڏينهن شينهن، ٻار مڇ جو وار، مڙس ماڻهو، نياڻي سياڻي، وڃ واپار، ڪر ڪا ڪم واري ڳالھ، گهر گرهستي، پاڪ صاف اهڙيءَ طرح هزارين جملا اسان جي روزمره زندگيءَ تي اثر ڪندا رهندا آهن، ننڍپڻ ۾ اسان جيڪي نانين ڏاڏين کان جملا، لوڪ کاڻيون، نصيحتون ٻڌندا آهيون، اهي اسان جي لاشعور ۾ وڃي اسان جي شخصيت جو حصو بنجنديون آهن. سڃي زندگي اسان تي انهن جو اثر رهندو آهي. مثال: ننڍي هوندي جنن، پرين جو تخيلاتي تصور، ديو هيڪل طاقتور بادشاهن ۽ سورمن جو تصور، سوداگرن

۽ پرڏيهي دنيا جو تصور، اسان جي لاشعور جي دنيا کي وسيع ڪندو آهي، اهڙيءَ طرح ماڻهو جيڪو پنهنجي ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهندي به دنيا جي وسعت ۽ پنهنجي شخصيت کي جامع ناهيندو هو. مثال اڄ به اسان جي ذهن ۾ جنن جو غيب وارو تصور موجود آهي، اڄ به اسان جي لاشعور ۾ تخيل جي حسين دنيا موجود آهي، سماجي قدر، شرافت، بهادري، پيار جهڙا تصور اسان جي لاشعور ۾ رهي اسان جي شخصيت ناهين ٿا.

شاعرن جو ڪم به اهڙا نعرا ڏيڻ آهي، جيڪي مثبت انداز سان ماڻهو جي لاشعور ۾ داخل ٿي زندگيءَ تي اثر وجهن. مثال، شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڏسو:

- عالم سڀ آباد ڪرين،
- لَوڪ وَهي لَهوارو، تُون اُوچو وَهو اوپار،
- جيڏو تُنهنجو نانءُ ٻاجهه به اوڏائي منگًا،
- جيها سي تيها، مُون مَارُو مَجيا،
- اَکيُون عبداللطيف چَئي مَاڻک نہ مَٽائِن،
- سي چِلولا چَئجن، جي دَر دَر لَاڻِن دِلڙِي،
- سَڄڻ ۽ سَاڻيهه، ڪَنهن اَڻاسِيءَ وِسرن
- وِڇوڙي جا ڏِينهن، رَهِي رَهندا ڪيترا
- تَنهن عِشق کي شَاباس، جَنهن محبتي ميڙيا.

شاهه ڪريم جي شاعريءَ ۾ ڏسو:

- مُٺ پيڙيائي پلي
- پَاڻِي مَٿي جُهوپڙا، مُورک اُج مَرن.

اهڙيءَ طرح شيخ ايياز جي شاعريءَ ۾ نيورو لنئگوسٽڪ پرگرامنگ مثبت انداز ۾ موجود آهي:

- اعلان هزارين مان نه رڳو،
- سنڌڙيءَ تي سِر کير نه ڏيندو.
- لوڏ سامراج کي ڏوڏ سامراج کي
- جڏهن کلندا ڳاڙها گل، تڏهن ملنداسين.
- مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان

اهڙيءَ طرح اسان جي ادب ۾ نثر ۾ مثبت ڪردار ادا ڪيو آهي، امر جليل، جمال ابڙو، نسيم کرل، علي بابا، نجم عباسي ۽ ٻين ڪيترن اديبن جي ڪاميابي ۽ مقبوليت جو سبب ئي اهڙا جملا آهن، جيڪي لاشعور ۾ نوجوانن کي زندگي جي رومانس ڏانهن موٽائين ٿا. اهڙين ڪهاڻين جا عنوان ئي مثبت يا منفي لنئگوسٽڪ پروگرام بنجن ٿا. مثال: دل جي دنيا، منهنجي دل موئن جو ڏڙو، نيٺ گونگي ڳالهايو.

پر ساڳي وقت اسان جي گهڻن اديبن محرومين جو رومانس، ڏکن جو رومانس، روئڻ پٽڻ جو رومانس ۾ ڦهلايو. مثال امر جليل جي ڪهاڻي "منهنجو پٽ مهدي" ۾ محرومي ۽ غربت کي رومانٽڪ بنايو ويو آهي، جو هر نوجوان اهڙو ڪردار بنجڻ چاهيندو يا اهڙو انقلابي رومانس ڦهليل آهي، جو نوجوان اهڙي عشق ۽ انقلاب جي رومانس ۾ وجڻ چاهيندو.

اردوءَ ۾ ڪرشن چندر ۾ اهڙو رومانس ڦهلايو هو. غدار، ان داتا، ميري يادون کي چنار (ناول)، وري ڪهاڻيون مسڪراني واليان، ايڪ پهول کي تنهائي ۾ هيرو جي المين جي رومانس، لاشعوري طور ماڻهو کي ريجهائي انهيءَ ڪردار جو حصو بنائي ٿو.

ٿورو اسان غور ڪريون ته اسان جو اڄ جو نوجوان، صحافي رڙيون ڪرڻ، گهوڙا گهوڙا ڪرڻ ۾ اڳتي ڇو آهي؟ انهيءَ ڪري ته اشتراڪين جو طريقي ڪار اهو ئي هوندو هو، ته انقلابي جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ لاءِ مطالبا پلي مجيا به وڃن، ته به جدوجهد جاري رکڻ لاءِ رڙيون ڪرٽيون آهن، نوجوانن ۾ انقلاب جو رومانس ايترو ڦهلائڻو آهي، جو هو آرام سان جيل وڃن، ڦٽڪا کائن، ڦاهيون چڙهن، پر ڊپ نه کن، اهو ئي رومانس اسان کي ادب ۾ ملي ٿو ته، ڏک، محروميون کي الميا ناهن، پر جدوجهد جي لاءِ هٿيار آهن، تنهنڪري سماج آهستي آهستي محرومين جي رومانس ۾ ونجي ويو. سنڌي قوم جي صحافت ۾ اهو عنصر توهان کي وڌيڪ نظر ايندو ته رڙيون ڪرٽيون آهن. حڪومت جي خلاف يا ڪنهن ڪمپني خلاف، يا ڪنهن اداري خلاف دٻاءُ پيدا ڪرڻو آهي. مسئلي جي نوعيت، خبر جي نوعيت، قانوني پيچيدگيون، اُصولن ۽ ضابطن جي نوعيت سمجهڻ کان بغير واويلا ڪرڻي آهي. نتيجي طور نيورو لنئگوسٽڪ پرگرام تحت سنڌي قوم جي لاشعور ۾ محروميءَ جو ۽ منفيت جو رجحان ويهي رهيو آهي. هاڻي سنڌي ماڻهو ڪنهن مثبت ڳالهه جي به آجيان نٿا ڪن، ڪنهن بهتر ڪم جي همت افزائي نٿا ڪن، انهيءَ صورتحال ۾ وري ايجا انفرادي محرومي بيڙو ڪردار ادا ڪيو آهي، مثال منهنجي ذهن ۾ جيڪا ڳالهه آهي، انهيءَ جي تجويز ڏيڻ بدران آئون گهوڙا گهوڙا شروع ڪريان ته هيئن ڇو نه ٿيو؟.

اسان اديبن جي لاشعور ۾ ڇو ته اهي سيئي مونجهارا موجود آهن، انهيءَ ڪري اسان ترتيب، اُصول، اخلاق، قانون، صبر، برداشت، پاڻ مجڻ ۽ پنهنجو احتساب ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي، بس هڪڙي ڳالهه تي زور آهي ته آئون صحيح آهيان. ٻيو اهو جيڪو مون سان سهمت آهي، باقي سب غلط آهن. اچو ته واويلا ڪريون، اسان پنهنجي قوم کي وڏو نقصان پيا ڏيون، اهڙي فضول واويلا

ڪندي. توهان بگهڙ ڙي بگهڙ واري ڳالهه ٻڌي هوندي، روز گهوڙا گهوڙا ڪري، اسان احتجاج جي اهميت کي ختم ڪري ڇڏيو آهي، هاڻ ڪنهن حقيقي هاجي خلاف گهوڙا گهوڙا ڪريون ٿا ته به اها نٿي ٻڌي وڃي.

اسان وٽ منفي جملن جي پرمار ايتري آهي جو ماڻهو، لاشعوري طور طئي ٿيل ڪلچر ۽ ساخت جي پنيان هلي ٿو. هن جي سوچ ۾ ماڻهو روبوٽ آهي، جنهن وٽ کو به احساس ناهي، ماڻهو جي انفراديت واري سوچ جي پنيان سپ هلن، يعني هر ماڻهو چاهي ٿو ته هن کي ئي صحيح سمجهيو وڃي، جيڪو هو چوي ٿو اهو ئي صحيح آهي، سنڌي اديب ۾ اهو خطرناڪ ڪلچر گهر ڪري ويو آهي ته هر وقت بغاوت ڪجي، هر وقت گهوڙا گهوڙا ڪجي، هر عمل ۾ ڪيڙا ڪڍجن، صرف ناڪار، بغاوت، ادارن ۽ شخصيتن ڏانهن نيگيٽو رويو، ڪم ڏانهن نگيٽو رويو، ڪنهن کي ڪم ڪرڻ هرگز ناهي ڏيٽو، ٻئي خلاف هر وقت بغاوت، بليڪ ميلنگ، دٻاءُ وجهڻ، پنهنجن مفادن جي پيروي ڪرڻ، بس صحيح صرف اهو آهي، جنهن ۾ سندس مفاد آهي، باقي سپ غلط، جيترو ٿي سگهي ٻئي کي هيسائڻو آهي. اهو ئي ڪلچر وري صحافين جو آهي، اسان وٽ سنڌ جا 60 سيڪڙو صحافي ماستر آهن، جن اهو سکي ڇڏيو آهي ته ٻئي کي بليڪ ميل ڪيئن ڪجي، گهوڙا گهوڙا ڪيئن ڪجي!!!

اصل ۾ سنڌي ماڻهو جو اهو نان پروفيشنل رويو انهي ڪري پيدا ٿيو آهي، جو حڪومتي ۽ رياستي سطح تي ڊسيپلين ناهي، سياستدان ڪرپٽ آهن، بيروڪريسي ڪرپٽ آهي، ادارن ۾ ڪم جي بجاءِ وڏيرڪو ڪلچر آهي، ڪميشن سسٽم عروج تي آهي، انهيءَ ڪري رڙيون ڪندي ڪندي، رڙيون ڪرڻ هڪ ڏنڊو ۽ رويو بنجي ويو آهي. اديب رڙ ڪئي ته کو سڻيو گرهه ملي ويو، وري صحافي رڙ ڪئي ته کا هڏي ملي ويئي، بس اهو هاڻ ڪمائي جو ذريعو ٿي ويو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو اديب يا صحافي سڀ ۽

خراب ۾ تميز ڪرڻ ڇڏي ڏني، ڪير صحيح آهي يا ڪو شريف ماڻهو آهي، ڪو ڪم جو ماڻهو آهي، انهن ڳالهين سان ان جو ڪو به سروڪار ناهي، هاڻ ڇو ته ڏنڊي جو سوال آهي ان ڪري ڪابه تميز ناهي ڪرڻي، بس رڙيون ڪريو، واڪا ڪريو، ماڻهن کي مُنجهايو، ابهام ۽ تضاد اپاريو، مسئلا پيدا ڪريو، ڪوڙ ڳالهايو ۽ ايترا ته بهتان مڙهيو، جو عام ماڻهو منجهي پوي، سرڪاري سطح تي به هلچل ٿئي ته آخر ڇا مسئلو آهي؟ اڄ جو اديب پنهنجي سجاٽپ ادب يا ريسرچ جي ذريعي نٽو ڪرائي، بلڪ ٻئي جي خلاف گهوڙا گهوڙا ڪندي، اجائي تنقيد ڪندي ڪرائي ٿو. سڀ اديب ائين ناهن، پر اڪثريت اها ئي آهي، هاڻي اديب ڪير؟ اديب اهو، جنهن به ٽي آزاد نظم، به ٽي غزل، هڪ اخباري ڪالم لکيو هجي، گهوڙا گهوڙا واري چندال چوڪڙيءَ ۾ سجاٽپ پيدا ڪئي هجي، پوءِ ڪو خوبصورت ڪاغذ ۽ ٽائيٽل سان لکين رپين جي خرچ سان ڪتاب ڇپرائي، پنج تاري هوٽل ۾ پڌرائي ڪرائي ۽ ڪنهن حڪومتي وزير کان صدارت ڪرائي، اهو اديب آهي.

پر واقعي ڪو اديب آهي ته ان کي ڪير ڪونه ٿو پچي! اڄ ڪلهه لابيون نهڻ جو رواج آهي، تون مون کي سنو چؤجان، آئون توکي سنو اديب چوندس! هر جڳهه تي هڪٻئي جي حمايت ڪنداسون، اهڙي سنڌي ادبي سماج ۾ هڪ بي اهم روايت به موجود آهي. اها آهي خانداني روايت، يعني ڏاڏو اديب، پُٽ به اديب، ننهن به اديب، ڏيءَ به اديب، پاڻ به اديب وري احساس برتري ايتري، جو صرف اسان جو خاندان ئي سنو آهي، اديب به اسان، ماهر به اسان، سنڌ جو درد به اسان کي، ٻيا اهي سڀ، جيڪي اسان جي خاندان تي قصيدا پڙهن.

ان کان علاوه هڪ ٻيو رجحان اپريو آهي، جيڪڏهن ڪو خاندان ۾ اديب ٽي پيو ته پويان ان کي ڪيش ڪرائيندا. انهيءَ تي پروگرام ٿيندا، ان جا ڪتاب ڇپجندا، وري انهن جي پڌرائي ٿيندي،

وري انهيءَ ۾ جيڪي مقالا پڙهيا ويندا، اهي به ڇپيا وري انهيءَ جي مهورت ٿيندي. ڪو پنهنجي زال جي نالي پيو ڪتاب ڇپرائيندو، تہ ڪو پنهنجي محبوبہ کي شاعري لکي ڏيندو، ڪو وري هڪ مقالو لکرائي، ستن ملڪن ۾ سرڪاري خرچ سان اهو پڙهي ايندو. مطلب "يا قبئون يا قبئون واري ڪار، ڪانهي ڪا بي تنوار". توهان ٿورو غور سان سوچيو اسان ڪهڙي نفسياتي طور معذور ماحول ۾ رهي رهيا آهيون، جتي اسان جي چوڌاري ائبنارمل ڪردار آهن. هتي وڏا اديب، وڏا قوم پرست، سنڌي ٻوليءَ جا خيرخواه، اسڪالر الائي ڪهڙا ڪهڙا نالا ملن ٿا، پر ٿورو غور ڪريو، انهن مان گهڻن جي گهرن ۾ سنڌي ڳالهائي وجي ٿي؟ انهن جا ٻار بہ اردو ڳالهائن ٿا. گهڻن قوم پرستن، اديبن جون ڌيئر يا پُٽ پنجابين ۾ پرٽيل آهن؟ گهڻن جا ٻار آمريڪا، ڪئنيڊا، آسٽريليا ۾ آباد ٿيل آهن، هنن سڄي زندگي ڪمايو، قوم پرستيءَ جي نالي، ادب جي نالي، ٻنائي جي نالي، هاڻي سندن سڄو ڪٽنب ٻاهر منتقل ٿي چُڪو آهي، جيڪي سنڌي ٻولي بچائڻ نڪرندا آهن، اڪثر انهن جي ٻارن کي سنڌي نہ ايندي آهي. ڇا تماشو آهي،! پر اسان جي نيرو لئنگئيج پرگرامنگ ٿي چڪي آهي، تنهن ڪري صرف سنڌ جي ڪنهن ڳالهہ ڪئي تہ اسان تاڙيون وڄائيندا آهيون.

شهري قدرن جي سکيا نہ هجڻ:

هڪ ٻيو اهم مسئلو، جيڪو ان سان جڙيل آهي، اهو آهي شهري قدرن جو (Civic Sense). ايڪهين صديءَ ۾ آهستي آهستي ٻهراڙيءَ جو درو ختم ٿي رهيو آهي، تازي (2017ع) واري آدمشماريءَ جا نتيجا سامهون آيا آهن، جن مطابق سنڌ ۾ هاڻي ست سيڪڙو ماڻهو شهرن ۾ رهن ٿا ۽ حقيقت بہ اهائي آهي، باقي جيڪي چاليهہ سيڪڙو ماڻهو ٻهراڙيءَ ۾ رهن ٿا، انهن مان بہ اڪثر ٿي وي،

ڪيئبل يا ڊش ائنٽينا، موبائل فون، ڪمپيوٽر، واشنگ مشين، فرج ۽ ايئرڪنڊيشنڊ استعمال ڪن ٿا، سواءِ سنن اسڪولن جي، اسپتالن جي، روڊن جي يا بجليءَ جي، باقي اليڪٽرونڪ شين ۾ ڀهراڙي به خود ڪفيل آهي. هاڻي ٿورو غور ڪريو، ماڻهو شهرن ۾ اچي ويا، انهن کي جهل نڪا پل، جڏهن چاهين شهرن ۾ اچي آباد ٿين، انهيءَ جو سبب اهو آهي ته ڀهراڙيءَ ۾ سنا اسڪول ۽ يونيورسٽيون ناهن، بجليءَ جي فراهمي درست ناهي، روزگار جا ذريعا ناهن، انهيءَ ڪري ڀهراڙيءَ جا ماڻهو تيزيءَ سان شهرن جو رُخ ڪن ٿا. پر ڀهراڙيءَ جا قدر ۽ شهري قدر الڳ الڳ آهن، جن جي اڄ جي نوجوان کي ڪا به خبر ناهي، نه ته هن جي تربيت ٿئي ٿي، نه هن کي اخلاقيات پڙهائي وجي ٿي. گلوبل وليج جي ڪانڊاپي کان پوءِ ڀهراڙيءَ جي نوجوان مان قدر تيزيءَ سان گم ٿي رهيا آهن. رشتن ۾ ڌار پئجي رهيا آهن، جو ته پهرين محدود سماج هو، معلومات جا ذريعا گهٽ هئا، ماڻهو ۾ ساڃاهه هئي، اڳيان قدر موجود هئا، ننڍي وڏي جو حياءُ هو، صبر، برداشت جي قوت هئي، ماڻهو ۾ سهپ هئي. هاڻي ماڻهو بي حيا ٿي پيو آهي، دولت جي نمائش، دولت مندن جون عياشيون ڏسي، هوش مان نڪري ويو آهي. هاڻي موجوده نظام جي مطابق ماڻهو سمجهي ٿو ته زندگيءَ جو مقصد صرف دولت هٿ ڪرڻ آهي، 'صحيح' ۽ 'غلط' پنهنجي معنيٰ وجائي چُڪا آهن، هاڻي ڪُوڻن جا ڪٽڪ تيزي سان شهرن جو رُخ ڪن پيا.

ڪُوڻن ۾ سپ هڪبئي کي سجاڻين، ڪير بي حيائي ڪندو ته جلدي خوار خراب ٿيندو. محدود ماحول آهي، سپ هڪبئي کي سجاڻين، پر شهر ۾ ڪير ڪنهن کي نٽو سجاڻي پلي پاسي ۾ ڇو نه رهندو هجي، تنهن ڪري چوري ڪجي، ڦَڪي ڪجي، عورتن سان بدتميزي ڪجي، ڪجهه به ڪجي، پر هتي ڪير نٽو سجاڻي. شهر ۾ ڪو به خانداني ناهي، جنهن وٽ دولت آهي، اهوئي خانداني آهي. هاڻي شهرن ۾ گلوبل وليج واري ڪلچر ۾ ماڻهن پئسو جام ڪمائي

ورتو، هائبرڊ ٻجن جي پرمار، زميندارن کي امير ڪري ڇڏيو. شهرن ۾ ڪلارڪن، آفيسرن کي رشوت ۽ ڪميشن جام ملي ٿي، اهي ڪروڙ پتي ٿي پيا، پر زندگي گذارڻ جا قدر ڪٽان اچن، پوءِ ڏاوا حرام جي پئسن مان عياشيون ڪرڻ، عمرا ڪرڻ، تفريح ڪرڻ، پنهنجي سنگت ۾ مزا ڪرڻ ۾ گم آهن، سندن بيگمات وري پارٽيون، شاپنگ ۽ بيوٽي پارلرن ۾ وقت گذارين ٿيون. هنن وٽ هڪٻئي جون گلائون ڪرڻ، هڪٻئي تي رعب ويهارڻ جهڙا موضوع هوندا آهن، انهن جو اولاد ناجائز پئسي تي مست هوندو آهي، انهن کي دنيا جون سڀ آسائشون مهيا ڪري ڏنيون ويندیون آهن، جن تي اهو اولاد بدمست ٿي ڏوهه ڪندو آهي، هاڻي ان طبقي کي شهري قدرن جي ڪابه خبر ناهي. هو سمجهن ٿا، شهر ۾ هنن جو حق آهي ته هو بدمستيون ڪن، تنهن ڪري ٻئي جو احترام، پاڙي واري جو خيال، روڊ تي ڪيئن هلجي، ڊرائيونگ ڪئين ڪجي، خريداري ڪيئن ڪجي، ڪابه خبر ناهي، هن کي صرف ٻئي تي رعب ويهارڻو آهي، ٻئي کي گهٽ ڏيکارڻو آهي.

اسان جي ملڪ جو ڊسيپلين خراب ڪرڻ ۾ سياستدانن جو وڏو هٿ آهي، جو ته سياستدان کي رات وچ ۾ ارب پتي، کرب پتي، پوءِ دنيا جي وڏن دولتمندن جو مقابلو ڪرڻو آهي، ان ڪري سياستدانن کي ڪو به نظام نه ڪپي، ڪو به ڊسيپلين نه ڪپي، ناجائز ڪم ڪرڻا آهن ۽ ماڻهن جا ناجائز ڪم ڪرائڻا آهن. اڪثر سياستدانن وٽ ڏوهاري ماڻهن جو هڪ وڏو جٿو هر وقت موجود هوندو آهي، جنهن کي سياستدان پالیندو آهي. اهو ڪيس اليڪشن ڪترائڻ ۾ مدد ڪندو آهي. انگريزن جي دور ۾ باقاعده CIVIC SENSE جو تصور هو. هڪ دفعي گل حسن ڪلمتي پنهنجي ليڪچر ۾ هڪ اهم ڳالهه ٻڌائي ته: انگريزن جي دور ۾ ڪراچيءَ ۾ پناڻ جي اچڻ تي پابندي هئي، پر اڄڪلهه ته هر شهر ۾ هر ماڻهو کي اچڻ جي ۽ آواره گردي ڪرڻ جي اجازت آهي.

هيروازم

اسان وٽ هڪ وڏو خطرناڪ ڪلچر هيرو هيروئن جو ڦهليل آهي، جنهن ۾ افلاطوني پيار اهم آهي. انهن جو اميو سڄي دنيا جو اميو آهي. اسان جون فلمون، اسان جا ڊراما، اسان جون ڪهاڻيون، ناول، شاعري اهڙا هيرو پيش ڪندا، جيڪي عشق جي انوکي ڪيفيت ۾ ورتل آهن، ٻيا سڀ سائيڊ ڪردار آهن، يا وِلن آهن، هيرو اهم آهي، جيڪو وڏو سورمو آهي، اهو عشق ۾ سڄو آهي، سندن محبت پاڪ آهي، وري جديد دور ۾ اسان جا ڊراما، جيڪي وڏا اميا پيش ڪندا آهن، اهي ڪنهن چوڪريءَ جو چوڪري سان عشق هوندو، هوءَ انهيءَ ۾ چري هوندي، چوڪري جي شادي ٻئي سان پئي ٿئي، سڄو ڊرامو اهڙي دنيا ڏيکارينڊو، جنهن ۾ دنيا جو وڏو مسئلو چوڪريءَ جو عشق آهي، دنيا جي وڏي ٽريجڈي عشق آهي. اسان جي نوجوانن جي لاشعور ۾ اهڙا ڪردار ڪين محدود ڪري ڇڏين ٿا، جن جي زندگيءَ جو وڏو مسئلو ۽ زندگيءَ جو اهم جوهر عشق ڪرڻ ۽ انهيءَ کي حاصل ڪرڻ هوندو آهي. وري اسان جي جديد ميڊيا نوجوان پريمي جوڙا متعارف ڪرايا، جيڪي سماج جا وڏا واقعا ڪري پيش ڪيا ويا. موسيقيءَ ۾ آوارگي، چڑواڳي، پروگرامن ۾ اڌ ڪابرا اردو ۽ سنڌي جملا، فحش نگاري اهڙن اينڪرپرسن کي جنم ڏنو، جن کي ماڻهو گهر وينِي هيرو سمجهڻ لڳا. اهي ماڻهن جو آئيڊيل بنجي ويا، ماڻهو سنا ڊاڪٽر ڪٿان ٿيندا؟ سنا انجنيئر ڪٿان ٿيندا؟ سائنسدان ڪٿان پيدا ٿيندا؟ سنا ايماندار واپاري پيدا ڪونہ ٿيندا، سنا استاد پيدا ڪونہ ٿيندا، سنا انسان پيدا ڪونہ ٿيندا، هن وقت جو ميڊيا ۽ ادب ٻڌائي ٿو تہ دنيا جو وڏو مسئلو تہ عشق آهي، اهو بہ چوڪري جو چوڪريءَ سان، ان ۾ هو چريا هجن، اها ئي وڏي ٽريجڈي آهي، تہ پوءِ جيڪڏهن مقابلي جو امتحان پاس

ڪري اسان ڏينٿي ڪمشنر ۽ ٽياسين ته ڇا ڪنداسين؟ ڪنداسين ته عشق نہ، نہ ته هيرو نٿا ٿي سگھون. ٻئي طرف موبائل ڪلچر ۽ انٽرنيٽ جي وسيلي، اسان جا گھر ۽ اسان جي ذاتي زندگي عيان ٿي ويئي آهي، جيڪي شريف گھر هئا، جن جون نياڻون ڪڏهن ٻاهر ۽ نہ نڪتيون، اهي اڄ موبائل ذريعي عشق ۾ مبتلا ٿي پيڄي رهيون آهن، طلاقن جو سيڪڙو وڌي رهيو آهي، بزرگي ختم ٿي رهي آهي، چيڀڙپڻو وڌي رهيو آهي.

ٻارن کي ننڍي هوندي کان جنسي سرگرميون، جنسي راندیڪا، گڏين جو لباس جيڪو جنسي نمائش ڪندو هجي، ڪارٽونن ۾ جنسي ڏيکاءُ، ننڍي هوندي کان ٻارن جي ذهن ۾ جنس جو اتساھ ويهاري ڇڏي ٿو. ٻار ننڍي هوندي ئي اسڪول ۾ يا خاندان ۾ گرل فرينڊ يا بواءِ فرينڊ ناهڻ شروع ڪري ٿو. يعني مڪمل لاشعوري طور مارڪيٽ جي گرفت ۾ اچيو وڃي، نتيجو اهو ٿو نڪري جو ماڻهو صرف روبوٽ بنجي جيئي ٿو. هو اهو ئي ڪجھ ڪري ٿو، جيڪو سندس لاشعور ۾ مارڪيٽ وجهي ڇڏيو آهي، تنهن ڪري توهان کي اهڙا هزارين ڪردار ملندا، جيڪي ڪنهن مثبت ڪم جا ناهن، رڳو پاڻ وٽائڻ، پاڻ پڏائڻ، ٻئي جي گلا ڪرڻ، صبح جو گھر کان نڪرندا رڳو دنيا کي آزارڻ لاءِ وري بستري تي ڏهندا ٻئي کي آزارڻ لاءِ. مطلب ته تعميري ڪم جا ماڻهو نہ رهيا آهن. هڪ نسل رڳو آوارگي کي زندگي سمجهي ٿو، اُهي فاسٽ فوڊ ڪائيندي، جنسي حرڪتون ڪندي، روڊن تي گاڏين کي ڊوڙائيندي زندگي گذارين ٿا.

نيورو لينگوئسٽڪ پروگرامنگ جڏهن منفي انداز سان ڦهلايو وڃي ته ماڻهو سيني انساني روين (سماجي، تعميري، صبر، برداشت، ڪهل، پيار، پائپي، عزت ڏيڻ) کي ڇڏي خونخوار بنجي جيئندو، جيڪو هر طرح سان ماڻهن کي آزارينڊو، ڪرپٽ ٻه ٽيندو، حاسد، گلا خور، مَ سهپ، تنگ نظر، ڏهاري ذهنيت رکندڙ ٽيندو.

انڪار جي اهميت

ڪجھ لفظ ۽ ڪي عمل روز مره جي زندگي ۾ عام حيثيت رکن ٿا. بظاهر سڄي ڪائنات عام شيءِ لڳندي آهي، پر ٿورو غور ڪيو وڃي سوچ ويچار ڪئي وڃي، تہ هر عمل هر لفظ هر علامت پنڌيان پيڇيده راز ۽ اسرار موجود هوندا آهن.

ايئن هڪ عمل جنهن جو لفظي روپ انڪار آهي، عام طور سان اسان گھڻن ڀالهين سان سهمت ٻ ٿيندا آهيون ۽ گھڻن ڀالهين کان انڪار ڪندا آهيون. ڇا توهان سوچيو آهي تہ اسان انڪار ڇو ڪندا آهيون؟ انڪار پنڌيان ڇا هوندو آهي؟

فطري طور سان انسان تجسس ڪرڻ ۽ سوچڻ جي صلاحيت رکي ٿو. انسان هميشہ پيڇيده رازن کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ڄاڻ حاصل ڪرڻ جا ڪيترائي طريقا آهن. هڪ طريقي جو تعلق انڪار سان آهي. انڪار ۽ "نہ" ۾ فرق آهي نہ جو تعلق ضد يا انا سان آهي. صرف "نہ" بنيادي طرح نفسياتي مونجهارن مان جنم وٺي ٿي، جنهن جي پنڌيان منفي ضد آهي، جنهن جو تعلق علم سان نہ، پر شخصي مونجهارن سان آهي. لازمي ناهي تہ هر انڪار پنڌيان علم هجي، پر جستجو علم ضرور آهي. جنهن انڪار جي پنڌيان دليل ناهي، علمي جستجو ناهي، اهو صرف "نہ" آهي، پر انڪار جو تعلق چئلينج سان آهي، شڪ ڪرڻ سان آهي، عقل سان آهي، دليل سان آهي، تجزئي سان آهي. ياد رهي علم ۽ عقيدي ۾ فرق آهي. روزمره زندگي ۾ اسان جو گھڻين ڀالهين تي صرف يقين هوندو آهي انهن جي باري ۾ اسان شڪ نہ ڪري سگھندا آهيون. مثال طور: دين جو مسئلو، خانداني قدرن جو مسئلو، ايمان، ڪرامتون، معجزا وغيره. انهن سيني ڀالهين تي اسان جو يقين هوندو آهي، ايمان هوندو آهي.

پر علم جو بنياد شڪ تي رکيل آهي. علم جو مطلب اجا ٻہ تحقيق ڪري سگھجي ٿي ۽ اها گنجائش هميشہ رهندي آهي. علم

انفرادي صورت ۾ انسان جي وجود جي حيثيت مجرائيندو آهي ۽ وجود جي حيثيت جو اعلان انڪارسان بہ ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ سچائي ڪي تلاش ڪرڻ جي جستجو جاڳندي آهي ۽ سماج ترقي ڪندو آهي پراڻن قدرن مفروضن کان انڪار جي نتيجي ۾ نوان قدر جنم وٺندا آهن. ماضي ۽ مستقبل جي باري ۾ انسان سوچڻ لڳندو آهي. فطرت جي انڌن قانونن خلاف جنگ ڪندو آهي، پنهنجي وجود جي بقا لاءِ محنت ڪندو آهي.

انڪار جيڪو انسان ڪڏهن فطرت جي اصولن جي خلاف ڪندو آهي. ڪڏهن سماج جي فرسوده ۽ غليظ قدرن خلاف بغاوت ڪري ڪندو آهي، ڪڏهن ڪوڙ کان انڪار ڪري سچائي جو اعلان ڪندو آهي. انسان جيترو باشعور هوندو اوترو ئي ان ۾ انڪار جي جرئت هوندي. دنيا ۾ ڪيئي اهڙيون شخصيتون گذريون آهن، جن انڪار ڪري پنهنجي شخصي آزادي برقرار رکي آهي ۽ سچائي کي مجرايو آهي.

يوناني ميٿالوجي ۾ پروميٿس ديوتا انڪار ڪيو ۽ زيوس جي حڪم جي خلاف ورزي ڪئي ۽ انسان کي باهه جو استعمال سيکاريو ۽ انهيءَ انڪار جي نتيجي ۾ پروميٿس کي سزا ملي تہ هو سڄي عمر ڪوهه ڪاف جبل تي ٻڌل رهندو ۽ هڪ پکي سندس جگر صبح کان شام تائين کائيندو رهندو. اهو ڪردار ڪارل مارڪس جو پسنديده ڪردار هو. ڇو تہ مارڪس خود فرسوده طبقاتي نظام کان بغاوت ڪئي ۽ هڪ نئون عالمي نظام ڏنو. سندس چوڻ هو تہ هڪ محنت ڪش صبح کان شام تائين محنت ڪري ٿو ۽ استحصال جو شڪار رهي ٿو، جڏ تہ هو پروميٿس ديوتا جو ڪردار ادا ڪري ٿو.

ڪو پرنيڪس انڪار ڪيو، بطلوموسي جي پراڻي نظام شمسي کان ۽ هڪ نئون نظام شمسي ڏنو سقراط انڪار ڪيو سماجي روايتن کان، هٿ نوڪي ديوتائن کان ۽ زهر جو پيالو پي علم کي اجاگر ڪيو، پر شخصيت کي جهڪڻ نہ ڏنو، ڇو تہ انڪار

جو تعلق جاڙ سان آهي. ڪجهه نه ڪجهه انڪار پڻيان ضرور هوندو آهي. مسلم ميٽالوجي ۾ شيطان انڪار ڪيو ته مان سجدو نه ڪندس، جنهن جو هن دليل ڏنو ته عبادت جي لائق صرف خدا آهي ۽ منهنجو محبوب خدا ئي آهي، خدا کانسواءِ ڪو به سجدي جي لائق ناهي، چاهي ان لاءِ مون کي خدا جي نافرماني ڪرڻي پوي. شاهه لطيف شيطان جي انڪار کي لازوال عشق سڏيو آهي ۽ ساراهيندي چيو آهي ته:

عاشق ته عزازيل، ٻيا مڙئي سڏڙيا،
منجهان سڪ سبيل، لعنتي لعل ٿيو.

حوا ۽ آدم انڪار ڪيو ۽ اهو منع ڪيل ميوو کاڌو، جنهن جي نتيجي ۾ اهي ٻئي جنت مان تڙجي ويا. ڏنو وڃي ته مسلم ميٽالوجي مطابق آدم جو انڪار شيطان جو انڪار ئي سبب بنيا آهن، هن ڏرتيءَ تي ڪاروهنوار جا ۽ ڪائنات جي علم جو سبب اهو انڪار ٿو بنجي.

اسان اجا به آسان لفظن ۾ سمجهون ته هڪ ماڻهو جي سامهون ميز رکيل آهي ۽ ان کي خبر آهي ته هي ميز آهي يعني ان بابت جاڙ اٽس ۽ ان ماڻهو کي جيڪڏهن چيو وڃي ته هي ڪرسي آهي ته هو انڪار ڪندو ته نه هي ميز آهي، ڪرسي ناهي، چو ته هن کي علم آهي ته ميز ڇا آهي ۽ ڪرسي ڇا آهي! پر جيڪڏهن خبر نه هجي، ميز ۽ ڪرسي ڪهڙيون شيون ٿيندیون آهن ته پوءِ هن لاءِ انڪار جي گنجائش نه رهندي، مطلب اهو ته علم ئي آهي، جيڪو جرئت انڪار پيدا ڪري ٿو. ڪوڙ کان غلط روايتن کان اهڙي طرح سان جيستائين فطرت جا راز نٿا کلن، تيستائين علم جا دليل طاقتور نٿا ٿين ۽ ماڻهو اڻ جاڙ ۽ انڌن عقيدن جي پڻيان لڳن ٿا ۽ جاهل رهن ٿا. ياد رهي ته جاهليت، غلامي ۽ اطاعت سيکاري ٿي، پر علم بغاوت ۽ انفراديت جاڳائيندو آهي. سچائي جو رستو ڏيکاريندو آهي ۽ سچائيءَ جي جستجو لاءِ انڪار جي جرئت هئڻ ضروري آهي، جيڪا قوم

آزاد رهڻ چاهي ٿي، سماج کي انسانيت پسندي ڏانهن وڻي وڃڻ جا خواب ڏسي ٿي، ان کي سڀ کان پهرئين علم حاصل ڪرڻو پوندو ۽ علم ئي انڪار جي جرئت پيدا ڪندو آهي.

پيار جو تصور

عام طور تي اسان وٽ پيار جو جذبو تنگ نظريءَ جو شڪار هوندو آهي، جنهن سان پيار ڪجي ان کي ٻيو ڪير نه ڏسي، اهو صرف توهان جو ٿي رهي، ان جي شخصيت توهان جي تابع هجي، وري پيار مان مراد ڪو 'الاهي جذبو' سمجهيو ويندو آهي، جيڪو ٿي ويندو آهي، ماڻهو مجبور ٿي ويندو آهي، پيار ۾ ماڻهو غرق ٿي ويندو آهي، پيار ۾ فنا ٿي ويندو آهي، پيار ۾ ڪو حساب ڪتاب، ڪا سوچ ويچار ڪم نه ايندي آهي، پيار نه ٿئي ته توهان ڪجهه به ڪري بيهي رهو، نه ٿيندو، پر جي ٿي وڃي ته توهان ختم نٿا ڪري سگهو. اسان وٽ ايشيا ۾ خاص ڪري هندستان ۽ پاڪستان ۾ پيار جو اهو تصور صدين کان هلندو ٿو اچي. ڇا واقعي پيار ڪو اهڙو جذبو آهي؟ ٿورو غور ڪنداسين ته اسان وٽ عشق جو هڪ ٻيو تصور به موجود آهي. اسان جي صوفين عشق جو ذڪر عام جام ڪيو آهي:

ايمان سلامت هر ڪوئي منگدا
اسان عشق سلامت منگي.

هاڻي ٿورو غور ڪنداسين ته عشق الڳ آهي، پيار الڳ آهي، مغرب ۾ عشق جو تصور ناهي، اتي صرف پيار جو تصور آهي. صوفي چون ٿا: عشق اهو جذبو آهي، جيڪو ماڻهو کي عاجزي، انڪساري ۽ هيناهين ڏانهن وڻي ويندو آهي، ماڻهو پنهنجو پاڻ کي محبوب اڳيان سريندر ڪندو آهي، عشق ڏاڍو اٽاگو آهي، جنهن ۾

سسي نيزي پاند اُجل تہ اڏ ٽئي. معنيٰ درد جي شروعات ٿيندي آهي، ماڻهو کي جڏهن درد ملندو آهي، تہ ماڻهو سوچڻ شروع ڪندو آهي، ماڻهو کي جڏهن درد ملندو آهي تہ ماڻهو ۾ تحرڪ ايندو آهي، ماڻهو جدوجهد ڪندو آهي، ماڻهو کي پنهنجي ۽ پرائي جي سڃاڻپ ملندي آهي. صوفين جو خيال آهي تہ ماڻهو هڪ وحدت جو ڪثرتي جُز آهي، سندس زندگي خود هڪ وڇوڙي جي علامت آهي، تنهن ڪري عشق جو وڇوڙي سان گهرو تعلق آهي، جڏهن مجازي عشق جو درد ملندس تہ چٽگ دکندي، جيڪا اڳتي هلي پنيٺ ٿي مچندي، اهو ئي جذبو اڳتي هلي الاهي عشق ۾ تبديل ٿي ويندو، تنهن ڪري صوفي چوندو آهي 'عشق مبارڪ' انهيءَ رمز کي بقول صوفي جي تہ بيان نٿو ڪري سگهجي.

ٿي سگهي ٿو اسان وٽ جيڪو عشق جو فلمي تصور پيدا ٿيو آهي، اهو مجازي عشق وارو هجي، جيڪو اسان صوفين کان ورتو هجي، پر حقيقت ۾ سماج ۾ اسان کي ڪهڙي پيار جي ضرورت آهي، اهو سمجهي ڇڏڻ ضروري آهي.

جديد مغربي ليکڪن پيار جي وصف بلڪل انهيءَ جي ابتڙ ڏني آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ايرڪ فراهم جو مشهور ڪتاب "The Art Of Loving" ڪافي شهرت ماڻي چڪو آهي، جنهن جا ڪجهه مشهور جملا آئون هيٺ ڏيان ٿو:

- "Love is a decision, it is a judgment, and it is a promise.. ..
- "Love isn't something natural.. ..
- "Paradoxically, the ability to be alone is the condition for the ability to love."
- "The main condition for the achievement of love is the overcoming of one's narcissism.

ايرڪ فراهم پيار جي باري ۾ چوي ٿو تہ: پيار هڪ سوچيل سمجهيل فيصلو آهي، هڪ تميز آهي، هڪ واعدو آهي، پيار ڪو

الاهي ناهي، پيار اڪيلو رهڻ ۽ گڏجي رهڻ جي هڪ صلاحيت آهي، پيار اها صورتحال آهي، جنهن ۾ ماڻهو جي خود پسندي شڪست کائي ٻئي کي پسند ڪرڻ لڳندي آهي.

وري ٻي جڳهه تي چوي ٿو:

> "Love isn't something natural. Rather it requires discipline, concentration, patience, faith, and the overcoming of narcissism. It isn't a feeling, it is a practice."
> Erich Frohm, The Art of Loving

پيار ڪا قدرتي شيءِ ناهي، اهو هڪ مضبوط ڊسيپلين آهي، جنهن ۾ ڏيان، صبر ۽ اعتبار جي ضرورت آهي. پيار غرور ۽ خودپسنديءَ کي ختم ڪري ٿو، پيار محسوس ڪرڻ جو نالو ناهي، پر هڪ عمل آهي، ته جڏهن ڪو چوي ٿو ته "آئون فلاڻي کان بغير نٿو رهي سگهان" ان جو مطلب ته هو نفسياتي طور ٻئي تي انحصار ڪرڻ جو عادي آهي، هو پاڻ خودمختيار ناهي ۽ جيڪو پاڻ آزاد ناهي، خودمختيار ناهي ته پوءِ پيار ڇا ڪندو؟ تنهن ڪري پيار مڪمل خودمختياريءَ کان پوءِ هڪ صحتمند چونڊ جو نالو آهي. يعني ٻه وجود آزاد خودمختيار هڪٻئي کان الڳ رهي سگهن ٿا، پر انهن اها چونڊ ڪئي آهي ته هڪٻئي سان گڏ رهندا. اصل ۾ پيار جي شروعات اتان ٿئي ٿي، اهڙي پيار کي عمل چئبو آهي، جنهن جي شروعات ٻئي جي سنيال (Care) ٻئي جي واڌ (Growth) ٻئي جي خوشي ۽ ناخوشيءَ جو خيال رکڻ، ٻئي جي ڏک ۽ سک ۾ حال پائي ٿيڻ، ٻئي لاءِ سنو سوچڻ سان ڪئي ويندي آهي، پر جيڪو پيار ٿي ويندو آهي ان ۾ مفاد آهي، ان ۾ جنسي جذبو شامل آهي، اهو پيار محدود آهي.

ڏسو اسان پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ سان ٻه محبت ڪندا آهيون، اسان پنهنجي پيٽ يا ياءُ سان ٻه پيار ڪندا آهيون، اسان پنهنجي

دوستن سان به پيار ڪندا آهيون ته ڇا اسان اهو چوندا آهيون ته اسان انهن جي پيار ۾ مبتلا ٿي پيا آهيون، يا ٿڌيون آهون پري پيا گهوڙا يا حسين ڪندا آهيون، نه اسان صرف انهن جي سار سنڀال ڪندا آهيون، انهن جو خيال رکندا آهيون، انهن سان حال اورينداآهيون، جيڪڏهن ڪنهن چوڪريءَ يا چوڪري سان ڪو پيار ٿئي ٿو ته ان کي به اهڙيءَ طرح عزيز رکجي، جو هن جي عزت ڪجي، هن سان ڏک سک وندجي، هن جي شخصيت کي اڳتي ترقي ڪرائڻ لاءِ رستا هموار ڪجن يا هن جي شخصيت جي نشو نما لاءِ هن جو اعتماد بحال ڪجي.هن کي پنهنجي پيرن تي بيهارجي.

پيار جي تصور تي هڪ ٻيو ڪتاب ايم اسڪاٽ پيڪ (M. Scott peck) جو لکيل آهي، جنهن جو نالو آهي The road Less Travelled هن ڪتاب ۾ پيار جي وصف، اسان واري پيار جي عام تصور کان مختلف آهي:

> The first is that the experience of falling in love is specifically a sex –linked erotic experience. we do not fall in love with our children even though we love them very deeply we do not fall in love with our friends of the same sex –unless we are homosexuality oriented-even though we are consciously or unconsciously sexually motivated. The second problem is that the experience of falling love is invariably temporary.[1]

مون انهيءَ سڄي صورتحال کي مٿي بيان ڪيو آهي، ڇا عشق جي ڪيفيت کي دوکو آهي يا اهو حقيقي ناهي؟ ڇا پيار جو تصور صرف مغربيت وارو صحيح آهي؟

بلڪل ائين به ناهي. اهو ته مغرب وارا به مڃن ٿا ته جسماني پيار مڪمل پيار ناهي، بلڪ ڪنهن وڏي آفاقي پيار جي شروعات

[1] M.Scott Peck "The Road less Travelled "Great Britain by Hutchinson &co 1983 Rider Edition 1985. Page no:s 89

آهي. جنسي عمل کي گهڻن مڪمل مراقبي جو نالو ڏنو آهي، جنهن وسيلي ماڻهو وجود جي بوريت، تلخي، ڪروڌ، مان جند ڇڏائي، ٽانيڪو ٽئي ٿو. ساڳي وقت وجود جي ٽڪاوٽ، بي تڪائيءَ مان جان ڇڏائڻ لاءِ به جنسي عمل مدد ڪري ٿو، هڪ صحتمند جنسي عمل صحتمند هئڻ لاءِ ضروري آهي.

پر عشق جنسي عمل کان شروع ٿي، روحاني وحدت جي سفر ۾ داخل ٿئي ٿو. عشق دنياداريءَ کي پاڻ سان نٿو کڻي سگهي، تنهن ڪري اسان دنيا ۾ رهي پيار ڪري سگهون ٿا. ان مان هڪڙي ڳالهه ته واضح ٿي ويئي ته عشق جو تصور الڳ آهي ۽ پيار جو الڳ آهي. پيار هڪ سالم دماغي عمل آهي، پر عشق ۾ ماڻهو وس ۾ نٿو رهي، جنهن ڪري پيار جو تعلق شعور سان آهي، پيار هڪ فن آهي، جيڪو سکڻ جي ضرورت آهي، پيار هڪ انساني روش آهي، جنهن لاءِ علم جي ضرورت آهي.

آخر پيار جو يا عشق جو جنس سان ڪهڙو تعلق آهي. ؟؟ جڏهن اسان جنس جي ڳالهه ڪريون ٿا، اسان ڪائنات جي بنيادي نُڪتي جي ڳالهه ڪريون ٿا. حضرت آدم عليه السلام کي ڏرتيءَ تي لاٿو ويو، چوجو هن جو جنسي شعور بيدار ٿي ويو. توها ن ٿورو سوچيو ته جنت ۾ يڪسوئي آهي، جيئڻ جو هڪ طويل سلسلو آهي، جنهن ۾ ڪا به تبديلي ناهي، آدم کي جنسي لذت جو شعور اچي ويو، جيڪو عمل خود هڪ وڏي تبديليءَ جو بنياد آهي، ملڻ ۽ وڇڙڻ جو سلسلو آهي، عروج ۽ زوال جو سلسلو آهي، اهو جنت ۾ نٿو ٿي سگهي، اتي مادي طور نٿو رهي سگجهي، جنهن ڪري انهيءَ عمل لاءِ صرف ڏرتي منتخب ڪئي ويئي. جڏهن آدم ڏرتي تي لٿو ته هو 'حوا' کي ڳولیندو رهيو، آخر جڏهن دعا قبول ٿيس ته واپس جنت ۾ چو نه گهرايو ويو، يا اها دعا چو نه گهريائين ته مون کي جنت ۾ واپس گهرائي وڃ، پر دعا اها گهريائين ته حوا سان ملائي ۽ باقي زندگي ڏرتي تي گذاريائين. ان جو مطلب ته دنيا جو بنياد جنس تي

رکيل آهي، دنيا جي زندگيءَ جو بنياد جنس تي آهي، توهان ٿورو غور ڪريو، دنيا جي هر ڪرت جنسي عمل تي ٻڌل آهي، معنيٰ زندگيءَ جو بنياد جنس کان ٻاهر ناهي، انهيءَ ڪشش سان ماڻهو جو پاڻ ۾ لاڳاپو ٿئي ٿو، رشتا ناتا نهن ٿا، پر عشق صرف جنسي عمل تي نٿو گهمي، صرف جنس جو بنياد عشق ناهي، اهڙيءَ طرح پيار به صرف جنسي عمل جي چوڌاري نٿو گهمي.

عشق جي بنياد ۾ هيٺيان محرڪ بنيادي آهن:

- اڏوري ذات.
- پاڻ کي تسليم ڪرائڻ جي خواهش
- پنهنجي خودي‌ءَ جو بار سريندر ڪرڻ جي خواهش
- پنهنجي آزاديءَ جو بي پناهه وجدان جو ٻوجهه ٻئي تي رکڻ جي خواهش
- ڪنهن نئين دنيا نئين ڪائنات کي تسخير ڪرڻ جي خواهش
- بي خودي‌ءَ ۾ وڃڻ جي خواهش
- جنسي پيار جي خواهش

هاڻي اسان غور ڪنداسين ته انسان جي ذات اڏوري آهي، وجود خواهش ڪري ٿو معنيٰ مڪمل ناهي، جي مڪمل وجود هجي ها ته ڪا خواهش نه ڪري ها، خواهش جو مطلب ته ڪنهن شيءِ جي موجود ڪرڻ جي ضرورت، جيڪا موجود ناهي. معنيٰ ڪوٺ جي نشاندهي، اها ڪوٺ ڪڏهن به پوري نٿي ٿئي، ماڻهو مڪمل نٿو ٿئي. آخر ڇو؟؟ ڇو ته هن جو ڪوبه جوهر ناهي، ڪو به سبب ڪٽي ماڻهو نه آيو آهي، ماڻهو پهرين پنهنجو سامهون ڪري ٿو، پوءِ پنهنجو مقصد ناهي ٿو، ڇو ته ڪو به مقصد هن جي ذات جو متحمل ناهي، انهيءَ ڪري مقصد ثانوي آهي. مقصد پوري ٿيڻ کان پوءِ وري ٻيو مقصد، وري ٽيون مقصد، اهڙيءَ طرح اهو سلسلو سڄي زندگي هلندو رهي ٿو، ڪڏهن به اها اُڄ نٿي اُجهامي، ڪڏهن ماڻهو پرجي نٿو سگهي:

کامان پچان پچران، لُڇان ۽ لوچان،
تَن ۾ تَؤنس پِرينءَ جي، پِيَان نَہ ڏَاپَان،
جي سَمُنڊ مُنهن ڪريان، تہ سرڪيائي نہ ٽئي.

اها ذات جي ڪوٽ ڪٽي ماڻهو هلندو رهي ٿو، مڪمل ٽيٽ جي خواهش عشق جي ڪيفيت ۾ هو محسوس ڪري ٿو، جڏهن ڪنهن سان عشق ٿئي ٿو تہ هو ان جي ميلاپ جي خواهش ڪري ٿو. اچو تہ انهيءَ ميلاپ جي خواهش کي سمجهون.

ٻار ڄمڻ سان انفرادي وجود جو شعور حاصل نٿو ڪري، بلڪ هن جي لاشعور ۾ آفاقي وحدت يا مرڪز ڪائنات جو ڪل وجود هوندو آهي، يعني ٻار ماءُ کان الڳ پاڻ کي انفرادي حيثيت ۾ محسوس نہ ڪندو آهي، انهيءَ ڪري هو هٿ لوڏيندو آهي تہ ڪائنات پئي لڏندي آهي، هو ٽنگ لوڏي تہ سڄو عالم پيو لڏي، هن کي بُک لڳي تہ سڄي ڪائنات کي درد ملي ويو، انهيءَ ڪري ٻار کي تنجڻ ۾ ويڙهبو آهي، تہ جيئن هڪدم کيس الڳ ٽيٽ جو احساس نہ ٿئي، جو هو سهسائي نہ سگهندو، ڇيڏڪ پريندو، انهيءَ ڪري کيس ڇاتيءَ تي ڪپڑو رکيو ويندو آهي. آهستي آهستي ٻار پاڻ کي محسوس ڪرڻ لڳندو آهي تہ هو الڳ آهي، هن جو وجود بہ الڳ آهي، اتان هن جي اڪيلائي جو، جز جو درد شروع ٿئي ٿو، تہ هُو ڪائنات جي اڻ ڪٽ تصور ۾ محدود ۽ اڪيلو آهي، پر اوچتو هن کي رانديڪو ملندو، درد تان ڏيان هٽي ويو. ٿوري دير لاءِ دل وندري ويئي، پر جلدي بور ٿي پيو، وري ڪا نئين شيءِ ڪپي دل وندرائڻ لاءِ، اهڙيءَ طرح وري ٻيو رانديڪو ملندو، وري ٻيا... راندیڪا بدلبا رهندا، بوريت رهندي آهي، تان جو ٻار وڏو ٿي ويو، هاڻي راندیڪا بہ وڏا ڪپن ۽ نوان ڪپن.

پيار دراصل ٻار جي اها فطري خواهش آهي، جنهن ۾ ٻار واپس ماءُ جي هنجهہ ۾ وڃڻ ٿو چاهي، ماءُ جي گرپ ۾ وڃڻ ٿو

چاهي، پر هاڻي دور بدلجي ويو، ضرورتون وڌي ويون. هاڻي عورت ۾ ٿي عورتون کپن ماڻُ، محبوبہ ۽ طوائف کپي، جيڪا هن جي ماڻُ وانگر سنڀال ڪري، جيڪا هن جو خيال رکي، جيڪا هن سان دوستي رکي، هن سان سيڪس شيئر ڪري، هن کي جنس جي مراقبي ۾ ونڊي وجي، هن جي اڪيلائي جي درد کي ختم ڪري ڇڏي، انهيءَ ڪري زور جا ياڪر، هڪبئي ۾ گم ٿيڻ، هڪبئي ۾ گهڙي وڃڻ جي ڪوشش، پر صرف وقتي ڪوشش وري اڪيلائي، وري انفراديت.

جيئن جيئن ٻار وڏو ٿئي ٿو، هن جي وجود جي انفرادي حيثيت شروع ٿئي ٿي، اها ئي صورت ڪل ڪان جز واري حيثيت ۾ اچڻ واري آهي. ٻار ماڻُ جي پيٽ مان نڪري الميي جو شڪار ٿيو، وري گود مان نڪري اڪيلو ٿي ويو، اهو ئي درد آهي جيڪو پيار جو بنيادي سبب آهي. اهو ئي ذات جو اڌوروپڻ آهي، جنهن کي پورو ڪندي ڪندي زندگي گذري وجي ٿي، پر ذات مڪمل نٿي ٿئي.

(i) پاڻ تسليم ڪرائڻ

پاڻ کي ڪو ٻيو تسليم ڪري. اهو بنيادي جذبو آهي، جيڪو صرف ماڻهو جي فطرت ۾ موجود آهي، ماڻهو چو چاهي ٿو تہ ان کي سجاڻپ ملي؟ صوفين جي خيال موجب، جنهن لاءِ هو حديث جو حوالو ڏيندي ٻڌائيندا آهن تہ: "خدا حسن جو ڳجهو خزانو هو، جنهن پنهنجي ئي حسن جو جلوو پئي پسيو تہ ڪيس جنبش جاڳي تہ پاڻ سجاڻجان" انهيءَ ڪري خدا پاڻ کي ڪثرتي رُوپ ۾ ڦهلائي، پنهنجي سجاڻپ پيدا ڪئي. هاڻي ذري ذري ۾ اها خاصيت موجود آهي تہ منهنجي حُسن جي ڪير تعريف ڪري، مون کي ڪير تسليم ڪري، ڪو چوي تہ تون آهين، تنهنجو وجود ڪا اهميت رکي ٿو.

نفسياتي طور انهيءَ جو سبب چا آهي؟ ماڻهو جي اڪيلائي انهيءَ جو بنيادي سبب آهي. ماڻهو فطرت کان وڇڙيل جُز آهي، جيڪو ڪل فطرت کان الڳ ٿي ڇڪو آهي، بلڪ ڪٿي هو فطرت جي مقابل آهي، ڇو ته هو شعور رکي ٿو، شعور انهيءَ جي اندر ۾ هڪ سوال جي اٿل پٿل پيدا ڪري ٿو ته آخر هو ڪير آهي؟ جنهن جو جواب هن کي ڪٿان به نٿو ملي، محبت جي پهرين نظر، پهرين مرڪ هن کي انهيءَ سوال جي هورا کورا کان مڪت ڪري ٿي.

ان کان پوءِ موت جو خوفناڪ تصور ماڻهو کي اندر ئي اندر ۾ ڳاري ڇڏي ٿو. اڪيلائي، وجود بي جواز، روز جي وحشت، بوريت، ماڻهو کي ڊپريشن ۾ مبتلا ڪري ٿي، محبت جو پهريون احساس ته ڪيس ڪنهن اهميت ڏني، ڪيس ڪنهن تسليم ڪيو آهي، اهو احساس هڪ اهڙي رومانوي ۽ سحرانگيز صورتحال پيدا ڪري ٿو، جو ماڻهو موت جي وحشت جي احساس کان مڪت ٿي وڃي ٿو.

(ii) پنهنجي خودیءَ جو بوجھ سرينڊر ڪرڻ جي خواهش

ٻار راند ڪندي ٽڪجي اچي ماءُ جي هنجھ ۾ ويهندو آهي. ماڻهو ٽڪجي پوي ته آرام ڪرڻ چاهيندو آهي، مسلسل جاڳي نٿو سگهي، ڪو وقفو ضروري آهي، مسلسل جيئڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، ڪو وقفو هجي اهو وقفو ننڊ جي صورت ۾ ملي ٿو، پر توهان کي ڪاميابي ملي هجي، يا بي انتها خوشي ملي هجي ته ننڊ نه ايندي. سمهڻ تي دل به نه چاهيندي، چوته زندگي هاڻي بوجھ ناهي مزو پيو اچي، انهيءَ سرور کي جاڳي اڃا به وڌيڪ وقت تائين حاصل ڪجي.

هاڻي خودي چاهي؟ خودي انا آهي، جيئن ماڻهو پنهنجي بدن کي ڪپڙن سان ڍڪي ٿو، بلڪل ائين ماڻهو پنهنجي اندر جي ماڻهو

کي انا سان ڏکي ٿو، جيڪا هن کي مجبور ڪري ٿي ته پنهنجو استيٽس، پنهنجو پروٽوڪول برقرار رکجي، پنهنجي نجي سرڪل يا زون ۾ ڪنهن کي داخل ٿيڻ نه ڏجي، پر ماڻهو اهڙي مصنوعيت کان جلدي بور ٿي پوي ٿو. انا جي ماسڪ کي پائي زياده دير نٿو رهي سگهي، جي وڌيڪ رهندو ته نفسياتي مريض بڻجندو، ماڻهو پنهنجي فطرت ۾ بي تڪلف رهڻ چاهي ٿو. يعني روسو واري ڳالهه ته، فطري آزادي چاهي ٿو، صرف محبت جي ميدان ۾ هو پنهنجي خودي سرينڈر ڪري محبوب جي اڳيان پنهنجي ذات عيان ڪري ٿو.

هاڻي اچو ته ڏسون ته جديد نفسيات انهيءَ سلسلي ۾ ڇا ٿي چوي:

ڪارل جنگ انهيءَ سلسلي ۾ اينيما ۽ اينيمس جي ٽرمنالوجي متعارف ڪرائي، جنهن جو مطلب آهي ته هر مرد ۾ هڪ عورت هوندي آهي، جنهن کي ANIMA چئبو آهي، وري هر عورت ۾ هڪ مرد موجود هوندو آهي جنهن کي ANIMUS چئبو آهي.

انهيءَ جو مطلب ته هر عورت ۾ هڪ مرد جي خاصيت موجود آهي، وري هر مرد ۾ هڪ عورت جي خاصيت موجود آهي، مڪمل عورت ۽ مرد ڪير ڪونهي، ائين چئجي ته هڪ ئي وجود جا ٻه پاسا آهن، جنهن جا سماجي دائرا الڳ الڳ آهن، انهن سماجي دائرن ۾ هر ماڻهو ڪجهه ظاهر ڪندو آهي، ڪجهه لڪائيندو آهي، جيڪو لڪل پاسو هوندو آهي، اها انهيءَ جي wild zone سڏبي آهي. اهو ڳجهو لڪل پاسو ماڻهو جو ذاتي دائرو ٿيندو آهي، جيڪو اڪيلو ۽ اونداهو هوندو آهي. ان سرڪل جي حد ۾ ڪير داخل نه ٿي سگهندو آهي، محبت صرف ان وقت ٿيندي آهي، جنهن وقت توهان ان کي پنهنجي نجي دائري ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏيو. يعني اها Wild Zone جڏهن توهان ڪنهن جي اڳيان عيان ڪريو.

يعني اها ڪيفيت، جيڪا نجي دائري ۾ موجود هوندي آهي، اها مرد ۽ عورت هڪٻئي تي ظاهر ڪرڻ لاءِ راضي ٿين، جنهن کي

Idiosyncrasy چيو ويندو آهي.

اها ڪيفيت صرف نجي ٿيندي آهي، جيڪا صرف انتهائي وجداني ڪيفيت ۾ ماڻهو ٻئي جي مٿان ظاهر ڪندو آهي، عورت جڏهن ڪنهن کي پيار ڪندي آهي تہ ان جو ثبوت هوءَ پنهنجي محبوب جي اڳيان انهيءَ ڪيفيت کي ظاهر ڪندي ڏيندي آهي، اڪثر اها ڪيفيت پريم رس جي دوران ظاهر ٿيندي آهي.

جي عورت يا مرد انهيءَ ڪيفيت کي هڪٻئي اڳيان ظاهر نٿا ڪن تہ پوءِ هو پريم نٿا ڪن. جنسي عمل جو وجدان سان تعلق ٻہ انهيءَ ڪيفيت ذريعي جُڙي ٿو، تنهن ڪري اها ڪيفيت ظاهر ڪرڻ انتها جو سريندر آهي. هڪ هالي ووڊ وارن جي فلم انهيءَ ڪيفيت جي فڪر تي نهي چڪي آهي، جيڪا ميلان ڪنديرا جي ناول unbearable Lightness of being تان ناهي ويئي آهي.

(iii) پنهنجي آزاديءَ جو بي پناهہ بوجهہ ٻئي تي رکڻ

خطرناڪ ترين احساس 'وجودي آزادي' جو احساس آهي، وجود اڪيلو ۽ خالي. هن وشال ڪائنات ۾ آئون ڪير؟؟ ڪيڏانهن ويندس ۽ ڪٿان آيس، ڪا منطق ڪو دليل اهڙو ناهي، جو مطمئن ڪري سگهي. زمان و مڪان ۾ قاتل وجود، جيڪو هڪ وڏي عذاب ۾ مبتلا آهي، ڇا ڪري؟ ڪيڏانهن وڃي؟ هن جو درد ڪير ورهائي ئي نٿو سگهي، هن جو بوجهہ ٻيو ڪير کڻي نٿو سگهي، هن کي ئي پوڳڻو آهي، آخر اهو ڇا آهي؟

ننڍي هوندي ماءُ جي سهاري، پيءُ جي سهاري، استاد جي سکيا ۾ هن جا فيصلا ٻيا ڪندا هئا، جبري ئي سهي پر هو آزاد هو، نفعي نقصان لاءِ ذميوار نہ هو. آهستي آهستي وڏو ٿيو تہ فيصلا خود

ڪرڻا پيا، ته ڪيس يتيمي جو احساس ٿيو. گهر جو وڏو ٿيو ته مٽان ٻوجهه محسوس ٿيو، جو جو هاڻ هو آزاد آهي، پر هن کي هر فيصلي اڳيان جوابده ٻه ٽيڙو آهي، اهو جوابده ٽيڙ جو احساس خطرناڪ آهي، انهيءَ ڪري اها آزادي خود هڪ پابندي آهي.

حضرت آدم عليہ السلام کڏهن چيو ته مون گناهہ پاڻ فيصلو ڪري ڪيو، هن چيو ته مون کي حوا برغلايو، حوا وري چيو ته مون کي شيطان برغلايو. شيطان چيو، ها! مون برغلايو، چوتہ عزازيل پنهنجي بي پناهہ آزاديءَ جو وجدان کڙڻ لاءِ ئي ته شيطان ٿيو، پر انسان پنهنجي هر غلط ۽ صحيح ڳالهہ جوبوجهہ ٻئي تي ڪيرائڻ چاهي ٿو، جو ته انسان مڪمل ذات ناهي، زمان و مڪان ۾ قيد ۽ اوناهي کوهہ ۾ ڪريل آهي، هاڻي ننڍي هوندي کان ته هن جا فيصلا ٻيا ڪندا هئا، پر جواني‌ءَ ۾ هو آزادي جو ٻوجهہ ڪنهن تي رکي؟ ڪير هن جي ڇڙواڳي کي ڪنٽرول ڪري، ان ڪري محبوبا يا محبوب جڏهن عاشق تي حڪم هلائي ته عاشق جي ان کان وڌيڪ ڪا ٻي خوشي نہ هوندي آهي. وڏيون وڏيون شخصيتون جن جي ڪنڌ ۾ ڪلي لڳل هجي، پاڻ تي مڪ نہ سهن، انهن کي ٻہ محبوب جي اڳيان نڪ گسائيندي ڏٺو ويو آهي، عشق جي ٻہ خواهش اها ئي هوندي آهي ته ٻئي جي انا زير ٿي پوي، همراهہ ڊير ٿي پوي، جتي همراهہ ڊير نہ ٿيندو، اتي محبوب جي عشق جي شروعات ٿيندي آهي، يعني محبوب پاڻ عاشق ٿي پوندو آهي. دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو درد هارائڻ جو درد آهي، نڪرائڻ جو درد آهي، جي توهان کي نڪرايو ويو ته توهان جو وجود لڏي ويندو. سسئي پنهون جي عاشق ٿي جبل جهاڳيا، ان ڪري ته ڪيس نڪرايو ويو. مومل راڻي جي پڻيان در در پٽڪي ان ڪري ته ڪيس نڪرايو ويو. ليلا جو درد اتان شروع ٿئي ٿو، جتان ڪيس چنيسر نڪرايو.

بي پناهہ آزادي خطرناڪ اڪيلائي جي شروعات آهي، انهيءَ ڪري ذات جو ٻوجهہ ڪنهن تي رکڻ ضروري آهي.

(iv) ڪنهن نئين دنيا نئين ڪائنات تسخير ڪرڻ جي خواهش

انسان جي فطرت آهي نئين دنيا تسخير ڪري، نيون ڳالهيون نوان ماڻهو، نيون جايون، نيون دريافتون، ايجادون، پر ڪا نئين شيءِ هن جي علم ۾ اچي، انسان خود هڪ ننڍڙي ڪائنات آهي، ان جا پنهنجا رنگ جيترا ٻاهر ظاهر آهن، اوترا اندر ۾ لڪيل ٻه آهن، انسان ان جي ٻه دريافت ڪرڻ چاهي ٿو، انهيءَ ڪري ماڻهو ۾ دوستي ڪرڻ جي خواهش هوندي آهي.

جنسي جذبي ۾ اهڙي ڪوج ٻه لڪل هوندي آهي، ته ماڻهو ٻئي کي دريافت ڪري ٿو، ٻئي ننڍڙي ڪائنات ۾ داخل ٿي، انهي جي "ادبيوسنڪريسي" (Idiosyncrasy) کان واقف ٿئي ٿو. ماڻهو جي اها بنيادي خواهش جبلت آهي ۽ ماءُ جي پيٽ ۾ ٻه اهو ڪم ڪري ٿي، جنهن ڪري ٻار جيئن وڌي ٿو ته هن کي ماءُ جي پيٽ کان ٻاهر اڇٽو پوي ٿو. گود کان گهر ۾، گهر کان ٻاهر گهٽيءَ ۾، گهٽيءَ کان ڳوٺ ۾، ڳوٺ کان شهر ۾، شهر کان ٻئي ملڪ ۾، ملڪ کان ٻئي سياري ٿي، اهڙيءَ طرح ماڻهو جي جبلت ڪيس گهمائيندي رهندي آهي، اهڙيءَ طرح جنس ۾ ٻه ماڻهو ڪائناتي سير ڪري ٿو.

(v) بي خودي ۾ وڃڻ جي خواهش

زندگي ٻه عجيب آهي، هڪ دفعو شروع ٿئي ٿي ته ڪٿي ٻه وقفو نه اٽس، ڪٿي ٻه بيهي ساهي نٿي پٽي. دل آهي، جيڪا مسلسل هلندي رهي ٿي، بغير ڪنهن وقفي جي! چا ڪو ٽڪ نٿو ٿي سگهي؟ مسلسل جيئڻ مان، يا گهٽ ۾ گهٽ ڪا خواهش ته ايري سگهي ٿي ته ٿورو ساهي پٽجي. نفسياتدانن جو چوڻ آهي ته: ننڍ اهڙو عمل آهي، جنهن مان ساهي ملي ٿي، پر ننڍ جو اهڙو عمل، جيڪو نارمل

ذهن کي ته آرام ڏئي ٿو، پر ڊپريس يا پريشان ماڻهو کي آرام نٿو ڏئي، بلڪ نند به هڪ جنگ بنجي وڃي ٿي، جڏهن ماڻهو اُٺي ٿو ته لڳي ٿو هڪ جنگ مان گذريو آهي، اها خواهش ته ساهي ملي، يڪ ٽڪ جيئڻ مان ٽڪجي ڪو ٽڪ پيجي، سڏو سنئون عمل ناهي. پر اهڙو ٽڪ پيڻ جا ٻيا طريقا موجود آهن، جن مان محبت به هڪ طريقو آهي. محبت ڪرڻ وارا جڏهن محبت جي جنون ۾ مبتلا ٿيندا آهن ته دنيا انهن کان وسري ويندي آهي، نه کين وقت جو احساس رهندو آهي نه کين مڪان جو ڪو خيال رهندو آهي، اهڙا ماڻهو جيڪي اونداهي کان ڊڄندا هجن، اهي محبوب جو انتظار رات جو قبرستان ۾لکي ويهي ڪري سگهن ٿا. يا وري به چاهيندڙ ڪنهن جڳهه تي ايترو محو ويهي سگهن ٿا، جو 24 ڪلاڪ گذري وڃن، پر کين اندازو به نه ٿيندو. اصل ۾ وقت جو گذرڻ ان وقت بور عمل ٿئي ٿو، جڏهن توهان جو ڪو ڪارج نه هجي، پر جي توهان عشق جي ڪيفيت ۾ آيو ۽ محبوب گڏ آهي ته پوءِ وقت توهان لاءِ ڪابه معنيٰ نٿو رکي. بس اهو ئي جيئڻ جو وقفو آهي، جڏهن محبوب توهان سان گڏ هجي، توهان زمان ۽ مڪان کان ٻاهر هجو.

(vi) جنسي پيار جي خواهش

ٿورو غور سان ڏسندا ته دنيا جي ڪرت ۾ هڪ ئي اهم ڳالهه نظر ايندي، اها آهي جنسي ڪرت. ٻوٽا هجن، جيت جڻا، جانور، وڻ ٽڻ ۽ ماڻهو سيني ۾ هڪ اهم ڪرت فطري طور موجود آهي، اها آهي جنسي خواهش جي. فطري طور جنسي خواهش موجود نه هجي ها ته دنيا ڪڏهن جو ختم ٿي وڃي ها. جنسي سگهه دراصل حيات جي سگهه آهي. پر انسان جي اها سگهه شعوري سطح تي وڌيڪ بيدار ٿئي ٿي. انسان جي جنس جو تعلق سندس يادداشت تي بنياد رومانٽڪ ٿيندو ويندو آهي، انسان جنس کي رومانس جي بنياد تي وڌيڪ سرور

وارو ۽ لذت افروز ڪندو ويندو آهي. جنس هڪ اهڙي سگهه آهي، جيڪا انسان اندر ائٽمي ڏاڪا ڪندي رهندي آهي، جوانيءَ جي دور ۾ جنسي سگهه هر جاندار کي مست ڪري ڇڏيندي آهي، انهيءَ ڪري هر نر جو جواني ۾ مادي ڏانهن مائل ٿيڻ ۽ مادي جو نر ڏانهن رجحان رکڻ فطري آهي، هاڻي انهيءَ عمل لاءِ ماڻهو ڏاڍو رومانٽڪ بنجي ٿو.

رومانس ڇا آهي؟

Romanticism

عام طور رومانس مان مراد پيار ۽ محبت جي ورتي ويندي آهي، جيڪڏهن توهان ڊڪشنري ۾ رومانيٽسزم جي معنيٰ ڏسندا تہ توهان کي ملندي تہ: اها ادبي تحريڪ آهي، جيڪا 18 صديءَ ۾ روسي جي فلسفي کان شروع ٿي، وليم ورڊس ورٿ انهيءَ کي انتها تي پهچايو، جنهن انسان کي سندس فطرت ڏانهن موٽائڻ جي ڳالهہ ڪئي، اڳتي هلي توهان کي رومانس جي معنيٰ اها ملندي تہ اها فرد جي داخلي بغاوت آهي، جيڪا ماڻهو کي پنهنجي جذبن ڏانهن موٽائي ٿي، يا وري تخيل جي قوت کي اُپاري ٿي، سماج جي رائج قانونن ۽ روايتن کان بغاوت تي اُپاري ٿي. يورپ ۾ رومانويت ڪلاسيڪل روايتن کان بغاوت جي بنياد تي اُپري، جيڪا عقل جي مقابلي ۾ جذبن کي وڌيڪ اهميت ڏيندي هئي، انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو تہ رومانوي ادبب پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏاڍو بي ترتيب هئا، ڇو تہ فارمولو عقل جي بنياد تي ٿيندو آهي، جذبي جي بنياد تي نہ، انهيءَ ڪري وليم ورڊس ورٿ کان وٺي پشڪن، وڪٽر هيوگو تائين ادبين جي زندگي بي ترتيب گذري. مثال: پشڪن ٽيهن سالن ۾ 150 عشق ڪيا ۽ آخر ڊوئل راند کيڏندي مارجي ويو. دوستو وسڪيءَ جي گهٽي زندگي سائبيريا ۾ سزا ڪاٽيندي گذري، باقي زندگي هن پيرس جي جواخانن ۾ گذاري، وليم ورڊس ورٿ جا مخفي عشق ۽ ناجائز اولاد جا قصا مشهور آهن، وڪٽر هيوگو جذبن کي روحاني طاقتن جي بنيادن تي پرکيو، هن وٽ جسم سان جڙيل بدصورتي ۽ روحاني خوبصورتي گڏ سفر ڪندي هئي، جنهن جو عظيم مثال "هنچ بيڪ آف نوٽرڊيم" جو ڪردار هو.

رومانويت جي نئين وصف

هتي آئون جنهن رومانس جي وصف پيش ڪرڻ چاهيان ٿو، اها بلڪل الڳ آهي، جيڪا عام ڏکشنري ۾ ناهي. رومانويت اها قوت آهي، جيڪا ماڻهو کي جيئڻ سان جوڙي رکي ٿي، يعني ماڻهو ۽ دنيا جي وچ ۾ جيڪا طاقت جيئڻ جو اُتساهه پيدا ڪري ٿي، اها رومانوي طاقت آهي. اچو ته هن ڳالهه کي سمجهون، توهان ٿورو غور ڪريو. ننڍڙو ٻار جمڻ سان رڙيون ڪري ٿو. انهيءَ ڪري ته هن جي وجود جو نئون ماحول شروع ٿئي ٿو. ٻار جڏهن ماءُ جي پيٽ ۾ هو ته فطرت جو حصو هو، پهريون دفعو فطرت کان الڳ ٿيڻ جو عمل شروع ٿيو ۽ پنهنجي وجود جو خالي پڻو، جيو (روح) جي رڙ شروع ٿي، انسان جو اهو پهريون عدم تحفظ (insecurity) شروع ٿيو. ماءُ ٻار کي ڇڄ ڏيندي، هنجهه ۾ ڪٽندي ته ٻار کي ڪجهه آڇت ملندي، ٻار ٿورو سڪون ۾ ايندو، پر وري ٿوري دير کان پوءِ روئڻ شروع ڪندو، اهو عمل هلندي ٻار آهستي آهستي پاڻ کي الڳ وجود طور سجاڻڻ لڳندو، هو ٻين ماڻهن، شين ۽ پاڻ ۾ تميز ڪرڻ لڳندو، پر سندس وجود بي چين رهندو، هن کي پهرين توهان ڇڄ ڏيئي ماڻ ڪرايو، پر آهستي آهستي هن ۾ ڪوس ڦٽائي وڌندي، ڪڏهن هو بي سبب ٻ روئڻ لڳندو، ان وقت توهان هن کي جهنجڻو ڏيندا يا وڃائي ڏيکارينداته هن جو ڌيان جهنجهٽي ڏانهن ويندو، ٿوري دير لاءِ دل وندري ويندیس، پر وري اهو ئي عمل توهان بار بار ڪندا رهندا. ٻار جيئن وڏو ٿيندو راندیکا بدلجي ويندا، تان جو ٻار پنجن ڇهن سالن جو ٿيندو ته وري سائيڪل، ڪمپيوٽر گيم، بازار جون شيون، ٽيبليٽ، ڪپڙا، جوتا وغيره کيس ڪپن، جيڪي سندس دل وندرائيندا رهندا. 1980ع ڪان اڳ ٻارن کي نانيون، ماسيون، ڏاڏيون، ڏاڏا آکاڻيون ٻڌائي دل وندرائيندا هئا، ٻار ڪڏهن ڪاڏي جي شيءِ مان دل وندرائيندو هو، ڪڏهن وري عيد براد تي خرچي ونڊي خوش ٿيندو

هو، تان جو ٻار وڏو ٿيندو ويندو، راندیڪا بدلجندا ويندا. هاڻي سنگت ۾ کپي، گهمڻ ڦرڻ ۾ کپي، خرچي وڌيڪ کپي، هوڏانهن وري مائٽن جي زندگيءَ جو رومانس ۾ اهو ئي آهي، ٻارن جو زندگيءَ ۾ هئڻ، انهن جون اميدون ڏسڻ، بس زندگيءَ جي اها ئي ڪرت رهندي آهي.

هاڻي ٿورو سوچيو. ٻار ڇا راندیڪي لاءِ پيدا ٿيو هو؟ بلڪل نہ: ته پوءِ رُنو ڇو؟ ڇا راندیڪي لاءِ رُنو ٿي؟ بلڪل نہ، ته پوءِ آخر ٻار رنو ڇو! راندیڪي سان چپ ڇو ٿي ويو؟ انهيءَ جو جواب سادو آهي ته ٻار پنهنجي مرضيءَ سان پيدا ڪونہ ٿيو آهي، نہ وري ڪو پنهنجو جوهر ڪٽي پيدا ٿيو آهي، نہ وري جيئڻ جو مقصد طئي ٿيل اٿس. هاڻي پيدائش کان وٺي بس کيس دل بهلائڻي آهي، کيس پنهنجو ڏيان هٽائڻو آهي، نہ ته بوريت پيدا ٿيندي، اڪتاهٽ ٿيندي، گهبراهٽ ٿيندي، هاڻي ٿوري دير لاءِ سوچيو، جهڙي طرح ٻار بهلائڻ لاءِ ڪنهن راندیڪي جو سهارو ورتو، بلڪل اهڙيءَ طرح اسان هر روز پاڻ کي بهلائڻ لاءِ مختلف ڪمن ڪارين جو سهارو ونون ٿا، رشتن ناتن جو سهارو ونون ٿا، رواج رسمن جو سهارو ونون ٿا، حقيقت ۾ ڪنهن ۽ شيءِ يا ڪنهن ۽ ڪم، رشتي ۽ رواج سان اسان جو ڪو ۽ واسطو ناهي. يعني انهن سيني ڪمن سان اسان جو ڪو حقيقي رشتو ناهي، پر اهو رشتو اسان جوڙيون ٿا، بس اهو ئي جيڪو رشتو اسان جوڙيون ٿا، جيڪو تعلق اسان ڳنڍيون ٿا، اهو رومانوي رشتو يا تعلق آهي، يعني ڪوبہ تعلق خود دلچسپي وٺي جوڙيون ٿا، اهو رومانوي آهي. هاڻي اسان چئي سگهون ٿا ته رومانويت اها قوت آهي، جيڪا پنهنجي آس پاس سان رشتو جوڙڻ ۾ مدد ڪري ٿي. اها قوت ئي جوش حيات آهي، نہ ته دنيا سان انسان جو ڪوبہ حقيقي تعلق ناهي، ڇو ته اسان ڪنهن طئي ٿيل ڪم لاءِ پيدا ئي نہ ٿيا آهيون. اسان پاڻ کي جوڙي رکيو آهي، پنهنجي آس پاس سان رشتو جوڙي رکڻ رومانوي قوت وسيلي ئي ممڪن آهي. زندگي پل پل جيئڻ جو نالو آهي، ان لاءِ هر لمحي پنهنجو رشتو ڪنهن ماڻهوءَ، شيءِ، واقعي،

رشتي، فطرت، نظريي سان جوڙڻو پوي ٿو، اهو شعوري يا لاشعوري ڪرڻو پوي ٿو، نہ تہ ماڻهو مڪمل ويڳاڻو، اڪيلو يا بي يار و مددگار ٿي پوندو. هاڻي سوچيو هڪ ماڻهو صبح جو بستري تان اٿي چو ٿو؟ ڪا تہ دلچسپي هجيس، چو اُٿي برش ڪري، چو نيرن ڪري، چو ڪم تي وڃي، جي ڪا دلچسپي نہ هجيس، تہ پوءِ ستو ئي رهي، پر سمهي بہ چو؟ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ بغير دلچسپيءَ جي جيئي بہ چو؟ بس اها دلچسپي ئي آهي جو هو صبح سوير اٿي وهنجي سهنجي، ڪٽيون ڏيو ٻاهر نڪري ٿو. مطلب ماڻهوءَ کي سڄي زندگي پاڻ کي بهلائڻو پوي ٿو، راندیڪا بدلجندا رهن ٿا، دلچسپيون بدلجنديون رهن ٿيون، پر پاڻ کي پرچائڻو پوي ٿو، زندگيءَ جو فطرت، سماج ۽ ماحول سان رشتو صرف رومانوي آهي، حقيقي ناهي. پڳت ڪنورام جي ڳايل سيد سليمان شاهہ جي ڪافي بلڪل انهيءَ تي نهڪي ٿي اچي:

ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرچايان توکي.
ڈس کو ڈانءُ.

انهيءَ ڪري هائيڊيگر چيو هو تہ:

Man is not the lord of being Man is Shepherd of being

رومانويت جي رشتي ۾ تاريخي رشتي جو وڏو عمل دخل آهي، تاريخي رشتي مان مراد اهو رشتو آهي، جيڪو اسان وقت گهاريون ٿا، ڪنهن جڳهہ، ڪنهن ماڻهوءَ سان، ڪنهن جانور سان، ڪنهن رشتيدار سان وغيره. هتي هڪ مثال ڏيئي توهان کي سمجهائيندس، ڪنهن ماءُ جو ٻار جمڻ کان پوءِ ٻن ٽن ڏينهن ۾ مري وڃي ٿو، ٻيو ٻار ڏهہ سال زنده رهي پوءِ مري ٿو، ماءُ ڪهڙي ٻار لاءِ وڌيڪ روئندي؟؟ يقيناً ڏهن سالن واري ٻار لاءِ وڌيڪ روئندي، چو تہ هڪ ٻار سان صرف ٻن ڏينهن جو تاريخي رشتو هو، پر ڏهن سالن واري سان ڏهن سالن جو تاريخي رشتو قائم رهيو. وري هڪ ٻيو

مثال ڪنهن ماڻهو کي اسپتال وارا چون ٿا ڏهه سال اڳ تنهنجو ٻار بدلجي ويو هو، جنهن کي تون پنهنجو پُٽ سمجهين ٿي، اهو تنهنجو ناهي، اهو ڏئي ٻيو ٻار وني وڃ. توهان سوچيو ماڻهو ڇا چوندي؟ ماڻهو چوندي ڪجهه به هو، پر هي ٻار آئون واپس نه ڏيندس. انهيءَ کري ماڻهو واپس نه ڪندي، چوجو ان ٻار سان سندس تاريخي رشتو نهي چڪو آهي، جيڪو هڪ وڏو رومانٽڪ رشتو آهي، اهڙيءَ طرح ڪنهن جڳهه ۾ توهان رهندا هڻا يا نندپڻ ۾ اتي ويندا هڻا، 20 سالن کان پوءِ جڏهن توهان انهيءَ جڳهه تي ويندا ته توهان ان جڳهه کي جذباتي ٿي ڏسندا. ڪو نندپڻ جو دوست ملي وڃي يا ڪو پراڻو دوست ملي وڃي، توهان ان سان وابسته هوندا. اهڙيءَ طرح توهان ڪنهن پراڻي ڏڪ يا سڪ سان رومانوي طرح وابسته آهيو، بلڪل پنهنجي محبوب سان به اهڙي تاريخي رشتي سان وابسته آهيو، تاريخي رشتو صرف ڏسڻ يا ملڻ سان وابسته ناهي، بلڪ تصور يا خوابن ۾ ڏسڻ سان به نهي ٿو، يا ذڪر ڪرڻ سان به آهي.

رومانوي رشتا نهندا به آهن، ڌهندا به آهن، لازمي ناهي ته هميشه رشتي جي نوعيت هڪجهڙي هجي. هڪ رشتي مان موهه گهٽجي ويندو وري ٻئي ۾ پيدا ٿيندو، پر زندگي پاڻ کي رومانس سان جوڙيندي رهندي، اهائي زندگي آهي، پر جنهن وقت هڪدم رشتن مان موهه گهٽجي وڃي، ڪنهن به شيءِ سان پاڻ پرچائي نه سگهجي، ته پوءِ ماڻهو اڪيلو ٿيندو ويندو، نه ماڻهن سان موهه، نه شين سان، نه پاڻ سان. نتيجو اهو نڪرندو جو ماڻهو ڊپريشن جو شڪار ٿي پوندو، ڪيس ڪابه شيءِ ناهي وٽندي، بس اهو وقت آهي، جو ماڻهو مايوس ٿي خودڪشي به ڪري سگهي ٿو. نفسياتي طور ڊپريشن جو مطلب ئي اهو آهي ته ماڻهوءَ مان رومانوي قوت ختم ٿي وڃي. انهيءَ کري ڊاڪٽر چوندا آهن ته ڊپريشن مان نڪرڻ لاءِ خوشي ملهايو، دوست ناهيو، کل خوشي ڪريو، تخليق ڪريو، پيار ڪريو، گهمو ڦرو، مطلب کا دلچسپي پيدا ڪريو، انهيءَ لاءِ اڇڪلهه

دوائون ۽ اچي ويون آهن جيڪي دماغ ۾ هٿرادو سيروٽنن پيدا ڪري مودِ ناهن ٿيون، پر جيئن گاڏيءَ کي ڏکو ڏجي، پوءِ خود چالو ٿي وڃي ۽ هلي وڃي. ڊپريشن جو مطلب اهو ۽ آهي ته رومانوي ڪرت وڌايو، کي ڪارناما ڪريو، پاڻ کي ڳولي لهو، ڊپريشن جو مطلب اهو ۽ آهي ته توهان جو رومانس ڪافي ناهي، اڃا وڌايو. جيڪڏهن مڪمل رومانس ختم ٿي وڃي ته ماڻهو چريو يا نروس بريڪ ڊائون يا وري خودڪشي ڪندو. بنيادي طور سان ماڻهو جو هن دنيا ۾ ڪير ۽ ناهي، سندس هتي ڪا ۽ سجاڻپ ناهي، سيڪجهه نئون ۽ ڏاريو آهي، پوءِ انهن مان ڪنهن سان اُنسيت ٿئي ٿي، ڪنهن سان رشتو جُڙي ٿو، ڪنهن سان پيار ٿئي ٿو. عام طور سان ماڻهو رومانس مان مطلب پيار محبت يا جنسي ڪرت جو ونندا آهن، اصل ۾ رومانويت جو تعلق تخيل سان آهي، ڪنهن اڻ ڄاڻ دنيا کي ڄاڻڻ سان آهي، عدم کي موجود ڪرڻ سان آهي، انهيءَ کري ڪنهن سان نينهن جو ناتو جوڙڻ جو بنيادي تعلق پنهنجي اندر جي خالي پڻي سان آهي، جيڪو رومانوي سطح سان اعليٰ ترين رشتو آهي. ڇو ته رومانوي تعلق بنيادي جوهر ناهي، انهيءَ کري ڪنهن ۽ وقت رومانوي رشتو ٽٽي سگهي ٿو.

رومانويت ۽ نفسيات

رومانويت جي قوت گهٽ ٿي ته ماڻهو ڊپريشن جو شڪار ٿي پوندو، ذهني دباءَ (anxiety) ۾ هليو ويندو. ماڻهو جي نفسيات ۾ شعور جو عمل دخل تمام وڏو هوندو آهي، ڇو ته ماڻهو پنهنجي ماحول جي اثر جو رد عمل ڏيکاريندو آهي. سندس جذبن جي اُتل پٽل ۽ ٿئي ٿي، انهيءَ کري انسان جو مسئلو شعور آهي، پنهنجي هئڻ جو شعور، پنهنجي محروميءَ جو شعور، پنهنجي سک ۽ ڏک جو شعور، انهيءَ کري ماڻهو کي پاڻ سان ٻين کي جوڙي رکڻو

آهي، جانور صرف پنهنجي نفس جي بنياد ۽ ماحول جي بنياد جي وهڪري ۾ جيئندو آهي. هيگل چيو هو تہ: شعور هڪ زنده فطرت آهي، جنهن کي پنهنجي هئڻ جو شعور آهي، جيڪا پنهنجي بچاءَ جي لاءِ بيشعوري فطرت سان هم مقابل آهي. جانور وٽ شعوري رومانس جو تصور ناهي، هو اڪيلو آهي، يا هن کي ٻين سان رشتو جوڙڻو آهي، اهو هو شعوري طور نہ ڪندو آهي، پر جبلت طور ڪندو آهي، جانور وٽ موت جو شعوري تصور هائڊيگر وارو تصور ناهي، انهيءَ ڪري هو ڊپريس نہ ٿيندو آهي. نفسياتي مريض نہ ٿيندو آهي، پر انسان وٽ موت جو شعوري تجربي جو تصور موجود آهي، تنهن ڪري کيس دهشت، بوريت واري ڪيفيت مان گذرڻو پوندو آهي، ان لاءِ هن کي رومانوي رشتو جوڙڻو پوي ٿو. سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ، ڇا ماڻهو رومانويت ذريعي ڏک کان بچي سگهي ٿو؟ وجود جا ٻہ پاسا آهن هڪ خالي پڻي سان پريل، ڏک ۽ چڪر ۾ گهمندڙ وجود، ٻيو پريل ستو گهمندڙ وجود. جيڪڏهن وجود شعوري طور سجاڳ آهي تہ خالي پڻي ۽ ازلي واهياتپڻي سان ضرور همڪنار ٿيندو. ان وقت رومانس هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو، جيڪو پل پل جيئڻ سان جوڙي ٿو، وجود کي ماحول سان جوڙي ٿو. يعني وجود ۽ خارجيت کي جوڙڻ واري قوت رومانس آهي، اها قوت قدرتي طور فرد ۾ موجود هوندي آهي، جيڪا تمام گهڻي مايوسي، محرومي، ڏک، بيڪاريت، اڪيلائي، بوريت ۽ دهشت سان گهڙجي سگهي ٿي.

وجودي فڪر جو نفسياتي جائزو

وجوديت جو بنيادي نڪتو اهو آهي، انسان لامحدود ڪائنات ۾ اڪيلو آهي، هن کي ڪابہ خبر ناهي تہ هن وشال ڪائنات ۾ هو ڪٿان آيو آهي ۽ ڪيڏانهن ويندو! وجود جو بنيادي نڪتو جوهر کان پهرين وجود کي اهميت ڏئي ٿو، وجوديت بنيادي طور فطري صورتحال آهي، جنهن کي مختلف نظرين، مذهبن جي لباس ۾ ويڙهي تاريخ ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

وجوديت انسان ۽ خدا جي رشتي کي طئي ڪري ٿي، ڇا هي سنسار حقيقي آهي؟ تصور، خيال ۽ حقيقت ۾ ڪيترو فرق آهي؟ ڪائنات جو بنيادي محرڪ سگهہ آهي يا مادو؟ خدا لامحدود تصور آهي، جيڪو ماڻهو عقلي طور جهڻي نٿو سگهي. وجودين جو خيال آهي تہ اهو تصور هڪ ئي آهي، جيڪو وجود جي روپي سنسار ۾ موجود آهي، سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا روپي سنسار جي پٺيان ڪجهہ آهي؟ اتان وجوديت بن حصن ۾ ورهائجي وڃي ٿي؛ هڪ ديني وجوديت ٻيو لاديني وجوديت. ديني وجوديت جي مطابق ڪائنات جو روپ وجود جو ڪثرتي روپ آهي، جنهن جي وحدت هڪ ازلي ۽ آخري سچ آهي، جيڪو خدا آهي، يعني انسان هڪ ازلي وجود جو ڪثرتي روپ آهي، جيڪو حقيقي وجود کان وڇڙيل جُز آهي، يعني زندگي هڪ وچوڙو آهي، جيئن آدم عليہ السلام کي زمين تي پنهنجي گناهہ جي سزا پوڳڻ لاءِ اڇلايو ويو، جنهن مطابق زندگي هڪ سزا آهي، انسان پنهنجي گناهن جي معافي ونڊي بخشرائي تہ ڪيس جنت ملندي، هندو مت ۾ بہ انسان جنم جنم ڪان سزا پوڳي رهيو آهي، هن جا ڪرم ئي ڪيس جنم جي چڪر کان مڪت ڪري سگهن ٿا.

لاديني وجوديت ۾ انسان جو جوهر ناهي، ڪو بہ وجود

پنهنجي وجود جو سامهون ڪري، پوءِ وقت بہ وقت پنهنجو جوهر ناهيندو رهندو آهي، پر ڇو تہ جوهر ناهي، انهيءَ ڪري جيڪو جوهر ماڻهو پنهنجو ناهي ٿو، اها خود فريبي آهي، پاڻ کي دوکو آهي، پر مجبوري اها آهي تہ جي پاڻ کي دوکي ڏيڻ جي صلاحيت نٿو رکي، تہ کيس ڊپريشن ۾ مبتلا ٿيڻو پوندو يا چريو ٿيندو، ڇو تہ جوهر طئي ٿيل ناهي، انهيءَ ڪري هر عمل مان آخر ماڻهو بور ٿي پوي ٿو، هر شيءِ مان آخر واهياتپڻو ظاهر ٿيو پوي، انهيءَ ڪري هر عمل بي تڪو ٿيو پوي، ماڻهو هر لمحي جيئڻ لاءِ ڪا نہ ڪا چونڊ ڪري ٿو، جي چونڊ نٿو ڪري تہ اها بہ سندس چونڊ آهي، انسان بي وس ءِ لاچار آهي.

سارتر هن سلسلي ۾ انسان کي آزاد قرار ڏئي ٿو، سندس خيال هو تہ انساني فطرت جهڙي ڪابہ شيءِ ناهي. هو چونڊ جي عمل ۾ آزاد آهي، پر هن دنيا جي دائري مان ڪيڏانهن ٻاهر پيڃي نٿو سگهي، سندس آزاديءَ کي متاثر ڪرڻ وارو صرف ٻئي جو وجود آهي، انهيءَ ڪري "ٻيو ماڻهو جهنم آهي"، هن جو وجود هڪ خال آهي، جنهن ۾ هر لمحي چونڊ واري عمل سان پرٽو آهي، پر اهو خال پرجڻو ناهي. هاڻي غور سان ڏسنداسين تہ وجوديت دنيا جو پراڻو ءِ فطري فلسفو آهي، جيڪو اوپر ۾ مذهب اندر صوفي مت جي روپ ۾ظاهر ٿيندو رهيو آهي، پر يورپ ۾ جديد وجوديت جي روپ ۾ ڪرکي گارڊ کان وٺي سارتر تائين جي فلسفي ۾ ظاهر ٿيندو رهيو آهي. غور سان ڏسنداسين تہ وجوديت ۾ وڏو مسئلو خود وجود طئي ڪرڻ جو آهي تہ آخر وجود جهڙي شيءِ آهي؟ يعني واقعي بہ ڪو وجود موجود آهي؟ يا انسان مادي ظاهريت ۾ صرف هڪ خال ڪٽي هلي ٿو، جيڪو مخصوص زمان مڪان جي ٽانو ۾ پاڻيءَ وانگر آهي، جنهن جو ڪو رنگ ناهي، ڪو ذائقو ناهي، بغير ٽانوءَ جي خلا ۾ وجود نٿو رکي سگهي، وجود جيڪڏهن جسم آهي تہ اهو مختلف جزن ۾ ورهايل آهي. هن ڏرتيءَ جا سيئي عنصر ان ۾ موجود آهن،

وار، جسم، رت، هڏا سڀ ترڪيبي عنصر آهن، جيڪي صرف هڪ ڪمپوزيشن ۾ آهن، جن جو هڪ تناسب آهي، ڪا نئين شيءِ ناهي، جي اهو وجود آهي تہ اهو ڪائناتي عنصرن جو جمع ٿيڻ آهي، جي انسان ۾ ڪا سگهہ آهي تہ اها هر مادي ائٽم ۾ موجود آهي، پوءِ سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ روح چا آهي؟ چا ڪو روح آهي؟ جيڪڏهن ڪو روح آهي تہ اهو ڪٿان آيو آهي؟ ۽ ڪيڏانهن ويندو؟ ان روح جي ڪا الڳ دنيا آهي؟ مطلب تہ وجود جي ڪا وصف ناهي، انهيءَ سلسلي ۾ ڪا ڳالهہ سلجهيل يا منطقي ملي ٿي تہ اها صوفين جي آهي، تہ روح ڪنهن ازلي وحدت جو جز آهي، ان جو ڪثرتي روپ انهيءَ وحدت کان وڇڙيل آهي، پر سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ انسان انهيءَ عمل مان ڇو گذري ٿو؟ ڪو منطقي جواب نٿو جُڙي، تنهن ڪري مذهبي وجوديت يا لاديني وجوديت هڪجهئي کان مختلف ناهن. نفسياتي طور اهڙو بي تڪو وجود جنهن جو ڪو منصب ناهي، ڪا منزل ناهي، هڪ سفر ڪندي فنا ٿي وڃڻو آهي، اهڙو تصور ماڻهو ۾ وجودي وارداتون ايارِي ٿو:

1. بوريت
2. موت جو خوف
3. ابسرڊٽي
4. دهشت
5. مايوسي
6. بيڪاريت
7. اڻ ڄاتل خوف
8. ڪراهت

وجودي وارداتون اهي ڪيفيتون آهن، جيڪي هر انسان ۾ لازمي طور پيدا ٿين ٿيون، تنهن ڪري وجودي نفسيات جو هڪ اهم باب ڪلي ٿو. هي اهي ڪيفيتون آهن جيڪي وقتي طور تہ هر ماڻهو ۾ ٿين ٿيون، پر جي وڌيڪ وقت ماڻهو انهن جو شڪار رهي

ته پوءِ نفسياتي خلل پيدا ٿيندو، کيس خوشي محسوس نه ٿيندي، خود کشي ڪرڻ چاهيندو، يا چريو ٿي پوندو. وجوديت جي انهن ڪيفيتن تي ماڻهو زندگي ڏانهن موٽي ٿو، جو سنگت جوڙڻ، رواج رسم، گهمڻ ڦرڻ، محبت، جنسي مزا، تخليق ڪرڻ، سجاڻپ پيدا ڪرڻ، شهرت حاصل ڪرڻ وغيره سڀ اهي عمل آهن، جن ۾ ماڻهو وجودي وارداتن کان پڄي پناهه وٺندو آهي، پر وجودي پاڻ ٻهلائڻ ۽ ڪوڙا دلاسا ڏيئي آخر ٽڪجي پوي ٿو، وري ڪوڙ جو سهارو وٺڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. انهيءَ ڪري البرٽ ڪاميو چيو هو:

"Fiction is the lie through which we tell the truth"

تخليق اهو ڪوڙ آهي، جنهن ذريعي سچ کي سمجهي سگهجي ٿو. تخليق تخيل جي قوت سان پريل آهي، تخليق جي ذريعي ماڻهو تخيل جي نئين دنيا ۾ داخل ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري جيئن تخليق ڪري ٿو ته ماڻهوءَ جي مرٽينگ شخصيت کي قرار ملڻ شروع ٿئي ٿو، چو ته هو اندر جي دٻيل خواهشن جو اظهار ڪري 'ڪيٿارسسز' ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح وجودي وارداتن مان جند ڇڏائڻ جو موقعو مليو وڃي. انسان هڪ عجيب جيو آهي، جنهن جي ڪا معروضي منطق ناهي، هن جي طبيعت جا هزارين پاسا آهن، تنهن ڪري سندس هزارين ڪيفيتون آهن، هن کي شعور جي قابو ۾ آڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، انسان جي مزاج کي مڪمل ڪير به نٿو سمجهي سگهي، ايتري قدر جو پنهنجو پاڻ کي به نٿو سمجهي سگهي، چوته هن وشال ڪائنات ۾ انسان زمان و مڪان ۾ قيد وائڙائپ جو شڪار آهي. علم، ڄاڻ، سمجهه، ويچار سڀ جزوي ۽ مادي آهن، انسان شعوري طور هڪ دائري ۾ سوالیہ نشان آهي، هن ڳالهه جي سمجهه گهٽن ساڃاهه وندن، سماج وادن، ترقي پسندن، اميد پرستن جي دائري ۾ نٽي اچي ۽ اهي سوال انهن جي سوچ ۾ اچن ئي نٿا، چو ته وجودي شعور، عملي طور انهن ڪيفيتن مان گذرڻ کان پوءِ حاصل ٿئي ٿو،

تنهن ڪري پوڳنا، ڏک، بي انتها وجودي ہڏتر ۽ احساس جي حد پار ڪندڙ اڪيلائي جي ڪيفيت جيستائين ماڻهو نٽو پوڳي هن وٽ وجود جو سوال اپرندو ئي ڪونہ. !!

ڏيڪاريس گُوندر گس پِرينءَ جو،
سونهائي سُورن، ڪي هيڪاندي هَوت سِين.

هاڻي سيئي ڏک يا سيئي سک انسان لاءِ نہ تہ هاجيڪار آهن نہ وري سک سلامتي لاءِ آهن. اهي زندگيءَ کي ڏونڊاڻين ٿا، جهنجهوڙين ٿا، ان وقت توهان ريسٹ زون يعني سکون واري حالت مان نڪري ڪا جدوجهد ڪريو ٿا، يقينن اهو وقت ڏکيو ضرور آهي، ان وقت ماڻهو پريشان ضرور ٿئي ٿو، پر جڏهن جفاڪشيءَ کان پوءِ ڪاميابي ملي ٿي، تہ هڪ عجيب سُرور ۽ خوشي ملي ٿي، جيڪا زندگيءَ کي وڌيڪ سگهارو ڪري ٿي.

جيڪڏهن مڪمل زندگيءَ جي حالت ۽ مطلب کي سمجهيو وڃي تہ مايوسي ٿيندي. تنهن ڪري جيڪڏهن مڪمل شعوري طور زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪبي، تہ انتها جي ڏکيائي ٿي پوندي، بلڪل ائين جو توهان ساهہ شعوري طور ڪٽڻ شروع ڪريو تہ ٿوري دير ۾ ٽڪي پوندا، بيزار ٿي پوندا، اهڙيءَ طرح زندگي جبلت طور خود ڪار پنهنجو پاڻ گذرندي آهي، جنهن ۾ ڏک ۽ سک ايندا رهندا، پر وجودي ڪيفيت شعوري طور هوشيار بنائي ڇڏي ٿي، مشڪل ان وقت اچي ٿي، جو ماڻهو سوچڻ لڳي ٿو تہ جيئڻ ۾ ڪو وقفو ناهي، ڪٽي ٽڪ پيڻ جي جاءِ ناهي، مسلسل جيئڻ ڪيڏو ٽڪائيندڙ عمل آهي، اهو ئي وقت آهي جڏهن شاهہ لطيف چوي ٿو:

اَلا! ڏاهِي مَ ٿِيان، ڏاهِيُون ڏُک ڏِسَن،
مُون سَان مُون پِرين، يَورائِي ۾ يَالَ ڪَيا!

خوشبو، رنگ ۽ نفسيات

ڪنهن به بوءَ جو ۽ رنگ جو تعلق سڌو سنئون جنس سان آهي، وري هر انسان جي جسم جي پنهنجي به خوشبو آهي، انسان جي هڪ حس جيڪا سنگهڻ جو حواس آهي، تنهن جو تعلق مودِ سان جڙي ٿو، جيئن ڪنهن گوڙ گهمسان، گرمي ۽ ناخوشگوار ماحول ۾ ماڻهو جو ڏيان جنس ڏانهن نه ويندو، بلڪل ائين ڪنهن خوشگوار ماحول، گلن جي سرهاڻ ۽ نويڪلائيءَ واري ماحول ۾ ڏيان جنس ڏانهن ويندو، انسان جو تعلق جنس ۾ جانور کان مختلف صرف 'لبيڊو' جي ڪري آهي، لبيڊو چوتہ جنس جي ذهن ۾ نمائندگي ڪري ٿو، ان ڪري جنس ماڻهو جي محسوسات، سوچ ۽ ماحول سان جڙيل آهي، جنسي اشتها ماڻهو جي لاشعور ۾ موجود آهي، دنيا ۾ هاڻ خوشبو تي تمام وڏي ريسرچ ٿي آهي، جنهن ۾ اهو اندازو لڳايو پيو وجي تہ ڪهڙي خوشبو مرد کي جنسي اشتها ڏيندي ۽ ڪهڙي خوشبو عورت ۾ جنس جاڳائيندي، انهيءَ ڪري مارڪيٽ ۾ اهڙيون خوشبوئون اچي چڪيون آهن، انسان جي جنس جو خوشبو سان تقريبن 30 سيڪڙو تعلق جڙي ٿو، ڪنهن به ماڻهوءَ ۾ جيڪڏهن خوشبو سنگهڻ جو احساس ناهي يا سندس اهو حواس ڪم نٿو ڪري تہ پوءِ سمجهو تہ اهو ماڻهو 30 سيڪڙو نامرد يا جنسي طرح سرد آهي، هاڻي اسان غور ڪنداسين تہ هر جسم جي پنهنجي خوشبو ٿيندي آهي، وري هر خاندان، قوم، نسل جي پنهنجي پنهنجي خوشبو ٿيندي آهي. هر ماڻهو جي مزاج مطابق خوشبو سان سندس سيڪس جڙي ٿو. خوشبو لاشعور ۾ جنس جي نمائندگي ڪندي آهي، ڪنهن به خوشبو سان وابستہ ياد انهيءَ وقت بيدار ٿي پوندي آهي، جڏهن ان جهڙي ڪا به خوشبو سنگهڻ ۾ اچي، مثال توهان جي لاشعور ۾ توهان جي پار جي خوشبو وينل آهي، ان وقت توهان کي پنهنجو پار

ياد ايندو، جڏهن توهان کي ان جهڙي خوشبو کٽي ٻه سنگهڻ لاءِ ملي. اهڙيءَ طرح دنيا ۾ پيار جي ياد جو تعلق ٻه انهيءَ خوشبو سان آهي، عام طور تہ جانورن ۾ جڏهن جنسي ميلاپ جو وقت ايندو آهي تہ ان وقت انهن مان هڪ خاص قسم جي خوشبو نڪرندي آهي، ان خوشبوءَ پنڌيان نر چتو ٿي مادي پنڌيان لڳندو آهي، پر چو تہ اهو عمل صرف جبلت جي تحت آهي، انهيءَ ڪري انهن جي شعور ۾ اها ڳالهہ ياد ناهي هوندي، پر لاشعوري طور جانور ۾ خوشبو جو احساس موجود هوندو آهي، اسان ائين چئون تہ تحت الشعور يا قبل شعور جانور ۾ نہ ٿيندو آهي، جنهن کي جانور مرضي سان ياد ڪري سگهي.

انسان جو خوشبو وارو اهو عمل جسماني کان وڌيڪ شعوري آهي، تنهن ڪري شعور ۾ اهو احساس پيدا ٿيندي ئي يا ذهن ۾ اهڙي خوشبو جو تاثر ايندي ئي انسان ۾ سيڪس اُبري سگهي ٿو. اڪثر اهڙا جاننا جوان مرد ٻہ عورتن کي نہ وٺندا آهن، جن جي خوشبو عورت کي نٿي وٺي، بلڪل اهڙيءَ طرح خوبصورت عورتون ٻہ مرد لاءِ ڪشش جو ذريعو نہ بنجي سگهنديون آهن، جن جي خوشبو مرد کي نہ وٺي، پر اهو عمل لاشعوري ٿيندو آهي، جنهن جي خبر نہ پوندي آهي. هاڻي هر عورت ۽ مرد جي خوشبو جو احساس الڳ الڳ آهي، تنهن ڪري اهڙا شادي شده جوڙا جيڪي بي سبب نٽا نهن، انهن جو تعلق خوشبو سان ٻہ آهي، ٿي سگهي ٿو، ان مرد جي خوشبو، ان سان ملندڙ عور ت کي ناگوار گذرندي هجي، يا وري عورت جي خوشبو مرد کي ناگوار گذرندي هجي. اهڙي صورت ۾ انهن جوڙن جو پريم اڌورو رهجي وڃي ٿو، هنن کي ميلاپ ۾ ڪا آسودگي نہ ملندي، وري ان جي ابتڙ جنهن مرد يا عورت کي هڪٻئي جي خوشبو وٺي ٿي، اهي هڪٻئي جا ديوانا ٻہ ٿي سگهن ٿا. اسان وٽ خوشبو جي ياداشت جو هڪ ٻيو ٻہ طريقو آهي، مثال جنهن مرد کي ڪنهن عورت سان پريم آهي، هو ان جو ديوانو آهي،

تہ هو جڏهن بہ ان عورت سان ملندو، ان جي خوشبو هن کي مست کندي، وري اها خوشبو هن جي لاشعور ۾ ويهي رهندي. جيڪڏهن ڪٽي بہ اهڙي خوشبو ملي تہ هو ان عورت کي ياد ڪندو. بلڪ ائين بہ ٽي سگهي ٿو تہ هو ان خوشبو جو عادي هجي سندس ذهن ۾ اهڙو ويهي وڃي، جو ڪنهن بہ بي عورت سان ملڻ کان پوءِ هن کي اها آسودگي نہ ملي.

دنيا ۾ مختلف رنگ نسل جا ماڻهو آهن، مثال اسان کي يورپي ماڻهن مان ڏپ ايندي، يا چيني ماڻهن مان ڏپ ايندي، چو تہ اسان انهن جي خوشبو جا عادي ناهيون، پر هنن کي ٽي سگهي ٿو تہ اسان ماڻهن مان ڏپ ايندي هجي. اڇڪلهہ گلوبل وليج جي تصور کان پوءِ ماڻهن جي غذا، ماڳ مڪان، آبهوا، ميل ميلاپ وڌي رهيو آهي، تنهن ڪري نسلي طور خوشبو يونيڪ ٽي رهي آهي، ٽي سگهي ٿو اسان کي هڪ صديءَ کان پوءِ انهن ماڻهن مان ڏپ نہ اچي.

خوشبو جو تعلق وقت سان بہ آهي، مثال شام جي خوشبو الڳ آهي، رات جي خوشبو الڳ آهي، يورپ ۾ ماڻهو عام طور صبح جو خوشبو ڪونہ هڻن، هو صرف شام يا رات جو خوشبو استعمال ڪندا آهن.

تاريخ ۾ اهڙا ڪيترا واقعا ٿيا آهن، جن ۾ ڪنهن مرد ڪنهن عورت جا پيل ميرا ڪپڙا سونگهيا تہ ان جي خوشبو تي مست ٿي پيو، ان عورت جي ڳولا شروع ڪري ڏني، پرپٽ ان تي عاشق ٿي پيو.

تنهن ڪري پرفيوم، عطر يا ڪابہ خوشبو لڳائڻ کان اڳ اهو ضرور ڏسي ونجي تہ اهو وقت مطابق آهي يا نہ؟ مرداڻو آهي يا زنانو، سندس دوستن يا جيون ساڻي کي وڻي ٿو يا نہ؟ ڏنو وڃي تہ عورت يا مرد جي جسم جي پنهنجي خوشبو ئي بهتر هوندي آهي، تنهن ڪري عام طور سان گهمڻ ڦرڻ تہ نيڪ آهي، باقي ميلاپ لاءِ پرفيوم استعمال نہ ڪجي، ها البتہ جيڪڏهن ڪنهن ساڻيءَ جي بوءِ

ناخوشگوار هجي تہ پوءِ هترادو خوشبو جو استعمال ضروري آهي.

رنگ بہ اهڙيءَ طرح سان انساني نفسيات جو اهم جزو آهي، جيڪو انساني مودِ سان تعلق رکي ٿو. هر سماج ۾ هر رنگ جون علامتون ٺهيل آهن، مثال اسان وٽ ڪارو رنگ غم جي علامت آهي، پر جي اهو غم حسين رضي الله عنه جو هجي تہ ڪارو رنگ پاڪيزگيءَ جي علامت بنجي وڃي ٿو، ان ڪري گهٽا ماٺهو ڪارو رنگ صرف محرم ۾ پائيندا آهن، پر ڪارو رنگ نظر بد کان بچائڻ جي بہ علامت آهي، يا وري ڪوجهائپ جي بہ نشاني آهي، اڪثر ماٺهن کي رات جي اونداهي نہ وٽندي آهي، ان ڪري ڪارو رنگ بہ نہ وٽندو آهي، ڪارو رنگ چو تہ انداهي جو رنگ آهي، تنهن ڪري مايوسي، ڏک، غم، ظلم، نا انصافي جي بہ علامت آهي، پر ڪارو رنگ جنسي طور اشتها جي علامت بہ آهي، چو تہ ڪارو رنگ گرمي پاڻ چڪي ٿو، يعني رنگ قوت باهہ جي بہ علامت آهي، دنيا ۾ جتي گهٽي گرمي ٿئي ٿي، اتي ماٺهن جو رنگ ڪارو ٿيندو آهي، جنهن ڪري آفريڪا جو نسل ڪارو ٿئي ٿو، دنيا ۾ دراوڙي نسل جو رنگ وري سانورو ٿئي ٿو، سانورو رنگ ۽ جسم جا نقش جيترا دراوڙي نسل ۾ وٽندڙ آهن، اوترا ڪنهن بہ نسل ۾ ناهن، سانورو رنگ جنسي طور اشتها ڏياري ٿو، چو تہ سانورا رنگ جا دراوڙي اڪثر دريائن جي ڪپن تي رهيا، سندن ڪاڌي ۾ مڇيءَ جو استعمال گهڻو رهيو، انهيءَ ڪري دراوڙي نسل جنسي طور وڌيڪ سگهارو آهي، اسان وٽ سنڌ ۾ مهاڻن جو نسل، اوڏ، ڪولهي، يا ڪجهہ سمات ذاتيون دراوڙي نسل سان وابستہ آهن:

امن لاءِ وڙهو، پيار لاءِ وڙهو
يار ڪاراڻ آهي، سونهن تي بہ اجا.

ڳاڙهو رنگ

ڳاڙهي رنگ جا ڪيترائي قسم آهن، ڪڪو، پنيو، ريٽو، لال، وغيره. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو پسنديده رنگ ڳاڙهو هو، هو پنهنجي محبوب کي به ڳاڙهو چئي ٿو:

آ لالڻ موتي گهوريا رسڻ ڏينهڙا،

يا وري پاڻ کي به ڳاڙهي رنگ سان تشبيهه يا استعاري طور استعمال ڪري ٿو:

لالئون لال لطيف چئي.

حضرت قلندر شهباز به پاڻ کي لال شهباز قلندر سڏائيندو هو. پنجاب ۾ ماڻو لال آهي.

ڳاڙهو رنگ رت جو رنگ آهي، جنهن ڪري رت زندگي، تحرڪ، حرارت، سيڪس جي معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي، تنهن ڪري انقلابين جو پسنديده رنگ ڳاڙهو آهي، سنڌ ۾ ڳاڙهي رنگ جي تمام وڏي اهميت آهي، ڳاڙهو گهوٽ، ڳاڙهي ڪنوار جو اصطلاح عام آهي:

ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهن مڑهه مقام ۾ (شاهه)

سيج جو رنگ ڳاڙهو هوندو آهي، ڪنوار کي ڳاڙها ڪپڙا پارايا ويندا آهن، ڳاڙهي ميندي هٿن تي هنئي ويندي آهي، ڳاڙهن گلن جا هار پارايا ويندا آهن.

وري هوڏانهن اجرڪ جي رنگن ۾ زياده ڳاڙها رنگ هوندا آهن، مطلب ته سنڌ ۾ رنگن جو هڪ وڏو جهان آهي، جنهن جو نفسيات سان گهرو تعلق آهي.

سنڌ ۾ ڳاڙهو رنگ شاديءَ جي هر عمل ۾ موجود آهي، ان جو مطلب ته جنسي جذبي کي بيدار ڪرڻ ۾ ڳاڙهو رنگ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. خوشيءَ جو رنگ ڳاڙهو آهي، زندگيءَ جو رنگ ڳاڙهو آهي. نفسياتي طور ڳاڙهو رنگ بيدار ڪري ٿو يا وري متحرڪ

ڪري ٿو.

وري ڳاڙهو رنگ رچڻ جي علامت آهي، ڪاميابي جي علامت آهي، پچي راس ٿيڻ جي علامت آهي:

سا ڏيکاريائون جوءِ، جتان لاهوتي لال ٿيو.

ڇا انسان جو بنيادي مقصد طاقت حاصل ڪرڻ آهي؟

الفريڊ ايڊلر جي نفسيات جو جائزو

جهڙيءَ طرح فرائيڊ جي نفسيات جو مرڪز جنس (Sex) آهي، ڇو ته هن انسان جي جوهر کي جنس قرار ڏنو هو، اهڙيءَ طرح الفريڊ ايڊلر انسان جي حرڪت جي بنياد کي طاقت قرار ڏنو آهي. سندس چوڻ آهي ته: انسان هڪ خال آهي، نيستي آهي ۽ هن جي وجود ۾ گهٽتائي آهي ۽ ڪا کوٽ آهي، جنهن ڪري هو هر لمحي ۽ هر گهڙيءَ سڄي عمر طاقت حاصل ڪرڻ جي ڊوڙ ۾ رهي ٿو، پر پوءِ به ان جي وجود جي اها کوٽ ڪڏهن به پوري نٿي ٿئي ۽ نه ئي ان جي طاقت حاصل ڪرڻ واري اها خواهش ڪٽي ختم ٿئي ٿي، ڇو ته ڪا به طاقت سندس وجود جي انهيءَ خال ۽ انهي کوٽ کي پورو نٿي ڪري سگهي، انسان مسلسل هڪ وهڪرو آهي، ڪٽي به روڪ ناهي، ڪا به ساهي نه آهي، پر مسلسل هڪ سفر آهي، تنهن ڪري ڪٽي به مڪمل هئڻ جو احساس رڳو وقتي آهي، پر کوٽ جو اهو احساس ڪل وقتي آهي، ڇاهي ماڻهو هٽلر بنجي وڃي، ڇاهي چنگيز خان يا ڪو ديومالائي ڪردار بنجي وڃي، پر هڪ طاقت کان بي طاقت حاصل ڪرڻ جي ڊوڙ سدائين قائم رهي ٿي، وڏ کان وڏ طاقت ۽ ايجا وڏيڪ طاقت ۽ پوءِ وري نيستي يعني عدم وجود آهي.

الفريڊ ايڊلر، فرائيڊ جو Colleague هو، هن دڀاءَ ۽ لاشعور جي ٿيوريءَ کي قبول ڪيو هو، ساڳئي وقت هن جبريت کي به پنهنجي تحريرن ۾ ڪنيو هو، پر سندس ڪم جو بنياد سماجي ۽ ڪرداري

نفسيات تي مشتمل هو.

ايدلر جي خيال ۾ ٻار جڏهن پيدا ٿيندو آهي تہ هو پنهنجي شروعاتي ڏينهن ۾ جيڪا شيءِ سڀ کان پهرين محسوس ڪندو آهي، اها ڪمزوري هوندي آهي، تنهن ڪري هو انهيءَ وقت کان وٺي طاقت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ڇو تہ هو جسماني لحاظ کان ويندي، پنهنجي ذهني دنيا تائين ٻين جو محتاج هوندو آهي، خاص طور تي جڏهن والدين کيس ڪنهن حرڪت کان روڪيندا آهن يا تنبيهہ ڪندا آهن، ان وقت ان کي پنهنجي گهٽتائيءَ جواحساس ٿيندو آهي، سندس اها ڪمزوري عضوياتي ڪمزوري هوندي آهي، ڇو تہ انسان عضون جي جڙ تہ هڪ رياست هوندو آهي، مختلف عضون جو ميلاپ (Combination) انسان آهي. هر عضوي جو پنهنجو ڪم ۽ پنهنجي طاقت هوندي آهي، پر جيڪڏهن ڪو عضوو ڪمزور آهي ۽ صحيح طرح سان ڪم نٿو ڪري تہ اها ڪمزوري سڄي عضوياتي رياست جي ڪمزوري بڻجي وڃي ٿي. مثال: جڏهن ننڍپڻ ۾ هو ڪجهہ ڪرڻ چاهيندو آهي ۽ سندس عضوا ڪمزوري سبب اهو ڪجهہ ڪري نہ سگهندا آهن ۽ پوءِ ان ۾ اتان کان ئي گهٽتائي جو احساس جنم وٺندو آهي ۽ اهو احساس ان وقت شديد ٿيندو آهي، جڏهن ٻار کي ڪنهن حرڪت کان روڪبو آهي، هو رد عمل ۾ اڇي اهو ڪم ڪرڻ چاهيندو آهي، پر سندس عضوا انهيءَ قابل نہ هوندا آهن. عضون جي گهٽتائيءَ جو هڪ سماجي پهلو بہ آهي. مثال اخلاقي قدرن ۾ ڊڄي ڪجهہ ڪري نہ سگهڻ بہ احساس ڪمتريءَ کي جنم ڏيندو آهي ۽ پوءِ اها گهٽتائي سڄي عمر ماڻهوءَ سان گڏ رهندي آهي. ڪنهن کي پنهنجي ڪاري رنگ جي گهٽتائي تہ، ڪنهن کي پنهنجي ننڍي قد هجڻ جو احساس تہ، ڪنهن کي وري وڏن ڏندن جي گهٽتائي جو احساس هوندو آهي، ان کان پوءِ ان جي جڏهن ڦوهہ جواني ايندي آهي ۽ هر عضوو پنهنجو پنهنجو ڪم ڪرڻ شروع ڪندو آهي تہ ماڻهو پنهنجي ان گهٽتائي کي ڪنهن نہ ڪنهن فن يا تخليق ڏانهن

موڙڻ جي کوشش ڪندو آهي. ماڻهو جڏهن پوڙهو ٿيندو آهي ته سندس عضوا، سندس ذهن جو حڪم مڃڻ کان انڪار ڪرڻ شروع ڪندا آهن، پر ان وقت ان جو سپ کان وڏو الميو اهو هوندو آهي ته سندس ذهن تمام گهڻو باشعور ٿي چڪو هوندو آهي ۽ جسم جي ذريعي حاصل ٿيل سک، سهوليتون ۽ لذتون سندس ذهن ۾ موجود هوندیون آهن. اهڙي وقت ۾ جڏهن ذهن Excite ۽ بالغ هجي پر جسم ڪم ڪرڻ کان لاچار هجي ته انسان ۾ هڪ قسم جو خطرناڪ مونجهارو جنم وٺندو آهي، جيتوڻيڪ اهڙي قسم جا مونجهارا سڄي عمر ماڻهوءَ سان گڏ هوندا آهن، جيڪا هڪ قسم جي عضوياتي احساس ڪمتري هوندي آهي، جنهن مان نڪرڻ لاءِ ماڻهو طاقت حاصل ڪرڻ چاهيندو آهي ۽ طاقت جون وري لکين صورتون آهن. جيئن پهلواني جي طاقت، اقتدار جي طاقت، دولت جي طاقت، حُسن جي طاقت، تخليق جي طاقت، پيار ۽ محبت جي طاقت، فن جي طاقت، راند روند جي طاقت، سيني ۾ ماڻهو پنهنجي احساس ڪمتريءَ کي ختم ڪرڻ گهرندو آهي ۽ پنهنجيءَ ذات جو اظهار ڪرڻ چاهيندو آهي. ايدلر جي انهيءَ نقطي بابت تمام گهڻن فلسفين ۽ نفسيات دانن پنهنجا نظريا پيش ڪيا آهن ۽ اهو ئي نقطو آهي ته ماڻهو آخر ڇا آهي؟ ڇا ٿو چاهي؟؟؟ سارتر جو خيال آهي ته انسان نيستي آهي. اها ڳالهه انهيءَ ڳالهه سان مشابهت رکي ٿي ته سندس وجود ۾ هڪ خال آهي. ايدلر چوي ٿو ته انهيءَ خال کي پُر ڪرڻ لاءِ انسان طاقت حاصل ڪرڻ چاهي ٿو، پر سارتر چوي ٿو انهيءَ خال کي پُر ڪرڻ لاءِ ماڻهو خود فريبيءَ جو سهارو وٺي ٿو، هو اهو ڪجهه ڪري ٿو، جيڪو اصل ۽ حقيقت ۾ آهي ئي ڪونه، يعني زندگي هڪ رومانس آهي، فطرت عالم ۾ خود فريبيءَ جو رومانس ئي هستيءَ جي حقيقت آهي.

هستي مڪمل هئڻ گهرجي، جيڪا گهٽ ۾ گهٽ انسان نه آهي، تنهن ڪري سارتر چيو ته انسان صرف انهيءَ وقت سڏائبو،

جڏهن هو کا 'شيءِ' نڻو بنجي ۽ کنهن شيءِ بنجڻ لاءِ هن کي پنهنجي خودیءَ ۾ پنهنجي اختيار کي ايارڻو پوندو، پنهنجي روايتن ۽ دائرن کان بغاوت ڪري، پاڻ کي مجائڻو پوندو، مطلب ته طاقت جو تصور سارتر وٽ انهيءَ 'شيءِ' مثل آهي، جنهن کي حاصل ڪري، ماڻهو پنهنجي وجود جي خال کي پرڻ چاهيندو آهي.

سارتر وٽ ان جا ٻه رستا آهن: هڪ خود فريبي جو ۽ ٻيو انڪار جو. خود فريبيءَ ۾ ماڻهو پنهنجيءَ ذات کي کنهن عمل جي ذريعي کنهن شيءِ مثل بنائڻ چاهيندو آهي، مثال: هڪ شادي شده جوڙو هڪٻئي کي يقين ڏيارڻ چاهيندو آهي ته هو هڪٻئي سان افلاطوني محبت ڪندا آهن ۽ ان لاءِ هو مثالي محبت ڪرڻ واري جوڙي وانگر عمل ڪندا آهن يا هڪٻئي سان اهڙو رويو رکندا آهن، جيئن کو نئون آفيسر جڏهن پنهنجي آفيس ۾ ڪرسيءَ تي اچي ويهندو آهي ۽

رُعب تاب رکڻ جي کوشش کندو آهي. هن سڄيءَ ڳالهه جو مطلب اهو آهي ته انسان جو پنهنجو کجهه به کونهي، هو دنيا ۾ فطرت جي قانون کانسواءِ چوندجي شعور جو قانون به کٽي اچي ٿو ۽ پوءِ جڏهن هو پنهنجيءَ ذات لاءِ کا چوند ڪري ٿو ته اها مصنوعي هوندي آهي، جو ته ان جي ذات جو حصو اها شي ناهي هوندي. بقول سارتر جي ته، انساني فطرت جهڙِي کا به شيءِ ناهي، ان ڪري هستيءَ لاءِ چوند ضروري آهي، ۽ ايدلر جي اها ڳالهه مشابهت رکي ٿي ته انسان جي هئڻ جو مطلب ئي اهو آهي ته هو پاڻ ۾ گهٽتائي کي محسوس ٿو ڪري، ٻيو ان جي وجود جي خال مان نڪرڻ جو طريقو انڪار ۾ آهي، جهن ۾ جبري طور مڙهيل پابنديون، ماڻهو جي آزاديءَ جو دائرو تنگ ڪري ڇڏيندیون آهن، ته ان وقت ماڻهو انهن پابندين جي خلاف بغاوت ڪري، پنهنجي وجود جو اظهار کندو آهي ۽ اهو ئي اظهار هن جي ذات جي گهٽتائي کي ختم کندو آهي.

انسان بيچين چو رهندو آهي؟ سندس اندر ۾ کوٽ کهڙي

آهي؟ هو آخر ڇا ٿو چاهي؟ ڇا واقعي اهو وجود جو خال آهي؟ ڇا واقعي وجود نيستي آهي؟

انهيءَ سوال جو جواب کارل مارکس پنهنجي مابعدالطبعيات ۾ هن طرح ڏنو آهي ته: ڪائنات جو بنياد جبلياتي ماديت تي رکيل آهي، هر ڪا شيءِ فطرت جي اصولن مطابق عمل ڪري ٿي، ان ڪري انسان پڻ مسلسل تبديلي چاهي ٿو، ڇو ته انسان سوچي ٿو ۽ پورهيو ڪري ٿو، جنهن ڪري هو پنهنجي سُک ۽ سهوليت لاءِ فطرت جي قانونن خلاف جدوجهد ڪندو رهي ٿو، پر سندس ذات ۾ گهٽتائي تڏهن پيدا ٿئي ٿي، جڏهن هن جو واسطو طبقاتي نظام سان پوي ٿو، جنهن ۾ سندس شخصيت مسخ ٿي وڃي ٿي ۽ سندس پورهئي جو استحصال ٿئي ٿو، ان وقت قدر ختم ٿيو وڃن ۽ ان جي جاءِ تي وحشيت ۽ بربريت جنم وٺي ٿي. ماڻهو حرص ۽ لالچ ۾ گهيرجيو وڃي ٿو، ذات جا منفي رجحان وڌي وڃن ٿا ۽ تبديليءَ جو عمل تباهه و برباد ٿي، تجريدي رخ اختيار ڪري ٿو. بنيادي طرح تبديلي ڪائنات جي ذري ذري ۾ موجود آهي، تنهن ڪري انسان تبديليءَ کانسواءِ رهي نٿو سگهي، اها ئي تبديلي آهي، جنهن کي ايڊلر ذات جو خال ٿو سمجهي.

انهيءَ ذات جي خال متعلق ۽ تبديليءَ جي سببن بابت فرائيڊ جو ٻه دلچسپ نقطه نظر آهي، فرائيڊ جو چوڻ آهي ته، جنس جا ٻه قسم آهن: هڪ جسماني طرح، ٻيو ذهني طرح. ذهني طرح جنس کي محسوس ڪرڻ ۽ انهيءَ جي لذت جي احساس کي فرائيڊ 'لبيڊو' جو نالو ڏئي ٿو. لبيڊو جا ٻه مرحلا آهن: پهرئين مرحلي ۾ انسان جسماني ضرورت ۽ جسماني آسودگي محسوس ڪري ٿو. ٻئي مرحلي ۾ ذهني سطح تي لذت کي محسوس ڪري ٿو. جسماني سطح تي ته انسان تبديلي نٿو چاهي، پر ذهني سطح تي لذت جي احساس ۾ هو تبديلي چاهي ٿو، اهو آهي جنس جو لبيڊو فارم.

آئون انهيءَ کي وڌيڪ Explain ڪندو هلان ته لبيڊو فارم

ڪٽي ب ماڻهو کي رکجڻ نٽو ڏئي، بلڪ ذهني سطح تي هو هميشہ لذت جي تبديلي چاهي ٿو، تنهن ڪري انسان هميشہ هڪ سک کان وڌيڪ ٻئي سک ڏانهن، هڪ حُسن کان وڌيڪ ٻئي حُسن ڏانهن ۽ هڪ منزل کان ٻي منزل ڏانهن هلڻ چاهي ٿو، چو ت انسان کي جانور کان جدا سندس لبيدو فارم ڪيو آهي، اهو ئي فارم تبديليءَ جو آهي. انسان جو وجود ئي انهيءَ سان آهي ت تبديل ٿيندو رهي ۽ اها تبديلي ڪجهہ اصولن تحت ٿيندي آهي. ڇڙواڳ ۽ بي ترتيب نہ ٿيندي آهي.

طبقاتي سماج ۾، انسان جي جبلت کي وڌ ۾ وڌ ڏڪ لڳو آهي، سو سندس لبيدو فارم جي فطري عمل جو دِسٽرب ٿيڻ آهي. يعني انساني عمل جو بنياد تباهہ ٿيڻ، چو ت طبقاتي سماج جا قدر متين طبقي لاءِ دولت گڏ ڪرڻ ۽ انهيءَ ۾ واڌاري ڪرڻ لاءِ ڪارآمد هوندا آهن، باقي وچون ۽ هينيون طبقو پنهنجي سڄي زندگي، پنهنجين ضرورتن ۽ تبديليءَ جي عمل لاءِ ڳهي ڳهي مري ويندو آهي. فطرت جي انهيءَ عمل کي تباهہ ڪرڻ سان، انساني ذهن تجريدي رخ اختيار ڪري چڪو آهي. سندس نفسيات ۾ جانورن وارا رجحان وري بيدار ٿي پيا آهن. ذات جو خال وڌي ويو آهي، چو ت ان جون بنيادي ضرورتون پوريون نٿيون ٿين.

هاڻي اسان طاقت جي فلسفي کي آسانيءَ سان سمجهي سگهون ٿا، جنهن سماج جو بنياد ئي طاقت تي رکيل هجي، يعني انسان جو جوهر طاقت ۾ منتقل ٿي ويو آهي ۽ انسان بنجڻ جا سڀ رستا طاقت جي حصول سان مشروط آهن، ان ڪري انسان بنجڻ لاءِ ماڻهو لازمي طور طاقت حاصل ڪرڻ چاهيندو، چو ت بيءَ صورت ۾ ماڻهو انسان بنجڻ جي عمل کان ڪٽجي ويندو ۽ هن طبقاتي سماج ۾ ائين آهي. هينئين طبقي ۾ انسان بنجڻ لاءِ اتساهہ ت هوندو آهي، پر اهو ان ۾ محروميءَ جو احساس وڌيڪ پيدا ڪندو آهي ۽ هو وڌيڪ ڏڪي انهيءَ ڪري ٿيندو آهي، جو هو حيواني زندگيءَ ۾

واپس وڃي نہ سگھندو آھي ۽ انساني قدرن جي حاصلات لاءِ ھن وٽ دولت نہ ھوندي آھي ۽ جيڪڏھن دولت ھوندي آھي تہ سماج ان جو متحمل نہ ھوندو آھي، ڇو تہ نيم انساني ۽ نيم حيواني سماج ۾ مستقبل جي اعليٰ آدرشن واري ڀرپور زندگيءَ جا خواب ڏسڻ وارو ماڻھو، خوش رھي نہ سگھندو آھي. ھو تہ اڪيلو ئي ھوندو، جڏھن طاقت ئي سڀ ڪجھ ھجي تہ پوءِ طاقت حاصل ڪرڻ جي ڊوڙ شروع ٿي وڃي ٿي ۽ طاقتور ھڪبئي سان مقابلو ڪرڻ شروع ڪري ڏين ٿا ۽ اھا ھڪبئي کان اڳيان نڪرڻ واري ۽ پاڻ کي منفرد حيثيت ڏيڪارڻ واري ڊوڙ ماڻھن کي انساني قدرن مان ڪيو ڇڏي ٿي.

طاقت جي فلسفي تي ھڪ ٻيو نقطہ نظر جرمنيءَ جي فلسفي نيٽشي ۽ علامہ اقبال جو آھي: اقبال جو چوڻ آھي تہ جيئن ئي انسان ۾ شعور ۽ پاڻ سڃاڻڻ جو علم اچي ٿو، تيئن انسان جي آزاد حيثيت بہ بحال ٿئي ٿي ۽ آھستي آھستي زندگي ھڪ اھڙي مرتبي تي پھچي وڃي ٿي، جتي سندس ذھني حيثيت بحال ٿئي ٿي ۽ اھا منزل خودي يا ذات جي شعور جي منزل آھي، جنھن ڪري انسان کي مرڪزي حيثيت ملي ٿي ۽ ھو ھڪ جدا قوت جي حيثيت سان پنھنجي رستي جو تعين پاڻ ڪري ٿو ۽ پوءِ ھو زمان ومڪان جي حدن مان نڪري ھڪ اعليٰ ھستي بنجي وڃي ٿو.

پر اھا منزل مقرر ٽيل ڇاپ يا يڪسانيت جو نالو ناھي، بلڪ نيون نيون خواھشون انھيءَ ۾ پيدا ٿيندیون رھن ٿيون، خدا بہ اھو ئي آھي، جنھن ۾ حقيقت ۽ خيال ٻئي ضم ٿي وڃن ٿا، تنھن ڪري انسان انھيءَ ھستيءَ جي خال کي پوري ڪرڻ لاءِ خودیءَ جي انھي منزل ڏانھن سفر ڪرڻ کان پوءِ ئي ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگھي ٿو.

سرمائيداري سماج جو بنياد حيواني سماج تي ٻڌل آھي، جنھن ۾ انسان مان سندس اندر جو انسان ڪيي مارڪيٽ ۾ رکيو وڃي ٿو، ھاڻي جيڪڏھن اوھان وٽ طاقت آھي تہ انھيءَ کي بازار

مان خريد ڪري ونو، نہ تہ ذلت جي زندگي گذاريو، ڇو تہ انسان جي تبديليءَ جو عمل ٻاهر جي مادي شين سان جُڙي وڃي ٿو ۽ اهي مادي شيون طاقت سان حاصل ڪري سگهجن ٿيون. سرمائيداري سماج ۾ طاقت جو قدر دولت تي رکيو ويو آهي، انهيءَ ڪري هر ڪو ماڻهو هڪ اڻ کٽ دوڙ ۾ لڳل آهي، تہ هو ڪيئن بہ ڪري کا نہ کا طاقت حاصل ڪري، انهيءَ متعلق وليم جيمس جو فلسفو بہ ڪافي مشهور آهي، جنهن جو اصل مقصد هي آهي تہ هر اها شيءِ جيڪا ذاتي فائدو ڏئي سگهي، يعني صداقت تيستائين آهي، جيستائين اها اسان جي زندگيءَ لاءِ فائديمند هجي، نتيجي پرستي، نتيجي ڪيڏ جو هڪ مخصوص انداز آهي، جيڪو اصول ضروريات، فطرت، انسانيت جي بجاءِ حاصل نتيجن ۽ واقعن کي ڏسندو آهي، ان ڪري انهيءَ فڪر ۾ انساني قدرن کي کا بہ اهميت نہ آهي، سي ڪجهہ لتاڙي اڇتي وڌڻ واري هوس هوندي آهي، جيڪا سماج کي بحران جو شڪار ڪري ڇڏيندي، ٻي صورتحال اها ٿيندي آهي، جو جمهوريت تہ آهي پر بقول برٽرينڊرسل جي تہ: "اها غريب کي بک مرڻ جي امير کي وڌيڪ دولتمند ٿيڻ جي لاءِ آهي". لکين آسائشون ۽ رنگين محفلون تہ آهن، پر انارڪيءَ جي دونهين ۾ سي ڪجهہ ڏنڏلو آهي ۽ اندر کاڏل ۽ دهشت ۾ پليل انسان اڪيلو آهي.

طاقت جي فلسفي جي حوالي کان اسان مقبول طارق جي ڪتاب "سنگين فڪري مغالطي" کي بہ نظر انداز نٿا ڪري سگهون، جنهن ٽئين دنيا جي ڪمزوري ۽ پستيءَ جو سبب بہ طاقت کي ئي قرار ڏنو آهي. هن ٽئين دنيا کي ترقي يافتہ ملڪن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ مشورو ڏنو آهي تہ کين کپي تہ طاقت حاصل ڪن ۽ ان ۾ ئي نجات آهي.

تنقيدي جائزو

ايڊلر جي خيال ۾ جنس جو به هڪ عضوي پهلو آهي، ٻين عضون کان جنسي عضوا وڌيڪ حساس ۽ پيچيده هوندا آهن، بلڪ اهي ذهني حالت ۾ ڪيفيت جو سڌو اثر قبول ڪندا آهن، ڇو ته جنسي عضوا ذهن جا محتاج آهن، انهيءَ لاءِ ٻن ذهنن جي هڪجهڙائي ضروري آهي، هڪٻئي کي قبول ڪرڻ ضروري آهي، تنهن ڪري اهو مسئلو ذاتي گهٽ ۽ سماجي وڌيڪ آهي، ان ڪري جو سماجي قانون ۽ پابنديون انهيءَ خواهش کي وڌيڪ نظم و ضبط ۾ آڻين ٿيون.

هتي ايڊلر جنس کي وجود جي جوش حيات مان ڪڍي، سماج جي تهذيبي سانچي ۾ وجهي ٿو ڇڏي، اهڙيءَ طرح ايڊلر جنس کي ثانوي مسئلو قرار ڏيندي، طاقت جي مسئلن کي بنيادي مسئلو بنائي ٿو.

نيٽشي وٽ لاشيءِ جو يا نيستيءَ جو تصور مرگ خدا جي تصور سان گڏ آهي. هو چوي ٿو ته، دراصل انسان کي کپي ته هو روح جي گهرائين ۾ خدا جي موت کي محسوس ڪري ۽ انهيءَ حقيقت کي تسليم ڪري، ته هن سڄي ڪائنات ۾ هو اڪيلو آهي، ان جي ڪا به آفاقي حيثيت ناهي، سندس نجات صرف انهيءَ ۾ آهي ته هو پنهنجيءَ ذات جي طاقت کي گڏ ڪري، نئين شڪل ۽ نئين معنيٰ ڏي، مطلب ته انسان کي پنهنجي دهشت، اڪيلائي ۽ ڏک جي منهن سامهون ٿيڻو آهي ۽ پنهنجيءَ هستيءَ کي ايترو ته طاقتور بنائڻو آهي، جو خود خدا هن جو پنهنجو بنجي وڃي. اهو آهي سپرمين جو تصور، اهو ئي فلسفو جڏهن پنهنجي فلسفياڻي جوهر مان نڪري سماجي يا سياسي فڪري ٿي پوي ٿو، ته اهو سرمائيداري سماج جو هٿيار بنجي وڃي ٿو، پر مسئلو اهو آهي ته انساني وجود کي آخر طاقت حاصل ڪرڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي؟

انهيءَ جواب لاءِ اسان وري به فلسفه لذت (Hedonism) جي مڪتب فڪر سان رجوع ڪنداسين، هڪ طرف ڪرب، پيڙا ۽ ڏک

آهي، ٻئي طرف لذت سرور ۽ خوشي آهي، توهان ٻنهي مان ڪنهن جي چوند ڪندا؟

جيڪڏهن توهان ڪمزور آهيو ته طاقت ڇا لاءِ حاصل ڪرڻ چاهيندا؟ مطلب ته طاقت جو ڪارج ڇا آهي؟؟ توهان جي ذات جي برتريءَ جوا حساس، توهان کي ڪهڙي سک ۽ سهوليت سان جوڙي ٿو، انهن سيني سوالن جي جواب ۾ هڪ ڳالهه لڪيل آهي. اها آهي ته انسان جيئڻ چاهي ٿو سندرتا، سک ۽ لذت سان ۽ انهن شين جي تبديلي واري عمل سان، انهن شين کان انسان هٿ کڻڻ نٿو چاهي ۽ جيڪو هٿ کڻندو آهي، اهو موت جي منهن ۾ هليو ويندو آهي.

ذات جو خال پرڻ لاءِ طاقت جي بجاءِ لذت ۽ خوشي کپي، وجود جو اظهار (Self Expression) کپي، ذهني سطح تي جنسي تسڪين (يعني لبيڊو فارم) کپي.

جيڪڏهن طاقت ئي سڀ ڪجهه هجي ها ته پوءِ ڪنهن پهلوان ماڻهوءَ کي اربين رپيا ڏئي، جهنگ ۾ موڪلي ڇڏجي ۽ پوءِ ان تي پابندي وجهي ڇڏجي ته هو هميشه اڪيلو رهي، ته ڇا اهو ماڻهو خوش رهي سگهندو؟ ۽ رڳو طاقت ئي سندس ڪم اچي سگهندي؟ يقيناً نه؛ ڇو ته دولت مان هو پنهنجي سُک ۽ سهوليتن واريون شيون ونڊ چاهيندو، جيڪي هن کي جهنگ ۾ نه ملنديون ۽ هو جيڪا شيءِ ونڊ چاهيندو، اها شيءِ لذت ۽ ذهني تسڪين لاءِ هوندي، ان جو مطلب ته بنيادي شيءِ دولت ۽ طاقت نه پر سُک ۽ آسودگي ۽ لذت آهي.

ڪارل مارڪس، سگمنڊ فرائيڊ ۽ سارتر وٽ جدلياتي فلسفي جي هڪجهڙائي

هر ڏسڻ واري جو پنهنجو انداز آهي. هر جانچ ۽ پرک جو پنهنجو اسلوب آهي. شين کي عام طور سان ڪثرتي انداز ۾ ڏٺو وڃي ته هنن جو پنهنجو وجود، پنهنجي انفراديت به هوندي آهي، پر غور ڪيو وڃي ته ڪٿي انهن ۾ هڪجهڙائي به هوندي آهي، اهائي هڪجهڙائي ڪائنات جي ڪثرت کي وحدت ڏانهن ونئي وڃي ٿي.

بظاهر مارڪس، سارتر ۽ فرائيڊ جي فلسفي ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. فرائيڊ جو موضوع نفسيات هو. سارتر وجودي هو ۽ مارڪس جدلياتي مادييت جو فلسفو ڏنو هو، پر هنن جي فلسفي جي تت ۾ حيرت انگيز هڪجهڙائي به موجود آهي.

مارڪس تبديليءَ جو بنياد مادي کان ڪنيو، جنهن ۾ هن واضح طور تي قانون متعارف ڪرايا. هڪ تضادن وارو قانون، ٻيو مقدار کان ڪيفيت، ٽيون نفي کان نفي وارو قانون. انهيءَ بنياد تي فطرت جي هر شيءِ تبديل ٿيندي رهي ٿي. غيرجاندار کان ونئي جاندار تائين جيڪا پڄ ڌاهه ٿئي ٿي، انهيءَ جو بنياد انهيءَ قانون تي رکيل آهي، پر ڇا انسان جو ذهن، شعور جدلياتي شعور مادي حالتن جي تابع آهي؟ جانور کان انسان بنجڻ واري سفر ۾ به مادي حالتن جو هٿ هو. جڏهن انسان هٿيار ڪنيو ته هو جانور کان علحده ٿي ويو، يعني محنت واري عمل ماڻهوءَ کي جانور مان انسان ٺاهيو. مارڪس چيو هو ته:

"The labour of millions of ordinary men and women constitutes the indispensable foundation of mankind's

life and progress. [1]"

مارڪس سماجي تبديلي ۽ ترقيءَ جو بنياد به پيداواري ذريعن جي تبديليءَ کان ڳاڻايو هو ۽ هن اهو به چيو ته معاشي حالتون ئي فلسفي جو تعين ڪنديون آهن. يعني انساني شعور به جدلياتي عمل ۾ آهي، پر انهيءَ تبديليءَ جو تعين مادي حالتون ڪن ٿيون، پر اتي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته آخر انسان هٿيار چو ڪنيو؟ ڇا انسان جي ذهن ۾ شعور جي اها خاصيت هئي ته هو مادي حالتن مان هي نتيجو ڪڍي؟ نه ته بي صورت ۾ ٻين جانورن لاءِ به اهي مادي حالتون هيون، انهن هٿيار چو نه ناهيو يا ڪنيو؟

> "The force by which the sexual instincts is represented in the mind we call "libido". Sexual hunger regarding it as analogous to the force of hunger or the will to power and other such trends among ego." [2]

لبيدو اها طاقت آهي، جنهن جي ذريعي جنسي جبلت کي ذهن ۾ نمائندگي ملندي آهي ۽ اسان لبيدو کي جنسي طلب به چئي سگهون ٿا ۽ شدت اختيار ڪرڻ کان پوءِ بک، هوس، طاقت جو رُخ به وٺي سگهي ٿي.

لبيدو فارم جي معنيٰ ويبسٽر آمريڪن ڊڪشنريءَ ۾ هن ريت لکيل آهي:

> Libido: psyche analysis, psychic energy generally specific a basic from of psychic energy comprising the positive loving instincts and of personal development [3]

هاڻي اسان لبيدو کي واضح طور سمجهي سگهون ٿا ته اها قوت آهي، جنهن ذريعي جنسي لذت کي ذهني طور محسوس ڪري سگهجي ٿو. اتي اها ڳالهه واضح ٿيڻ گهرجي ته جنس ٻن قسمن جي آهي، هڪ جسماني طور (جبلي طور ضرورت وقت) ٻيو ذهني طور. ذهني طور جنس جو تعلق صرف انسان سان آهي، اها قوت

جانور ۾ ناهي. جانور کي جڏهن جبلي طور محسوس ٿيندو آهي ته اها ضرورت پوري کندو آهي، پر انسان جو لبيدو فارم ارتقائي مرحلن مان ترقي کندو، اهڙي مرحلي تي پهتو، جو هن جو جدلياتي عمل واضح ٿيڻ لڳو.

لبيدو ذهني سطح تي مسلسل تبديلي ذريعي ترقي ڏانهن وجي ٿو. اڄ جيکا شيءِ مسرت، لذت ۽ سُک جو باعث آهي، سياڻي ان مان اها لذت نہ ملندي، تنهن کري ان جي کيفيت ۾ تبديليءَ جي ضرورت آهي. مثال انسان روز ککڙ جو گوشت نہ کائي سگهندو. کڏهن سبزي، کڏهن دال، کڏهن پلاؤ، کڏهن ٻوڙ، کڏهن کجهه ٻيو، پر يکسانيت مان هو کک ۽ بدذائقي وارو ٿي پوندو، ايتري قدر جو سندس پسنديده کاڏو کارايو وجي، بغير وقفي جي، ته هو هک ڏينهن الٽيون کري کڍي ڇڏيندو، پر کائي نہ سگهندو، تنهن کري تبديلي لازمي آهي. اهوئي سبب آهي جو ماڻهو وٽن جي پنن، کچو گوشت کائيندي سنا سنا طعام تيار کرڻ تائين اچي پهتو آهي. رهڻ جي جاءِ، فرنيچر، آسائشون، سواري سيني شين ۾ آهستي آهستي کيفيتي تبديلي کري انسان سک، لذت ماڻيندو رهيو آهي. فرائيڊ جنس کي به اهڙي عمل ۾ هئڻ واري ڳالهه کئي آهي. طبقاتي نظام ۾ مٿيون طبقو سُک، آسائشون، تبديليون پاڻ لاءِ مخصوص کري ڇڏي ٿو ۽ غريب ماڻهو ضرورت به پوري نٿو کري سگهي. تبديليءَ واري کيفيتي عمل مان گذري لذت، مسرت ڪٿان ماڻيندو؟ ۽ جيڪڏهن اهڙي کوشش هو کري به ٿو ته وري مٿان سماج جا قدر کيس روکي ڇڏين ٿا ۽ اهڙيءَ طرح لبيدو فارم جو جدلياتي عمل رُکجي وجي ٿو ۽ انسان بيهک (Fixation) جي کري جانوراٽي حالت ۾ پهچي وجي ٿو. ان وقت جدليات جو عمل صرف مادي طور عنصرن جو ٿئي ٿو، انسان جي ذهني کيفيت جو نٿو ٿئي، تنهن کري اسان چئي سگهون ٿا ته انسان جو جانور مان انسان ٿيڻ جو سبب لبيدو فارم آهي. مسلسل تبديلي ذريعي لذت جو حصول انهيءَ

کي مجبور ڪري ٿو ته هو هٿيار کڻي، هو حالتن ۾ تبديلي پيدا ڪري.

ياد رهي ته ضرورتن کي طبقاتي سماج ورهائي ڇڏيو ۽ سرمائيداري سماج وري ضرورتن کي صرف معاش جي دائري ۾ قيد ڪري ڇڏيو، اهوئي سبب آهي، جو اسان وٽ جنس ۽ معاش کي الڳ الڳ سمجهيو ويندو آهي. اصل ۾ اهي ضرورتون آهن، پهرئين جنس آهي يا معاش. اهو ٻاراڻو سوال آهي بلڪل ائين جيئن پڇجي ته پهرين پاڻي ضروري آهي يا ماني؟ يا ٻار پيدا ڪرڻ لاءِ عورت ضروري آهي يا مرد؟ ماڻهو مانيءَ کان بغير زندهه رهي نه سگهندو، جسماني طور مري ويندو، پر جنسي عمل کان بغير ذهني طور مري ويندو. (مطلب ته انسان مري ويندو، باقي جانور وجي رهندو).

مارڪس جو اهو جملو ڏاڍو معنيٰ خيز آهي ته:

"انسان کي ايا اُپرڻو آهي."

هاڻي توهان غور ڪندا ته مارڪس کان وڌيڪ فرائيڊ جي نفسيات ۾ سماجي انقلاب جي ڳالهه آهي. فرائيڊ جي لبيڊو جي تڪميل لاءِ مارڪس جي معاشي انقلاب جي ضرورت آهي.

ايا ٻه بنيادي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته آخر انسان ۾ لبيڊو چو آهي؟ ۽ لبيڊو فارم جي تبديليءَ واري ضرورت چو آهي؟ ان جو جواب وجوديت ٿي ڏئي:

سارتر چيو هو:

> "Being presupposes essence, although essence appears in relation to being returns to its ground, being is surpassed in essence".(94)

وجود جوهر کان پهرين آهي. پهرئين وجود پنهنجو پاڻ کي سامهون ٿئي ٿو، جوهر جي تشڪيل پوءِ ڪري ٿو، پر اهو جوهر هر ماڻهوءَ جو پنهنجو آهي ۽ اهو ٻه مستقل ناهي. مطلب ته انسان

پنهنجي دنيا خود تعمير ڪندو آهي، انهيءَ کري ته وجود هڪ مڪمل نيستي خال آهي ۽ انهيءَ خال کي پرڻ لاءِ هستي بنجڻ لاءِ ماڻهو مسلسل سرگرم عمل رهندو آهي، جو ته ڪابہ شيءِ سندس ذات جي خال کي پُر نہ ڪري سگهندي آهي. (انهيءَ کري ته ڪابہ شيءِ سندس وجود جي متحمل ئي ناهي، سندس طئي شده جوهر آهي ئي نہ).

انهيءَ کري هو مسلسل جستجو ڪندو آهي، پر رهندو اڌورو آهي ۽ اهو اڌورو پڻ جو احساس سڄي عمر کيس پٺڪائيندو آهي. هو هر وقت پنهنجي نيستي، خلا مان نڪرڻ لاءِ فطرت، سماج، رسمن، رشتن، آسائشن، تخيل، سان رومانس جو رشتو جوڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پر اهو خود فريبيءَ تي مبني هوندو آهي:

> "We say indifferently of a person that he shows signs of bad faith or that he lies to himself". (5)

تنهن کري انسان ڪنهن هڪ شيءِ تي ٽڪي بيهي نٿو سگهي. هو مسلسل چونڊ ڪندو رهي ٿو، اهو چونڊ جو عمل ڪڏهن بہ ختم ٿيڻ جو ناهي. ماڻهو ذات جي خلا کي انهيءَ وقت اجا بہ وڌيڪ محسوس کري ٿو، جڏهن وجودي وارداتن مان گذري ٿو. جهڙوڪ: موت، دهشت، بوريت، ڪراهت، واهيات پڻو وغيره. ۽ انهن وجودي وارداتن جو احساس ان وقت وڌي وڃي ٿو، جڏهن تبديليءَ جو عمل رکجي وڃي ٿو. لبيدو فارم جدلياتي عمل کان ڪٽجي وڃي ٿو، يا وري سماج بحران جي ور چڙهي وڃي ٿو، جيئن موجوده پاڪستاني سماج مڪمل بحران جو شڪار آهي. معاشي بحران، اخلاقي بحران، دهشت گردي، ويڳاٽپ، ڏيکاءُ پرستي، ناانصافي، بي وسي ۽ ڊپريشن وغيره.

جدليات جا رُخ صوفي ازم. هندستان جي قديم فلسفن جهڙوڪ: ٻڌازم، چارواڪ، ڪرشنا وٽ ۽ يونان جي هيراقليطس وٽ موجود هئا. سنڌ جي صوفي ازم ۾ بہ اهڙو طريقو موجود آهي، پر

فرق اهو آهي ته سنڌ جو تصوف مذهب سان ڳنڍجي ويو آهي، جنهن ڪري هنن وٽ وجود پهريائين ناهي، بلڪ جوهر مان نڪتل حصو آهي ۽ جوهر خدا آهن. انسان اڏورو خال آهي، هو مڪمل تڏهن ٿي سگهي ٿو، جڏهن خدا کي حاصل ڪري، يعني پنهنجي ذات کي خدا ڏانهن منتقل ڪري، انهيءَ لاءِ روحاني تجربن مان گذرڻو پوندو، عشق ڪرڻو پوندو، باقي دنيا ۾ دل لڳائي، رومانس پيدا ڪري، ذات جي تڪميل نٽي ڪري سگهجي، چوته اها مايا آهي، جنهن کي فنا آهي، پر شاهه لطيف رومانس جي به ڳالهه ڪئي آهي، پرپور زندگيءَ جي عشق ۽ محبت جي، پرينءَ جي پيار جي نينهن اڇل جي، يعني هڪ خوشحال سماج جي ڳالهه ڪئي آهي:

اَڳُڻ تَازيُون، ٻَاهِر ڪنديون، پَڪا پَٽ سُونهن،
سُرهيءَ سَيج، پَاسي پِرين، مَر پِيا مِينهن وَسَن،
اَسان ۽ پرين، شَال هُون بَرابَر ڏِينهَڙا.

شاهه لطيف جو اهو تصور ڪنهن سائنسي ڪميونزم، جدلياتي ماديت واري عمل ۾ رهڻ واري انسان کان مختلف ناهي.

هندستان جي ساڌن، يوگين، ٻڌن مسلسل تبديليءَ ۽ مسلسل ڏکن کان بچڻ لاءِ مايا سان دل لڳائڻ واري عمل کان بيزار ٿي، نرواڻ مڪتبي جي ڳالهه ڪئي، چوته مسلسل تبديلي ۽ ڇڄ ڇڄان ماڻهوءَ کي بيزار ۽ ماندو ڪري وجهي ٿي، ماڻهو وڌيڪ ڏکن ۾ هليو وڃي ٿو، پر فرائيڊ انهيءَ کان بچڻ لاءِ Sublimation مهذب پٽي جو فلسفو ڏنو. هن چيو ته انسان وٽ جانوراٽيون جبلتون آهن. مثال: چير ڦاڙ، وڙهڻ ۽ جنس وغيره.

> "Sublimation: which is the solution par excellence. Sublimation means transforming the instinct into socially useful, as when unsatisfied maternal instincts are transformed in to an interest in orphans or school, teaching and the aggressive instincts into an interest in

surgery". (7)

اهڙيءَ طرح سان جبلي حيواني ضرورتون، سماجي، انساني، ضرورتن ۾ تبديل ٿي وڃن ٿيون، پر ياد رهي ته پهريائين ضرورت آهي، جيڪا جانوراٽي وجود کي قائم رکي ٿي، پوءِ انساني ضرورت يعني ڪيفيتي طور تبديلي، يعني ضرورت پوري ٿيڻ کان پوءِ هو معيار (Quality) ڏانهن ويندو، انهيءَ ڪري شيخ ايياز چيو هو ته:

ڏؤ بنا ڏولا، ناهي سَاجاهه سُونهن جي.

چوته ڏؤ کان پوءِ ئي هن ۾ ذوق پيدا ٿيندو، بهترين چوند تڏهن ئي ڪندو، جڏهن هن وٽ سڀ ڪجهه مهيا هوندو، پر هن وٽ آهي ئي دال ته گوشت کائڻ وارو ذوق ڪٿان پورو ڪندو؟ سخت اُڄ مري رهيو هوندو ته گٽر جو گندو پاڻي به پي ونندو، سخت جنسي گهٽ ۽ هيجان ۾ طوائف وٽ به هليو ويندو، چو ته زندهه رهڻو آهي پر ڇا اها زندگي انسان جي هوندي؟ چوته صرف انساني خُلئي سان ماڻهو انسان نٿو ٿي سگهي، پر جيڪڏهن هر شيءِ ڪثرتي انداز سان بغير جهل پل جي موجود هوندي ته پوءِ ذوق واري مهذب طريقي سان چوند ڪندو، سڀني کان سڀني شيءِ ڏانهن ويندو.

انسان جي تخليق هئڻ جو اهو جدلياتي عمل ڪروڙن سالن جو آهي، گڏيل تجربن جو آهي، تنهن ڪري هڪ ڏينهن ۾ يا هڪ فرد جي زندگيءَ ۾ سڀ سهوليتون مهيا ڪري، ڪين جهنگ ۾ انسان نٿو بڻائي سگهجي.

آئون ايئن نٿو چوان ته ٽنهي فلسفين جي فلسفن ۾ ڪي اختلاف ڪونهن. ڪافي اختلافن جي باوجود هڪ جهڙايون به آهن، جن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي.

جيون هڪ بي معنيٰ سوال

ڪڏهن ڪڏهن سوچن جو اڻ کٽ سلسلو، سوچن جي ڪوهيڙي مان ٽيندو، هڪ نڪتي تي اوچتو ڪر موڙي بيهي رهندو آهي، ته جيون ڇا آهي؟ غير منطقي، بي ربط، جيون جو هي وهنوار سمجهه ۾ نه ايندڙ صرف وقت جي وسعت ۾ ڦهليو پيو آهي. جيون کي ڪو به نظريو، ڪا به آٽت ٽانيڪو ڪري نه سگهي آهي، شايد انهي ڪري ول ڊيورانٽ چيو آهي ته: "انسان غير فلسفيانه مزاج رکندڙ جيو آهي. هو ڪنهن به نظرئي سان هميشه لاءِ ٺهڪي نٿو سگهي." تاريخ شاهد آهي ته ڪو به رومانس، ڪو به نظريو، ڪو به مذهب، اڄ تائين انسان جو متحمل ٿي نه سگهيو آهي. زندگيءَ اها ريل گاڏي آهي، جيڪا پنهنجي تاريخي سفر ۾ لکين نظارا پار ڪندي رڳو هلندي رهي ٿي، ڪو به نظريو، ڪا به جڳهه هن جي منزل ناهي، ڪو به فلسفي، ڪو به گياني، ڪو به عالم هن جو مقصد طئي نه ڪري سگهيو آهي.

جيون جو موهه خود جبلي تقاضائن مطابق آهي، لذت، سک، خوشي، جيون کي برقرار رکڻ جو جبلي قانون آهي، پر جيون کي برقرار رکڻ جو ڪو منطقي جواز ناهي، ڇو ته جبلي قانونن جي انحرافي ڪندي، انسان تياڳي بنجي وسيع ڪائنات ۾ اڻ حل ٿيندڙ سوالن جا جواب ڳوليا آهن، خوشي نسبتي آهي، ڪهڙي به حال ۾ ڪٽي به ملي سگهي ٿي، جنهن لاءِ ڪنهن به حالت يا سهوليت جو شرط ناهي، جنهن ڪري هينئين پيماني کان وڌي مٿي تائين جستجو ۽ پيڙا جو تسلسل ساڳيو آهي. ڏک بادشاهن کي به آهي ته فقيرن کي به، طور طريقا الڳ الڳ آهن، مادي سهوليت ماڻهوءَ کي آهستي آهستي آرامده ۽ نازڪ بڻائي، ڏک ۽ پيڙا جي هڪ نئين سرزمين

مهيا ڪندي رهي آهي، جو تہ انسان صرف جبلي ۽ فطري پورائيءَ سان خوش نٿو رهي سگهي. سندس ٻيو ب مسئلو آهي، اهو 'شعور' جو آهي.

شعوري جياپو، شعوري نظر هڪ ڪنوڙ وانگر آهي، جيڪا لڪل ڪڍن کوٻن کان وٺي جهر جهنگ روشن ڪندي رهي آهي. تنهنڪري شعوري طرح جيئڻ سان ذهن ڪائنات جي وسعتن کان وٺي موضوعي سمنڊ ۾ گهمڻ لڳندو آهي، ان وقت شعوري جيئڻ جي معنيٰ چاهيندو آهي، اتان ئي ان جي اڻ تڻ شروع ٿيندي آهي، جنهن لاءِ قاضي قادن چيو تہ:

سي ئي سيل ٿيام، پڙهيام جي پاڻهان،
اکر اڳيان ايري، واڳون ٿي وريام.

۽ ٻڌائي چيو تہ:

اَلا ذّاهِي مَ ثِيَان، ذّاهِيُون ذُک ذِسَن.

ڪبير پڳت چيو هو:

جانت کو دکهہ هي اجانت کو سکهراج،
مورک بيچارا کيا جاني، جنين پيٹ پرٹ سو کاج

جو تہ ڏاهپ دنيا، سماج ۽ ڪائنات جي ڪاڪ محل مان قرندي آخر مابعد الطبعياتي ميدان جي اونداهيءَ ۾ مايوس ٿي وڃي ٿي. ڏاهپ ماڻهوءَ کي اڪيلو ڪري ڇڏيندي آهي، جنهن ڪري ان جي ننڍين ننڍين ڳالهين ۽ عام واقعن ۾ دل نہ لڳندي آهي. ڏاهو ماڻهو جيون جي حقيقت کي ڄاڻي وٺندو آهي، نتيجي ۾ هو دنيا جي مسئلن جي مهاڃار جي باري ۾ غور فڪر ڪندي نيستي (Nothing) ٿي وڃي پهچندو آهي، جتي اڳيان خاموشي ۽ ماڻ آهي، ڪو ب رومانس ناهي، ڪا ب شيءِ زندگيءَ کي معنيٰ نٿي بخشي.

قرآن شريف ۾ آهي: "بيشڪ انسان خساري ۾ آهي." هر

مذهب ۾ انسان جو زوال ڏيکاريو ويو آهي، توريت ۾ لکيل آهي: "مون کان اهو نہ پڇو تہ دنيا مسلسل برائي ڏانهن ڇو وڃي رهي آهي."

بس اها ئي جڳهہ آهي، جنهن تي پهچي شاعر چيو آهي تہ:

جيون ڇا آهي ڪوئي نہ ڄاڻي،
جنهن ڄاتو، تنهن پڇتايو.

اصل ۾ اها ئي غور ۽ فڪر جي منزل، جنهن کان وجودي فڪر شروع ٿو ٿئي. وجوديت کي انهيءَ ڪري فطري انسيت قرار ڏنو ويو آهي. سارتر وجود کي نيستي چيو آهي، ٿي ايس ايليٽ زندگيءَ کي اجڙيل زمين چيو آهي ۽ آخر ۾ مذهب ۾ پناهہ ورتي آهي. البرٽ کاميو چيو آهي تہ، زندگي واهيات آهي، بغاوت جي ذريعي ان تي قابو پائي سگهجي ٿو. ڪريڪي گارڊ پڇاڙيءَ ۾ پاڻ کي مورڳو ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو، نذرالاسلام چريو ٿي پيو هو. ٻٽائي موسيقيءَ ۾ پناهہ ورتي هئي. گهٽا فلسفي آخر ۾ مايوس ٿي اکيلائي جو شڪار ٿي ويا، ڪن تہ وري خودڪشي ڪئي.

ڪارل مارڪس، مابعدالطبيعات ۽ جدلياتي ماديت جو رخ ڏئي، فلسفي کي ڪائنات جي ڪاڪ محل مان سماج ۾ وٺي آيو. طبقاتي جدوجهد جو ماڻهن کي نئون رومانس ڏنو. اهڙيءَ طرح مارڪس ازم "زندگي ۽ موت کي نئون رخ ڏيڻ جي دانشورانہ ۽ مجاهدانہ روش آهي، جيڪا ديرپا ۽ فلسفي جي ذريعي عام ماڻهو کي 'شفا ڏيڻ جو بہ رستو' آهي.

پر فلسفو رڳو اتي بہ ختم نٿو ٿئي. انسان جو مسئلو، بي ربط زندگيءَ جي حقيقت کي منهن ڏيڻ جو سوال آهي، تاريخ ۾ فلسفياڻا سوال جن جي ذهن ۾ بہ آيا آهن، جيڪي مادي آسائش سان آراستا هئا، جن وٽ سڀ سک ۽ خوشيون هيون. جيئن گوتم ٻڌ آهي، جنهن بادشاهت کي ٺڪرائي جهنگ منهن ڪري نڪري پيو هو،

زندگيءَ جي اڻ تڻ بي معنيٰ سوالن جا جواب ڳولهڻ، جيتوڻيڪ هينئين طبقي ۾ ته ايجا به پنهنجي معاشي حالتن کي سڌارڻ ۾ موجوده دنيا ۾ آسائشون حاصل ڪرڻ جو رومانس موجود هوندو آهي. اهو ڪلاس زندگيءَ جي بي معنيٰ سوالن کان ڪجهه پڇيل هوندو آهي، ڇو ته ان ڪلاس لاءِ جلدياتي ماديت جي قانون مطابق مسلسل عمل جو رستو کليل هوندو آهي، پر متئين طبقي ۾ شعوري ماڻهن، ڏاهي ماڻهو لاءِ دنيا جا اڻ ڳڻت سوال سامهون آندا آهن، انهي ڪري ته ڪميونسٽ چوندا هئا ته مارڪس کان اڳ جو فلسفو يا زندگيءَ جي اهڙن سوالن وارو فلسفو اميرن جو فلسفو آهي.

اهڙيءَ طرح فلسفي ۾ اهڙا به شڪ شبها جاڳيا ته ذهن ۽ مادي دنيا شايد الڳ الڳ آهن. ڊيڪارٽ نظريو تعامل (Interactionism) ڏنو، جنهن ۾ هن ذهن ۽ جسم جي دنيا کي جدا جدا ڪري بيهاريو. هن چيو ته "مان سوچيان ٿو انهيءَ لاءِ مان آهيان." ساڳيءَ طرح علامہ اقبال پنهنجي وجود جي مرڪز کي پنهجي جسم کان جدا قرار ڏنو:

"فرشتہ موت کا، چوتا هي گو تيرا بدن،
تيري وجود کي مرڪز سي دور رهتا هي."

سچل سرمست به شعوري دنيا جا مرڪز ۽ اسرار جسم کان ٻاهر ڳوليا، هن چيو:

"مين تان کو ئي خيال هان،
ملسان نال خيال دي."

اهڙيءَ طرح فلسفي جي دنيا ۾ مابعدالطبعيات روحاني اسرارن کي ڪا معنيٰ نه ڏني، مذهب ڏانهن موٽي وئي، مذهب صرف خدا کي تسليم ڪرڻ تي نٿو ختم ٿئي، بلڪ پنهنجي ذات ڪمزوري، بي وسي، موت جي پيانڪ تصور لاءِ هڪ آٽت بڻجي وڃي ٿو. دراصل مذهب دنيا کي تياڳڻ جو هڪ منطقي نظريو آهي. مذهب بي ابدي دنيا جو تصور ڏئي موجوده دنيا کي فضول ۽ لاحاصل

قرار ڏئي ٿو. مذهب ۾ مادي دنيا تڇ آهي، نيڪي شرافت جو تصور مادي دنيا جي لذتن کان ڪناره ڪشي ڪرڻ ۾ آهي، پر ڊهريت پسند نظرين ۾ اهڙي آڻت ناهي، جنهن ڪري زندگيءَ بابت ٻه تصور جاڳيا، هڪ مايوسي وارو، جنهن ۾ زندگيءَ ڏکن ۽ سورن جو ٻيو نالو آهي، ٻيو اميد وارو ته ماڻهو پنهنجي پاڻ تي پرپور ڏيان ڏئي ۽ پاڻ تي پروسو ڪري سگهي.

مطلب ته جڏهن ڪجهه ٻه هئڻ جو بي معنيٰ سوال ڪر موڙي اُڻي ۽ اڳيان خاموشي کانسواءِ ڪجهه ٻه نه ملي، ته پوءِ انسان جي هٿ ۾ صرف چوندڙ رهي ٿي ته يا هو خودڪشي ڪري ڇڏي يا مادي ۽ روحاني لذتن واري پرپور زندگيءَ گذاري، يعني واپس زمين تي موٽي اچي ۽ رومانس ۾ زندگيءَ گذاري، بي معنيٰ سوال وساري جيون جيئن آهي تيئن گذاري. ڪارل مارڪس جو فلسفو اتان شروع ٿئي ٿو ته: جڏهن ماڻهو زمين تي موٽي پرپور زندگيءَ گذارڻ جو فيصلو ڪري ٿو، ته پوءِ زمين تي اهڙيون حالتون سازگار ڪجن. يعني طبقاتي گهٽ وڌائڻ خلاف جدوجهد ڪري، سماج کي جيئڻ لائق بڻائجي، پر فلسفو اتي ختم نٿو ٿئي. تمام گهڻا سوال ۽ وري نوان سوال تجسس ۽ وري تجسس، چو ته اهي سڀ شيون زندگيءَ گذارڻ جو هڪ رومانس آهن، پر زندگيءَ فطرتي تجسس کي پروڙڻ ۽ يڪسانيت مان نڪري بي معنيت جو جواب ٿي چاهي، تنهن ڪري زندگيءَ وري ٻه ڪميٽمينٽ مان نڪري وڃي ٿي، وري ٻه اهي سوال اهو بي تڪي پن جي بوريت، جيون جي انهيءَ خال کي تاريخ ۾ هر سوچڻ واري ذهن محسوس ڪيو آهي.

شيخ اياز انهيءَ متعلق اظهار ڪندي چيو هو:

”عمر گذري وئي اياز الا،
مون نہ جاتو ته نيٺ ڇاهيان مان.“

جيون جي خاليپڻي ۽ بي معنيٰ وجود کي معنيٰ ڏيڻ لاءِ

صوفين هڪ ٻيو رستو ڳولي لڌو. اهو هو 'عشق'، جنهن جو تصور قديم سنڌ کان وٺي جديد دَور تائين موجود آهي، قديم لوڪ يات فلسفين عشق کي مادي آسائشن ۽ جنس جي وسيع تصور ۾ ڦهلايو، جنهن ۾ هنن زندگيءَ جو مقصد صرف سڪ، لذتن کي قرار ڏنو. يونانين ۾ ايپيڪيورس جي فلسفي ۾ اهڙو پڙاڏو موجود آهي، پر تاريخ جا ورق اٿلائيندي اهو عشق زمين تي لهي ٿو اچي، انسان، انسان سان محبت ٿو ڪري، جنهن ۾ جنس کي وٺي معاشي، سماج جو وحدتي ۽ خوشحاليءَ وارو تصور جڙي ٿو. پٽائي وٽ اهڙو تصور موجود آهي:

خوشحالي:

اَڳڙ تَازي بَاهر ڪنديون پَڪا پَٽ سُونهن،
سُرهي سَيج پَاسي پِرين، مَر پِيا مِينهن وَسن.
اسان ۽ پِرين شَال هُون بَرابر ڏينهَڙا.

نينهن:

هَلو هَلو ڪَاڪ تَڙين، جِتي گهڙجي نِينهن،
نَ ڪَا رَات نَ ڏِينهن، سَيڪو پَسي پِرين کي.

جنس:

نيٽين نَظر نِينهن، جَڙون جِت جوڙيجن،
سَاهه اُنين تَان صِديق، اَندر سِين عُضون،
لاهي تِن لَطيف چَئي، اَنگ پٽ اڇجن،
هِيئين ۽ اکين، ڦاهِي ڪاڏِي پِرينءَ لاءِ.

زندگيءَ جو وسيع تصور ۽ صوفين جي عشق ۾ بهرحال فرق آهي، صوفين جو عشق انهيءَ شعوري اڇل کي ٽانيڪو ڪرڻ جو هڪ رومانس آهي، جوتہ سماجي قدر، ريتون رسمون، طبقاتي فرق، زندگيءَ کي مٽائي ڇڏيو، انسانيت کي مٽائي ڇڏيو، تنهن

ڪري قديم خوشحالي ۽ پيار وارو تصور مبهم بنجي ويو.

هن وقت موجوده بحراني سماج ۾ زندگيءَ اجا به واهياتپڻي، خاليپڻي، ويڳاڻپ کي سامهون کڻي آئي آهي. هي ڪمرشل دنيا خريد فروخت کانسواءِ ڪجهه به نٿي ڄاڻي، رشتا صرف معاشي بڻجي چڪا آهن، پيار، محبت، جذبا، احساس، سڀ ڪرنسي جي معيار تي ماپيا وڃن ٿا.

اهڙي صورتحال ۾ جيون وري به بي معنيٰ سوال بنجي وڃي ٿو، تڏهن ته شيخ ايياز چوي ٿو:

جيون سارو جڪ،
پيار به مري ويو،
وڃي رهي آهي رڪ،

۽ زندگيءَ کي هڪ وئيشيا سان تشبيهه ڏيندي چوي ٿو:

زندگيءَ، مجبور قعبه جي مثال،
ٿي ڪرين پنهنجي تبسم پائيمال،
آهه مصنوعي سندو حسن و جمال،
ناهه تو ۾ روح جي پاڪيزگي،
۽ نه ڪائي جسم و جان جي تازگي،
زندگي، او زندگي، او زندگي،

زندگي اهڙي ئي آهي، ڪروڙن رنگن ۽ روپن سان نروار، جنهن جو ڪو به روپ پنهنجو ناهي، ڪو به رنگ اصلي ناهي، بس خود فريبي جو ڄار آهي، دوکي بازيءَ جو ڪاڪ محل آهي، هر رويو هر مزاج پنهنجي دنيا رکي ٿو، جيئڻ جا پنهنجا گس آهن، جن جي ڪا به منزل ناهي، زندگيءَ اهڙو ئي سوال آهي، جنهن جو ڪو به جواب ناهي.

وجود کان وحدت الوجود تائين
(سنڌي سماج ۽ ادب جو بنيادي فڪر)

وجود

ڪو به شخص جڏهن چوي ٿو ته هي منهنجو وجود آهي ته هن جملي ۾ ٿورو غور ڪريو 'هي منهنجو وجود آهي' هي ضميراشارو آهي، جيڪو ڪنهن وجود ڏانهن ڪيو پيو وڃي، اهو وجود ڪنهن جو آهي ؟؟ پنهنجي پاڻ جو، ته اشارو ڪير پيو ڪري يعني 'آئون' ۽ وجود ۾ الڳ شيون آهن، جي آئون ۽ وجود گڏ آهن ته پوءِ هر شيءِ پنهنجو وجود چو نٿي ڳڻائي، هر شيءِ جو هئڻ يا مشاهدي ۾ اچڻ ئي سندس وجود جي علامت آهي پر 'آئون' کي پاڻ ڏانهن اشارو چو ڪرڻو ٿو پوي؟ موت کان پوءِ وجود موجود آهي، پر ان مان آئون نڪري ويئي. مادي يا روحاني وجود جو بنياد ڇا آهي ؟ جوهر ڇا آهي؟ هڪ ننڍڙو جيت به وجود آهي، ته همالايا جبل به وجود آهي، خود ڏرتي به وجود آهي، ڪائنات ۾ ديو قامت ڦرندڙ ستارا به وجود آهن ۽ جيڪو آئون ٿو چوي اهو به وجود آهي. سائنسدان چون ٿا مادو اهو آهي، جيڪو وزن رکي ٿو، جڳهه والاري ٿو، پر وزن وري به نسبتي آهي. مثال ڏرتي تي ڪنهن شيءِ جو وزن 60 ڪلو آهي ته چند تي ان جو وزن صرف 10 ڪلو ٿيندو، پر يورينس تي 600 ڪلو ٿيندو، پوءِ اصل وزن ڇا آهي؟ معنيٰ مادي ۽ وجود ۾ فرق آهي. شعور ڇا آهي؟ درد ڇا آهي؟ احساس ڇا آهي؟ خوشي ۽ پريشاني جيڪي نه وزن رکن ٿيون نه جڳهه والارين ٿيون ڇا آهن؟؟ ڊالٽن(John Dalton 1766 -1844) ائٽم جو نظريو ڏنو، هن سوچيو ته

مادو ٽوڙي ڏسجي ته آخر چا ٿو بچي؟ ان بنياد تي هن مادي کي ذرا ذرا ڪندي اهو نظريو ڏنو ته مادي جو آخري ذرو ائٽم آهي، جنهن کي وڌيڪ ٽوڙي نٿو سگهجي، ان کان پوءِ ردر فورڊ (Ernest Rutherford 1871 -1937) چيو ته ائٽم ۾ نيوٽران به آهي، وري نيل بوهر (Niels Henrik David Bohr 1885- 1962) آيو هن چيو ته ائٽم جا ٻاهريان خول به آهن جن ۾ اليڪٽران گردش ڪن ٿا ۽ آئنسٽان (Albert Einstein 1879-1955) چيو ته ائٽم کي ٽوڙي به سگهجي ٿو. ائٽم کي ٽوڙڻ سان ان مان خطرناڪ طاقت نڪرندي، ان جو مطلب ته ائٽم ۾ طاقت قيد آهي، معنيٰ مادي وجود هڪ قسم جو خول آهي طاقت کي قيد رکڻ جو. هاڻي وجود طاقت آهي يا مادو؟ يا ائين چئجي ته اصل قوت مادو آهي يا انرجي؟ چا ڪائنات کي ڪي ٻه قوتون پيون هلائين؟ وجود کي سمجهڻ لاءِ ثنوئيت يعني Dualism جي ٿيوري وجود ۾ آئي.

دوهي يا Dualism

هن نظرئي مطابق ڪائنات جو بنياد ٻن جوهرن ۽ حقيقتن تي مبني آهي. ڪيترن فلسفين هڪ قوت کي خير جي ۽ ٻي قوت کي شر جي قوت قرار ڏنو. سندن چوڻ هو ته هي ڪائنات ٻن جوهرن ۽ ٻن حقيقتن تي مبني آهي. هڪ خير جو خدا ۽ ٻيو شر يعني بديءَ جي طاقت. جهالت واري دور ۾ سينٽ آگسٽائن جو خيال هو ته ڪائنات ٻن جوهرن، هڪ مادو ۽ ٻيو روح جو ميلاپ آهي. دوهي جو وڏو مبلغ رين ڊيڪارٽ هو، جنهن جو خيال هو ته ڪائنات جي حقيقت ٻن قسمن جي آهي. هڪ دماغي قوت يعني شعور يا روح جي دنيا، ٻيو مادي وجود. ڊيڪارٽ جو خيال هو ته نفس ۽ مادو ٻه Parallel حقيقتون آهن، جيڪي pineal gland جي ذريعي پاڻ ۾ رابطو رکن ٿيون.

ڪثرتي نظريو Polytheism

هن نظريي مطابق ڪائنات جو جوهر هڪ نہ پر لاتعداد وجودن تي مبني آهي. هي ڪائنات لاتعداد خود مختيار شين جو مجموعو آهي. هن نظريي کي اسان بن حصن (1) مادي ڪثريت (2) روحاني ڪثرت ۾ ورهائي ڏسون ٿا.

(1) **مادي ڪثرت:** مادي ڪثرت جي دعويٰ آهي، تہ ڪائنات خودمختيار ذرن جو مجموعو آهي، قديم يوناني فلسفي ڪائنات جي بنيادي جوهرن کي چئن حصن ۾ تقسيم ڪيو هو، هوا، مٽي، پاڻي ۽ باهہ. اڄڪلهي سائنس ثابت ڪيو تہ ڪائنات جي طبعيات جا بنيادي عنصر 105 آهن، جن ۾ کي ذات جا آهن، کي گئس جا ۽ کي پاڻيائ جا ۽ انهن عنصرن کي هڪبئي ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو، پر هن نظريي ۾ هڪ خامي اها آهي، تہ اسان صرف ذرتيءَ جو مشاهدو ٻڌائي سگهون ٿا، پر سڄي ڪائنات جي طبعيات اها ناهي، ٻيو تہ هر بنيادي ذري جي ساخت ائٽم جي آهي. هر ائٽم جو ائٽمي نمبر الڳ آهي، پر ائٽم جي ساخت تبديل ڪري سگهجي ٿي، ان ڪري لاتعداد خودمختيار ايڪن وارو نظريو رد ٿي وڃي ٿو.

(2) **روحاني ڪثرت:** هن نظريي ۾ بہ نظريا موجود آهن. هڪ ڪثرتي خدائن وارو نظريو ٻيو مونادئيت وارو نظريو.

ڪثرتي خدائن جي نظريي مطابق ڪائنات مختلف ديوين ۽ ديوتائن جي ماتحت روان دوان آهي. قديم انسان بہ لاتعداد خدائن جو حامي هو، هن جو خيال هو تہ ڪائنات جي هر شيءِ جو الڳ خدا آهي، سمنڊ جو خدا، هوا جو خدا، رزق جو خدا، موت جو خدا، برسات جو

خدا، وغيره هر خدا پنهنجي منفرد دنيا جو مالڪ هو.

مونادئيت: هن فلسفي جو باني لائبنز (Labinz 1646-1724) هو. هن جو چوڻ هو ته، ڪائنات انتهائي سادي قسم جي ذرن جي نهيل آهي، جيڪي وڌيڪ ورهائي يا ٽوڙي نٿا سگهجن، پر اهي ذرا بنيادي طرح روحي طاقتون آهن، جن مان طاقت خارج ٿيندي رهندي آهي. ڪائنات جو سڄو نظام انهن روحي ذرن تي مشتمل آهي، مطلب ته جهڙيءَ طرح ائٽم جي ٿيوري مطابق ائٽم مادي جو ننڍڙو ذرو آهي، اهڙيءَ طرح موناد روح جو ننڍڙو ذرو آهي.

وحدت : Monism

هن نظريي مطابق ڪائنات جو حقيقي مواد صرف هڪ آهي، يعني ڪائنات کي ڪُل جي حيثيت سان ڏٺو وڃي ٿو، جنهن مطابق هڪ ئي مواد ڪائنات جو بنيادي جوهر آهي. وحدت جا ٽي قسم آهن: (1) مادي وحدت (2) روحاني وحدت (3) بي رنگ وحدت

مادي وحدت: هن نظريي مطابق ڪائنات جو حقيقي مواد مادو آهي، مادي کان علاوه ڪابه حقيقت ناهي. زندگي به انهيءَ جي هڪ اعليٰ باترتيب شڪل آهي، شعور مادي جي ارتقائي منظم شڪل آهي. قديم يوناني ڊيموڪريٽس، ليوڪريشس، هندستان ۾ چارواڪ ۽ جديد فلسفي ڪارل مارڪس(Karl Marx 1818- 1883) هن نظريي جا حامي هئا. هن نظريي مطابق ڪائنات پنهنجي مادي قوانين تحت هلي ٿي، ڪنهن به ٻاهرين قوت جو عمل دخل ناهي، هن نظريي جا ٻه گروپ آهن، هڪ مڪينڪل مادیت ٻيو جدلياتي مادیت. مڪينڪل مادیت ۾ هيگل جو شاگرد فائرباخ هن جو نمائندو هو، جنهن مطابق ڪائنات مادي جو مڪينڪل عمل آهي، منجهس ڪا به حرڪي قوت ناهي. جدلياتي مادیت مطابق مادو حرڪي آهي، جيڪو مسلسل پنهنجي قانون مطابق حرڪت ڪري ٿو. ڪارل مارڪس انهيءَ جا

مشهور ٿي قانون واضح ڪيا هئا 1. تضادن جو قانون 2. نفعي جو نفعي وارو قانون، ٽيون ڪيميت جو ڪيفيت ۾ تبديليءَ وارو قانون. ڪارل مارڪس سائنسي دريافتن ۽ ايجادن جي روشني ۾ تمام غير مرئي قوتن کان انڪار ڪيو، روح يا پراسرار قوتن کان انڪار ڪيو. هن صرف مادي وجود کي ئي ڪائنات جو جوهر قرار ڏنو. ويهين صدي ۾ آئنسٽائن جي ٿيوري آف رليٽوٽي جي اچڻ کان پوءِ هڪ نئون بحث چڙيو ته مادو پهرين آهي يا سگهه (Energy). آئنسٽائن اهو ثابت ڪيو ته ڪائنات جو راز وقت ۾ لڪل آهي. وقت هڪ اضافي شيءِ به آهي ته وقت رڪجي به سگهي ٿو. مادي جي بنيادي ايڪي ائٽم جي اندر اليڪٽران مادو به آهي ته سگهه به آهي، جنهن مان اهو بحث پيدا ٿيو ته ڪائنات فارمولائيز به آهي ته رينڊم به آهي، ان کان پوءِ اسٽيفن هاڪنگ (Stephen William Hawking 1942) وقت جي ٿيوري تي تحقيق ڪري نوبل انعام ڪنيو، هن جو خيال هو ته زمان و مڪان اضافي آهن ۽ صرف مادي دنيا ۾ ڳٽي سگهجن ٿا. ڪائنات جو عمل نهڙ ۽ ڌهڙ جو آهي، جيڪو هر وقت جاري آهي. ڪيترا سيارا ۽ ستارا پنهنجو ٻارڻ (Fuel) ختم ڪري بليڪ هول ۾ تبديل ٿي ويا. هڪ بليڪ هول ۾ هڪ انچ اسڪوائر مادي جو وزن هزارين ٽن ٿي سگهي ٿو، يعني ڪائنات سڪڙجي نڪتي ۾ سمائجي سگهي ٿي، جتان اسان کي Intangible مادي جو تصور مليو. پر ڪارل ساگان (Carl Edward Sagan 1934 – 1996) اڃا اڻٿي وڏي سائنسي فڪشن پيش ڪندي چيو ته ڪائنات کي واپس پنيان موٽائي سگهجي ٿو. وقت کي بيهاري عمر وڌڻ کان روڪي سگهجي ٿي. ڪائنات ۾ نه هيناهين آهي، نه مٿانهين آهي، نه طرف آهي، نه مرڪز آهي، نه وزن آهي ۽ نه رنگ شايد ڪو وقت به ناهي.

هنن تحقيقن مان هڪڙي ڳالهه ته ثابت ٿئي ٿي ته گهٽ ۾ گهٽ ڪائنات ڏاڍي پراسرار ۽ پيچيده آهي، صرف مادي وحدت ناهي.

روحاني وحدت :

روحاني وحدت مطابق ڪائنات جو بنياد روح يا سگهه، يا وري ڪو تصور آهي. روحاني وحدت جا ڪيترا قسم آهن. مثال: مابعدالطبعياتي روحانيت، علمياتي روحانيت، خيالي روحانيت، وغيره. روحاني وحدت يا خيالي وحدت جا ٻه اهم پهلو اسان جي سامهون اچن ٿا. هڪ معروضي خيال پرستي، ٻيو داخلي خيال پرستي. يونان ۾ افلاطون معروضي خّيال پرست هو، مغربي فلسفي اسپينوزا روحاني وحدت جو قائل هو، جنهن جو خيال هو ته دنيا جو آخري جوهر هڪ آهي. هيگل ٻه هن نظريي کي اڳتي وڌايو. هو هن جدلياتي طريقي ڪار جي ذريعي 'مطلق عقل' تائين پهتو، هن جو خيال هو ته مطلق عقل ئي ڪائنات جو جوهر آهي، جنهن پاڻ کي ڪائنات جي ڪثرت ۾ ظاهر ڪيو آهي. مذهبي دنيا ۾ وحدت جا ڪيترائي نظريا موجود آهن، جن ۾ الٰهيات، وحدة الشهود، وحدة الوجود، الا پرستي وغيره.

وجود جي دنيا ۾ سڀ کان انوکو نظريو ۽ جديد نظريو وجوديت (Existentialism) جو آهي، جيڪو ديني ٻه آهي ته لاديني ٻه آهي. بقول ڊاڪٽر افتخار بيگ جي ته "وجوديت پنهنجي ترقي يافته شڪل ۾ عهد حاضر جو عڪس آهي، پر ان جون پاڙون تمام پري ماضيءَ جي فلسفي جي تاريخ ۾ ٻه تلاش ڪري سگهجن ٿيون."[1] وجوديت بقول هنٽرميڊ جي ته 'هڪ فطري انسيت جو نالو آهي'.[2] پاڪستان ۾ وجوديت لاءِ هڪ تصور نهيل آهي، ته اها نفسياتي مونجهارن مان پيدا ٿي آهي، جنهن ۾ مايوسي، لاچارگي، بيوسي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ٻه ناهي. حقيقت ۾ ائين ڪونهي، هن فلسفي ۾

[1] ڊاڪٽر افتخار بيگ "وجوديت "سنڌي بڪ پوائنٽ اردو بازار ڪراچي 2011 ص 31

[2] Hunter mead "Types and Problems of Philosophy" Holt ,Rinchart and Winston , october 1962 p 412

وجود جي بنيادي ماهيت ۽ جوهر مطلق هڪ اهم بحث آهي، وجوديت صرف جان پال سارتر يا ڪريڪي گارڊ تائين محدود ناهي. وجوديت جو بنيادي بحث اسان کي ويدن ۾ به ملي ٿو. عيسائيت ۾، ٻڌمت ۾، جين مت ۾، اسلام ۾ ۽ صوفي مت ۾ به وجوديت جو اهو بحث ملي ٿو. وجوديت جي تت ۾ وجود لاءِ هڪ ئي راءِ آهي ته 'وجود هڪ خال ۽ نيستي آهي، اصل ۾ اسان جي ذهن ۾ هڪ امڪاني وجود آهي'.[1] وجود مان مراد پنهنجي وجود جو احساس آهي، پر اهو مڪمل ناهي اهو اڌورو آهي، منجهس ڪوٺ آهي، سڄي زندگي ماڻهو انهي ڪوٺ کي پوري ڪرڻ جي جدوجهد ڪندو رهي ٿو، پر اها ڪوٺ پوري نٿي ٿئي. ان جو سبب صرف اهو آهي ته وقت جي وهڪري ۾ سڀ ڪجهه لڙهي وڃي ٿو، هر لمحي انسان نئين صورتحال ۾ آهي، هر پل انسان نئون وجود آهي. علامہ اقبال انهيءَ ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪندي چيو هو ته:

فريب نظر هي سڪون وثبات
تڙپتا هي ذره ڪائنات
نهرتا هي نهين ڪاروان وجود
هر لحظہ هي نيا شان وجود [2]

چو ته هڪ انسان پنهنجي مرضي سان پيدا نہ ٿيو آهي، نہ وري سندس ڪو جوهر آهي. هڪ مذهبي ماڻهو ته اهو چئي سگهي ٿو ته انسان جو جوهر الله جي خوشنودي حاصل ڪرڻ آهي، پر ان لاءِ ته انسان جو روح ڪافي هو، نفس انسان کي چو مليو؟ جي اها ڳالهہ مڃي ونڃي ته انسان جي زندگي هڪ آزمائش آهي، ته ان لاءِ ته اها آزمائش هن وجود جو وڏو مسئلو بنيل آهي. انهيءَ ڪري ڪو به

---

[1]

[2] قاضي قيصر السلام "فلسفي کي بنيادي مسائل" نيشنل بڪ فائونڈيشن ڪراچي پهريون ايڈيشن 1976 صفحو 529

حتمي جوهر ناهي. **وجود اونداهي رات ۾ تانڊاٽي وانگر تجلا ڏيندو رهي ٿو، پر ان ڏانهن جيئن ئي هٿ وڌائي کيس جهلڻ جي کوشش ڪجي ٿي ته هو پنهنجي جڳهه بدلائي چڪو هوندو آهي.** اهڙيءَ طرح تجلا ڏيندڙ تانڊاٽي جي ڪابه راهه طئي ٿيل ناهي. هاٿي صورتحال اها آهي ته وجود جو اڌورو پن ۽ جوهر کان بغير رُڄ ۾ پٽڪڻ جو ڪرب ۽ لاچارگي اندر ۾ بي پناهه اضطرابي ڪيفيت پيدا ڪري ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ هو وري جدوجهد ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح هو مسلسل چوند جي عمل مان گذرندو رهي ٿو، پر کيس جوهر هٿ نٿو اچي، مٿان وري وڏو ڪرب ۽ خوف موت جو آهي. ماڻهو جمڻ کان ونی مرڻ تائين موت جي دهشت مان گذري ٿو.

اهڙي صورتحال ۾ انسان ڇا ڪري؟ هو پنهنجي وجود جو بار ڪنهن تي وجهي؟ ليوٽالسٽائي چيو هو ته: جي خدا ناهي ته سڀ ڪجهه جائز آهي. سارتر انهيءَ نڪتي کان اڳتي وڌي ٿو ته واقعي ئي انسان سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ آزاد آهي، بلڪ هو پنهنجي بي پناهه آزاديءَ جو بوجهه کڻي نٿو هلي سگهي، ڪنهن نه ڪنهن تي انهيءَ جو بار وجهندو آهي، انهيءَ ڪري اختيار ۾ وڏو درد به آهي، انهيءَ ڪري آدم ۽ حوا پنهنجي گناهه جو بوجهه شيطان تي وجهڻ جي ڪوشش ڪئي. اڄ به ماڻهو جي خاصيت اها آهي ته هو ڪنهن مذهب جو سهارو ونندو يا سياسي پارٽيءَ جو سهارو ونندو يا ڪنهن پير، مرشد جو سهارو ونندو جي ڪنهن تي به آزاديءَ جو بوجهه نٿو وجهي ته بيمار ٿي پنهنجي بيماريءَ تي پنهنجي آزادي جو بوجهه وجهندو ۽ پنهنجن فيصلن جي ذميداري کان پڃڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ آخر ۾ قسمت جو سهارو ونندو، پر اهو سڀ ڪرڻ جي باوجود به انفرادي ذات جي خالي پڻي کان، اڻ ڄاتل اڪيلائي کان، بوريت کان، بي تڪي پن کان جان نٿو ڇڏائي سگهي. جيئن وجود جو شعور وڌندو، اهي ڪيفيتون وڌنديون.

ڪن ڏاهن ماڻهن انهيءَ ڪرب مان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ

جو اهو حل ڪڍيو ته وجود کي وسارجي، پنهنجو ڏيان هٽائجي، صوفين مراقبي ذريعي ان جو حل ڪڍيو، ڪن موسيقيءَ ۾ پناھ ورتي، ڪن فطرتي نظارن ۾ پاڻ کي گم ڪرڻ جي کوشش ڪئي. انسان جڏھن فطرت جي ويجھو ھو، ته اجتماعي طور گڏ رھندو ھو، گڏجي شڪار ڪندا ھئا، گڏجي دل بہ وندرائيندا ھئا. مطلب ته انفرادي ذات اجتماع ۾ گم ھئي، پر جيئن انسان ترقي ڪئي، سائنسي ايجادون ٿيون ته انسان فطرت کان پري ٿي انفراديت حاصل ڪندو ويو. نتيجي طور وجود جو بوجھ وڌي ويو، ھاڻي جوھر جي تلاش ۽ اختيار لاءِ چوندڙ جي مرحلي مان پل پل گذري ذات کي مجرائڻو پوي ٿو. ذات جي مجرائڻ جا ٽي طريقا آھن: (1) بغاوت يا مزاحمت (2) عشق (3) تخليق

روايتي قدرن ۽ قانونن کان بغاوت ڪري پنهنجي ذات جو ڪارج حاصل ٿئي ٿو. ان ڪري وڏا وڏا سورما، انقلابي خوشيءَ سان ڦاھي تي چڙھي ويندا آھن، جيئن ميٿالوجيءَ ۾ شيطان جي بغاوت، يوناني ميٿالوجيءَ ۾ پرومٿيس ۽ سسيفس جي بغاوت مشھور آھي. سنڌ ۾ مارئي جي مزاحمت ۽ مورڙي جي مانگر مڇ خلاف مزاحمت وغيره. سنڌي قوم کي سندس سجاڻپ هميشہ مزاحمت ڪندي ملي آهي، جيئن انگريزن خلاف مزاحمت، سنڌ جي بمبئي کان ڌار ٿيڻ واري تحريڪ جي مزاحمت، ون يونٽ خلاف مزاحمت، 1983ع ۾ ايم آر ڊي واري تحريڪ ۾ مارشلا خلاف مزاحمت وغيره. هنن مزاحمتن ۾ سنڌي قوم کي پنهنجي وجود جي سجاڻپ ملي ۽ قوم متحد ٿي. دراصل مزاحمت ڪندي ماڻھو کي پنهنجي وجود جو جواز ملي ويندو آهي، کيس پنهنجي اهميت جو احساس ٿيندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو شاھ لطيف مارئي جي واتان هيئن ٿو چورائي:

سَکر سي ئِي ڏينهن، جي مُون گھاريَا بَند ۾
وَسَايَم وَڏ قُڙا، مَٽي مَاڙِيَن مِينهن
وَاجَھائيندي وصال کي، ٽِيَس تَنوارون تيئن

نير مُنهنجو نينهن، اُجاري اَچو ڪَيو.

شاھ جو ھي بيت بلڪل ان ڳالھ جي فلسفي جو پيش منظر پيش پيو ڪري، جيڪو سارتر پيش ڪيو ھو، سارتر خود پنھنجي ذات لاءِ چيو ھو تہ: " اسان کي الجزائر جي فوجين قيد ڪيو ھو ۽ تشدد ڪندا ھئا، پر اسان انھن کي ڪجھ بہ نہ ٻڌايو ۽ نہ آڻ ميجي، ان وقت اسان کي پنھنجي وجود جي اھميت جو اندازو ٿيو ۽ پھريون دفعو اسان کي مزاحمت مان سرور مليو. " اھڙيءَ طرح سسئي جبلن ۾ واڪا ڪندي، رڻ پٽ ۽ بيابان جھاڳيا، تڏھن ئي ڪيس ذات جو وجدان ٿيو، تڏھن ئي ٻڌائي چوي ٿو تہ: پُنھون ٽِيس پَاڻ، سَسِئي تان سُور ويا

عشق :

عشق پنھنجي وجود کي تسليم ڪرائڻ جو ٻيو نالو آھي. "خدا سونھن جو ڳجھو خزانو ھو، پنھنجو ئي جلوو پئي پسيائين تہ جنبش جاڳيس تہ پاڻ سجاڻجان" [1]

ھاڻي ھر ذري ۾ اھا ئي خاصيت آھي تہ پاڻ سجاڻجان ۽ تسليم ٿيان. جڏھن ڪوبہ عشق ۾ مبتلا ٿئي ٿو تہ دراصل ھن کي سجاڻپ ملي ٿي ۽ ٻئي جي اڳيان تسليم ٿئي ٿو. ان وقت ان شخص کي پنھنجي وجود جو وجدان ٿئي تہ 'مان آھيان' مون کي ڪنھن تسليم ڪيو آھي. اھا حيثيت سندس وجود جو جواز مھيا ڪري ٿي ۽ سندس جوھر بنجي ٿي، پر عشق جي خطرناڪ صورتحال ان وقت ٿئي ٿي، جڏھن ڪنھن کي نڪرايو وڃي تہ ان وقت وجود جو خالي پٽو ظاھر ٿيو پوي، وجود بي جوھر ٿيو پوي، جيڪو ناقابل برداشت

[1] پروفيسر يوسف سليم چشتي " تاريخ تصوف" دارالڪتاب اردو بازار لاھور 2009 ص 108

آهي، ان ڪري شاهه جي سُورمين جي ڪهاڻيءَ جي ٽرئجڈي شروع ئي اتان ٿئي ٿي، جڏهن ڪردارن کي نڪرايو وڃي ٿو، جيستائين پرين گڏ آهي، ماڻهو آرام (Rest Zone) ۾ آهي:

ڪَٽا مَنجهه قَرار، هُئا هيڪاندا سَنگ ۾

پر جيئن ئي محبوب نڪرائي ٿو. وجود جي بي چيني شروع ٿيو پوي. صوفين جي بقول ته زندگي دراصل آهي ئي هڪ وچوڙو، بي چين وجود جو اڌوروپن، مڪمل وجود جي ڳولا، تنهن ڪري شاهه جون سورميون ان وقت بي چين ۽ متحرڪ ٿين ٿيون، جڏهن نڪرايون وڃن ٿيون. **دنيا جي وڏي ۾ وڏي ٽرئجڈي ماڻهو کي نڪرائڻ ۽ نظر انداز ڪرڻ سان ئي شروع ٿئي ٿي.** بي معنيٰ ۾ ائين چئجي ته ماڻهو جي وجود کي تسليم نه ڪرڻ سان ٽرئجڈي شروع ٿئي ٿي. ماڻهو جو اڌوروپن ظاهر ٿيو پوي، جوهر کان ماڻهو خالي ٿيو پوي، پوءِ اهو نڪرايل ڪردار در در پٽڪندو رهي ٿو، واجهائيندو رهي ٿو، درد اندر ۾ سرايت ڪندو وڃي ٿو، ماڻهو پنهنجي داخليت ۾ ٻڏڻ لڳي ٿو. شاهه لطيف جا سڀ ڪردار انهيءَ موهه ۾ پٽڪندي، پنهنجي وجود جو وجدان حاصل ڪن ٿا، شاهه لطيف انهن ڪردارن جي ليلائڻ، واجهائڻ ۽ پٽڪڻ ۾ زندگيءَ جو مقصد واضح ڪري ٿو ته زندگي آهي ئي جدوجهد جو نالو، پر سڀ ختم ٿيڻ جي ناهي، هٿ ڪجهه اچڻو ناهي، يعني جدوجهد ته ڪرڻي آهي، پر لاحاصل، سڀ مايا جو موهه آهي:

چَئي چَنيسر جَام سِين، لِيلائي لَکائي مَ ٿُون
اَي ڪَانڌ ڪَنهن جو نه ٿِئي، نَڪا ٿُون نه مُون
روئندي ڏِنيون مُون، هِن دَر مَٽي دَادليون.

صوفين وٽ عشق آگهي ۽ عرفان حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي، يعني صوفين وٽ اصل علم عرفانيت جو آهي، جنهن ۾ وجود جو وجدان ٿئي ٿو، اهو دنيائي علم سان نٿو ملي، اهو صرف عشق

سان ملي ٿو، عشق جي آخري ڪيفيت اها آهي ته وجود سڄو خود ڪائنات بنجي وڃي ٿو، اهو احساس ٿئي ته جيڪي ڪجهه آهي، اهو محبوب آهي ٻيو ڪجهه آهي ئي ڪونہ:

ڪيڏانهن ڪَاهيان ڪَرهو، چَوڏَس چِتاڻو،
مَنجهه ۾ِي ڪَاڪ ڪَڪوري، مَنجهه ۾ِي لڏاڻو
رَاڻو ۽ رَاڻو، ناهي رَاڻي رِيءَ ڪو ٻِيو.

تخليق Creation

تخليق انسان جو داخلي فرياد آهي. تخليق انسان جو ٻيو جنم آهي ۽ تخليق اندر جي خاليپڻي کي پرَ ڪرڻ ۽ سجاڻجڻ جو ذريعو آهي.

انسان جو اهو ئي وجودي خالي پڻو ڪيس مجبور ڪري ٿو، هو اهڙو ڪجهه ڪري جو ڪيس تسليم ڪيو وڃي. فرائيڊ چيو هو تہ: انسان ۾ ٻہ اهم جبلتون ٿيندیون آهن 1. جبلت مرگ 2. جبلت حيات.

انسان هڪ وقت جي وهندڙ وهڪري ۾ تجلا ڏيندڙ وجود (Becoming Existence) آهي. وقت ڇا آهي ؟ تبديلي جو ماپو آهي. ملا صدرا وقت لاءِ چيو هو تہ "time is neither original nor ideal but "Quantity of motion."[1] ملا صدرا جي فلسفي ۾ idea of temporality موجود آهي يعني وجود جي حقيقت 'مطلق' ناهي. مطلق وجود صرف خدا /برهما جو آهي. [2] پر ان نيستي کي مطلق وجود جو گيان آهي. اڻ پوري وجود جو درد ۽ بي چيني انسان کي ڪيترين ئي نفسياتي خرابين جو

[1] Research Paper "conception time and being in the transcendent Philosophy of Mulla Sadra" by syed Alam Shah. Journal of Social Science and humanities volume 50 part -1 januarry and june 2011 university of Karachi.

[2] پروفيسر يوسف سليم چشتي " تاريخ تصوف" دارالڪتاب اردو بازار لاهور ص 42

شڪار ڪري ٿي. ماڻهو ۾ جبلت مرگ پيدا ٿئي ٿي، اها جبلت مرگ ماڻهو کي اذيت پسند بنائيندي آهي، ماڻهو پڄ ڊاهه جو شڪار ٿيندو، پر جبلتِ حيات تعمير پسنديءَ ڏانهن وڌي ويندي. تخليق دراصل ان جوش حيات جي اڇل جو نالو آهي، جيڪا جبلت حيات ڏانهن وڌي ويندي آهي. چوندا آهن ته تخليق درد مان جنم وٺندي آهي، اهو درد وجود جي اڌوري پن جو درد آهي، اهو درد ماڻهوءَ ۾ بن قسمن جون بيماريون پيدا ڪري سگهي ٿو: (1) Psychoses (2) Neuroses

Psychoses ۾ شيزوفرينا، چريائپ، وهم، خيالي شيون ڏسڻ، خفت (Phobia) اذيت پسندي، وغيره جهڙيون بيماريون جنم وٺن ٿيون.

Neuroses ۾ وري ڊپريشن، ذهني دباءَ، اضطرابي ڪيفيت، بي چيني، بوريت، مزو نه اچڻ، دل نه لڳڻ جهڙيون ڪيفيتون جنم وٺن ٿيون.

بنهي ۾ فرق اهو آهي ته هڪ ڪيفيت ۾ ماڻهو منفيت ڏانهن گهڻو ويندو، ڪيس خبر نه پوندي ته هو ائبنارمل آهي، ان ۾ جيڪي ڪيفيتون پيدا ٿيندين، انهن ۾ وهندو ويندو ۽ دماغي توازن وڃائي ويهي رهندو. بي ڪيفيت ۾ هو بي چين رهندو ته ڪجهه ڪجي، ڪا تبديلي هن جي ضرورت هوندي آهي. جيڪڏهن ان ڪيفيت کي ڪو مثبت رستو ملي ويو ته، ماڻهو ڪاميابيءَ جي رستي تي هلي پوندو. نه ته دريا ۾ گوتا پيو کائيندو. شاهه لطيف انهيءَ ڪري چيو هو ته:

جِنين جِت جَريو، ڏُونگر سَي ڏُورِيندِيُون.

علامه اقبال انهيءَ ڪري چيو هو ته:

خدا تجھے کسی طوفان سے آشنا کردے،
کہ تیری بحر کی موجوں میں اضطراب نہیں۔

وحدت الوجود :

اپنشد ۾ لکيل آهي ته: "هي ڪائنات سراسر دوکو ناهي بلڪ حقيقي آهي، هيءَ ڪائنات انهيءَ ڪري حقيقي آهي ته مظهر ذات حق آهي. غير حقيقي انهيءَ ڪري آهي ته ڪائنات وجود نہ پر عدم آهي، جڏهن ته برهما ته وجود آهي." [1] اڳتي وري اپنشد ۾ چيل آهي ته "ڪائنات کي مستقل حقيقي سمجهڻ سڀ کان وڏي ناداني آهي ۽ دوکو آهي. هيءَ ڪائنات ائين آهي جيئن سج مان ڪرٽا نڪري نروار ٿيندا آهن. خدا هر شيءِ ۾ جلوه گر آهي ۽ هر شيءِ ۾ ظاهر آهي. وري هڪ جڳهه تي لکيل آهي ته جنهن کي برهما جو گيان ٿي ويو، اهو برهمڻ ٿي ويو. [2] قرآن شريف ۾ لکيل آهي ته

" هوالاول والآخر و الظاهر والباطن وهو بكل شيءٍ عليم. 57/3

ترجمو: بس اهوئي هر شيءِ جي شروعات آهي ۽ هر شيءِ جو ظاهر آهي، ۽ هر شيءِ جو باطن آهي (اهو ئي اهو آهي). هو هر شيءِ جي ماهيت کان واقف آهي. [3]

وحدت الوجود، صوفي مت، ويدانيت، هم اوست جو بنيادي نڪتو اهو آهي ته 'وجود' هڪ آهي. ڪائنات نمو مسلسل (Becoming) آهي. بلڪ ائين چئجي ته ڪائنات ڪثرتِ وجود آهي. وجود جي وحدت جو آخري نڪتو زمان و مڪان کان بالا تر آهي. مادي وجود روح جو پردو آهي. مادي وجود فطرت ۽ زمان و مڪان ۾ قابو آهي. روح ڇا آهي؟ خود آگهي، ڄاڻ، علم، شعور، جوش حيات، محبت 'حق مطلق' آهي. روح فريب نظر ناهي پر هن روپي سنسار ۾ قيد آهي. روپي سنسار حق مطلق جو پاڇو آهي، هن دنيا جو ظهور حق جي ڪري آهي، جيڪو سچ آهي. باقي هي مايا نہ سچ آهي نہ ڪوڙ بلڪ آهي بہ ناهي بہ. مطلب ته دنيا جي حقيقت دريا مثل آهي، جيڪو هڪ

[1] پروفيسر يوسف سليم چشتي "تاريخ تصوف" محمد يوسف گورايہ دارالكتاب اردو بازار لاهور ص 16 كان 25

[2] ايضًا ص 21

[3] ايضًا ص 105

وهڪرو آهي. هڪ وقت ۾ نظر ۾ اچي ٿو ۽ سوچيو وڃي ته دريا هر لمحي نئون آهي. سائنس مادي علمن جو نالو آهي، پر تصوف روح جي سائنس آهي. مادي علم ڪتابن مان تجربي ۽ عقل مان حاصل ٿئي ٿو، پر روح جو علم عشق، درد ۽ فڪر مان حاصل ٿئي ٿو. مشهور فلسفي برٽرينڊرسل چيو هو ته:

"دنيا ۾ جيتري قدر عظيم ترين فلسفي گذريا آهن، انهن تصوف جي ضرورت جو ۽ اعتراف ڪيو آهي. انسان فڪر جي دنيا ۾ انتهائي بلند مقام صرف تڏهن حاصل ڪري سگهي ٿو، جڏهن هو سائنس ۽ تصوف کي سمجهي ۽ ان تي عمل ڪري. حقيقت اها آهي ته بهترين انساني خوبين جو اظهار صرف تصوف جي ئي ذريعي ممڪن آهي."[1] هن ڳالهه مان ظاهر ٿيو ته بهترين انساني ڪردار ۽ معزز شخصيت يا Genius تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن هو سائنس ۽ تصوف کي سمجهي ٿو، معنيٰ تصوف انسان جي ڪرداري سائنس آهي، جهالت ۾ انسان مايا جي روپي سنسار کي ئي سچ ڪوڙ سمجهي ڪوهه جي ڏيڏر وانگر زندگي گذاري ٿو ۽ خالي سائنس جو علم ماڻهوءَ کي مشين يا روبوٽ ناهي ڇڏي ٿو، پر تصوف ڪائنات جي ماهيت کي سمجهڻ ۽ پنهنجي ذات جي حقيقت کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

دنيا جي حقيقت ڇا آهي؟؟ صوفي چون ٿا دنيا ڪيڏي ۽ خوبصورت هجي، منجهس ڪيڏو ۽ رومانس هجي، ڪيتري ۽ جمالياتي هجي، ڪيتري ۽ لذت ۽ سڪ هجنس پر آهي سڀ موهه. هٽ ڪجهه ۽ ناهي اچڻو. شايد مصري شاهه انهيءَ ڪري چيو ته:

" عيش دنيا جا مڙئي مان وارا ملوڪ
سڪ هڪئي ساعت جو، ساري عمر جو سور ٿيو".

جيڪي ڪجهه آهي حاصلات آهي سڀ وقتي آهي، پر توهان

[1] پروفيسر يوسف سليم چشتي تاريخ تصوف محمد يوسف گورايه دارالڪتاب اردو بازار لاهور ص 09

ڪيترو به مادي حاصلات ڪريو، پر وجود جو خال اڃا وڌيڪ ظاهر ٿيندو، ڪوٽ وڌندي ۽ هوس وڌندي، شروعات جو ڪوبه انت ناهي. توهان کي ڪارون جا خزانا به پورا ڪونہ پوندا، خواهشون وڌنديون ويندیون، هيچ ۽ هوس لالچ، ڪروڌ وڌندو ويندو، تان جو توهان ۾ ڪوڙي انا، مايا پرجي ويندي، تان جو صرف ڪوڙو ڏيکاءَ وجي رهندو، جئين ماڻهو جو اندر کوکلو ٿيندو ته روح ان کان پري ٿي ويندو. ماڻهو غير انساني جيو بنجي ويندو.

اڪثر ماڻهو تصوف کي مذهب سان ملائي ڇڏيندا آهن. David Emile Durkhein جو چوڻ آهي ته تصوف جون پاڙون مذهب ۾ ناهن، بلڪ انسان جي وجود ۾ آهن. مذهب ۽ تصوف ٻئي سچائي کي پرکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، پر مذهب سماجي ظاهري رسمن جو شڪار ٿي صرف عقيدي تي هلي ٿو، جڏهن ته تصوف انسان جي ماهيت ۽ روحانيت جي اعليٰ قدرن جي جستجو ۾ رهي ٿو. [1]

وجوديت پرست چون ٿا ته انسان بي يار و مددگار، اڪيلو وجود جو بوجھ کڻي ڦٽڪندو رهي ٿو، جو ته نہ سندس جوهر آهي، نہ بقا آهي، نہ وري سندس وجود جو جواز آهي. انسان هڪ عظيم خال آهي، جنهن کي پرڻ لاءِ ڦٽڪي ٿو، پر خال پرجڻ جو ناهي. ساڳي ڳالھ تصوف ۾ موجود آهي ته ڪائنات مايا روپي سنسار آهي، ڪابہ شيءِ هٿ اچڻي ناهي.

تصوف جو بنيادي نڪتو اهو آهي، ته ماڻهو پاڻ سڃاڻي، خود آگهي ۾ اچي، پاڻ سڃاڻڻ جو طريقو هڪ رياضت ذريعي ٿئي ٿو، جنهن ۾ ماڻهو مادي حصول جي ڊوڙ مان نڪري آفاقي سوچ رکي ٿو، جنهن ۾ ماڻهو انا، غرور، ڪروڌ، تڪبر، وڏائي ڇڏي پاڻ ۾ عاجزي، انڪساري پيدا ڪري ٿو، درگذر، صبر، ڪهل، همدردي، پيار جهڙا جذبا پاڻ ۾ بيدار ڪري ٿو ته جنهن ۾ ماڻهو جو شعور زمان ومڪان کان بالاتر ٿئي ٿو، ڪائناتي جماليات سان سندس روح

[1] Pilgrim simon " Mysticism Madness Mania" Robert Laynton 2009 P 38-39

سرشار ٿئي ٿو ۽ کيس هم گيريت جو وجدان ٿئي ٿو، کيس ڪشف حاصل ٿئي ٿو، انسان ۾ خدا جاري و ساري ٿي وڃي ٿو، ان وقت انسان مڪمل ٿئي ٿو. هائڊيگر جو امڪاني وجود صوفي پنهنجي رياضت سان ماڻي ٿو. سارتر جو خالي وجود صوفي آفاقي بنائي، فطرت ۾ ضم ٿي وجود مڪمل بنائي ٿو. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته واقعي صوفي ڪشف ماڻي ٿو؟ يا سندس اها رياضت کيس نفسياتي مريض بنائي ڇڏي ٿي. هو Hallucination, illusion, Delusion, جو شڪار ٿي، شيزوفرينا (Schizophrenia) جو مريض ٿي وڃي ٿو. پلگرم سائمن (Pilgrim Simon) پنهنجي ڪتاب "Mysticism , Madness and mania" ۾ انهيءَ موضوع تي پرمغز فڪري بحث ڪيو آهي. هن جو چوڻ آهي ته: "schizophrenic is drowning in the same river in which the mystic swims in with delight" [1]

هن بحث ۾ صوفي ۽ شيزوفرينڪ مريض ٻئي هڪ پراسرار دنيا جي ڳالهه ڪن ٿا، ٻئي چون ٿا ته تجربي ۽ عملن مان جيڪو ملي ٿو يا حواسن ذريعي جيڪو محسوس ڪن ٿا، اهو بيان ڪرڻ مشڪل آهي. شيزوفرينڪ مريض وٽ ڪابه آئيڊيالاجي ناهي ۽ عام نارمل زندگيءَ ۾ به نارمل ناهي. هو وري حقيقت جي دنيا ۾ موٽي نارمل نٿو ٿئي، پر صوفي پنهنجي روزمرهه زندگيءَ ۾ نارمل ۽ حقيقت جي دنيا ۾ واپس موٽي اچي ٿو. صوفي صرف روحاني رمز جي خمار ۾ رهي ٿو، اها ايجا تحقيق طلب ڳالهه آهي ته روحاني دنيا ۽ نفسياتي بيمارين ۾ ڪو ڳانڍاپو آهي يا نه؟؟ جيڪڏهن دنيا حقيقي ناهي، صرف مايا آهي، ته پوءِ اسان سڀ شيزوفرينيا جا مريض آهيون ۽ خوبصورت هالوسينيشن جا شڪار آهيون. صوفي جي رياضت ۽ ڪشف شعور جي اهڙي شڪل آهي، جيڪا مراقبي ذريعي زمان و مڪان کان ٻاهر جهاتي پائي ٿي، جنهن کي بيان نٿو ڪري سگهجي.

[1] Pilgrim simon " Mysticism Madness Mania" Robert Laynton 2009 p 34

هندستان ۾ صديون اڳ مها يوگي، سنياسي ۽ ساڌو اهڙا يوگ ڪندا هئا، جنهن جي ذريعي هو وڏي جمار ماڻيندا هئا يا پنهنجي عمر بيهاري ڇڏيندا هئا. مطلب ته ڪائنات جو راز پروڙڻ جا جتن ڪيا ويندا هئا، صوفي مت به اهڙي قسم جي رمز آهي. هاڻي صوفي زمان و مڪان کا ٻاهر جهاتي پائي ٿو، پر پنهنجو دماغ به سالم رکي ٿو، پر جي دماغ سالم نه رکي سگهيو ته پوءِ چريو ٿي پوندو، انهيءَ ڳالهه کي اسان هيئن به سمجهي سگهون ٿا، مثال ڪو ماڻهو 2 صديون اڳ مري ويو هجي، ان کي وري جيئرو ڪجي ته هو هيءَ دنيا ڏسي واڻڻو ٿي ويندو ۽ ڪيس ڪجهه به سمجهه ۾ نه ايندو، چوته هو هڪ مخصوص زمان و مڪان جو عادي هو. هي ماحول هن لاءِ مڪمل اوپرو هوندو، جنهن لاءِ سندس شعور عادي نه هوندو، بلڪل اهڙيءَ طرح رياضت سان جيڪو ڪشف حاصل ٿئي ٿو، اهو موجوده زمان و مڪان کان ٻاهر جي سمان جو گيان ڏئي ٿو، انهيءَ کي شعور جي بلنديءَ، جڏهن ماڻهو کي آفاقي بنائيندي آهي، ته هو پنهنجي رويي ۾ صوفي ٿيندو آهي، جو ته ڪثرتي وجود پنهنجي جز جي خول ۾ قيد هوندو آهي، اوترو محدود زمان و مڪان ۾ قيد هوندو آهي. سندس سوچ ننڍڙي هوندي آهي، دنيائي حساب ڪتاب، مادي حاصلات ۾ هو صرف To Have ۾ جيئندو آهي، To Be ۾ نه جيئندو آهي. وجوديت ۽ صوفي مت جو بنيادي نڪتو اهو ئي ساڳيو آهي ته وجود کي To Be ناهيو. سچل سرمست جو هي شعر ڏسو:

پنيءَ جچ مَ ڃل منجهه تماشي نه ٿي
گهوٽ ڪري تون پاڻ کي ڪر هنگاما هل

نيٺشي انهيءَ کي اهو اعلان ڪيو ته پڳوان مري ويو آهي، هاڻ پاڻ کي پڳوان ناهيو. ايرڪ فرام پنهنجي ڪتاب "To have or to be" ۾ هن موضوع کي چگيءَ طرح زير بحث آندو آهي: سندس چوڻ آهي ته، انسان جو مادي وجود، ظاهري شڪل شبيهه، سندس شين سان تعلق، سندس شين جي مالڪي to have جي زمري

۾ اچن ٿا، پر محبت، جذبا، انسانيت، همدردي، رُوح جو سڪون، اطمينان، رشتا ناتا، ثقافتي سرگرميون، to be جي دائري ۾ اچن ٿيون[1]

هتي 'ٽو بي' جو مطلب سپرمئن يا هٿلروارو تصور ناهي، بلڪ وجود کي آفاقي بنائي پُر ڪري ٿو. اها صورتحال آهي، جڏهن ماڻهوءَ مان اهنڪار ختم ٿي ويندو، هوس، ڪروڌ، نفس پرستي نہ رهندي، بلڪ منجهس روحاني طاقت وڌڻ لڳندي، انهيءَ ڪري اسان صوفي مت کي نظريي کان وڌيڪ رويو سمجهون ٿا.

نتيجو: وجود جو هي بحث ثابت ڪري ٿو تہ: وجود مان مراد عام مادي وجود ناهي، دنيا جو ظاهري پاسو اصلي وجود جي ماهيت کي سمجهڻ کان قاصر آهي. انسان جي وصف جي اهم خاصيت ان جي روحاني زندگي آهي، يعني انسان هڪ جي خاصيت.

مادي دنيا جي هن واپاري دور ۾ هوس، لالچ، لوب، ۽ مادي حصول جي دوڙ ۾ ماڻهو جانور بنجي ويو آهي، ان مان انساني خاصيتون ختم ٿيندين وجن، انهيءَ ڪري دنيا کي تصوف جي ضرورت آهي، جيڪو ماڻهو مان شدت پسندي ۽ مادي هوس کي ڪڍي سگهي ٿو، ماڻهوءَ ۾ رواداري، خدا ترسي جهڙا گڻ پيدا ڪري سگهي ٿو. تصوف رُوح جي سائنس آهي ۽ وجود جي خال کي مثبت انداز سان پورو ڪري انسان کي ٽانيڪو ڪري سگهي ٿي.

[1] Erick Fromm " To Have or To be " the world perspective by harper & row 2nd edition 1997 p 2

حوالا: References

1. Erick fromm The Sane Society www.gofaster.net/books/.../Erich_Fromm_The_Sane_Society.pdf p56

.2 ڊاڪٽر افتخار بيگ "وجوديت" سنڌي بک پوائنٽ اردو بازار ڪراچي 2011ع ص:31

3. Hunter mead "Types and Problems of Philosophy" Holt ,Rinchart and Winston , October 1962 p 412

4.

.5 قاضي قيصر السلام "فلسفي ڪي بنيادي مسائل" نيشنل بک فائونديشن ڪراچي پهريون ايڊيشن 1976ع صفحو: 529

.6 پروفيسر يوسف سليم چشتي " تاريخ تصوف" دارالڪتاب اردو بازار لاهور، 2009 ع ص: 108

7. Research Paper "conception time and being in the transcendent Philosophy of Mulla Sadra" by syed Alam Shah. Journal of Social Science and humanities volume 50 part -1 januarry and june 2011 university of Karachi.

.8 پروفيسر يوسف سليم چشتي " تاريخ تصوف" دارالڪتاب اردو بازار لاهور، ص: 42

.9 پروفيسر يوسف سليم چشتي "تاريخ تصوف" محمد يوسف گورايه دارالڪتاب اردو بازار لاهور، ص: 16 ڪان 25

.10 ايضًا ص 21

.11 ايضًا ص 105

.12 پروفيسر يوسف سليم چشتي "تاريخ تصوف" محمد يوسف گورايه دارالڪتاب اردو بازار لاهور، ص: 09

13. Pilgrim simon " Mysticism Madness Mania" Robert Laynton 2009 P 38-39

14. Pilgrim simon " Mysticism Madness Mania" Robert Laynton 2009 p 34

15. Erick Fromm " To Have or To be " the world perspective by harper & row 2nd edition 1997 p 25

.16 شاهه جا بيت ٻانهي خان جي رسالي تان ورتل آهن.